
سوجهرو
سينگار ريندڙ:
مدد علي سنڌي
گنو سامتاڻي
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
پير عبيد راشدي
مشتاق شورو
نصير مرزا
مختيار ملڪ
امداد حسيني
لياقت رضوي
محمد علي پٺاڻ
منظور ڪلهوڙو
ڊاڪٽر مخمور بخاري
انور شيخ
ساحر راهو
سعيد ميمڻ
حسين جاگيراڻي
ڊاڪٽر شير مهراڻي
تاج بلوچ ۽ ٻيا
مدد علي سنڌي نمبر
سالگره مبارڪ
175

سوجهرو — آڪٽوبر 2013

ABC Certified

سال:15. شمارو:175. قيمت:50 روپيا. ڊيساور ۾ ساليانِي قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

# سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور



### مدد علي سنڌي نمبر


**انٽرويو:**

عهد ساز شخصيت... ڊاڪٽر شير مهراڻي

**مدد جو فن ۽ فڪر:**

اهرامن جي سحر ۾ ڦاٿل.... تاج بلوچ
مدد جي نثري شاعري... مدد سنڌي
تون سان نينهن اُڳهانجو... پير عبيد راشدي
سگهارو ڪهاڻيڪار... مختيار ملڪ
ديومالائي ڪردار... مشتاق شورو
لوَ ليٽر فار مدد... نصير مرزا
روشني ۽ پاريو... ڊاڪٽر مخمور بخاري
درياءَ دل... غلام حسين رنگريز
اڻ مِٽ سفر... امداد حسيني
اجاڙ ايوانن جو ڪهاڻيڪار... لياقت رضوي
اتهاس جي ڪنڍن جو رهواسي... گنو سامتاڻي

**نئون ناول:**

اسٽيل جا پنج گلاس (4)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**ڪهاڻي:**

ويڳاڻپ... محمد علي پٺاڻ
ڪائونسلنگ... منظور ڪلهوڙو
خفيه هٿ... انور شيخ
اڪ چنپ.... حيسب ڪانهيو

**بيت/وائيون/گيت/دوها ۽ نظم:**

انب گوپانگ، اي. آر. آزاد، مور مغيري، ساٿي محبوب زنگيجو ۽ شير هاليپوٽو.

**غزل:**

ساحر راهو، سعيد ميمڻ، حسين جاگيراڻي، زخمي چانڊيو، امين پٽو، خليل عارف سومرو، آٿم ارباب ۽ ڊاڪٽر مشتاق ڦل.

**جي مارن مونڊي موڪليا:**

ناز سنائي، مير محمد مقبول سومرو ۽ رضا لانگاهه.


## ٽچ مي پليز...

اپنشد (sermons) هلندڙ دور ۾ فلسفي جي لهر ۽ سلسلي جي ڪڙي آهن. متن جي لحاظ کان هومر کان به قديم ۽ جدت ۾ ڪانٽ کان به نوان ۽ همه گير.

اپنشد- اپ+ شد جو مرڪب آهي. اپ معنيٰ ويجهو ۽ شد معنيٰ ويهڻ يعني گرو ۽ چيلي، پير ۽ مريد جو علمي بحثن ۾ ويجهو ٿي ويهڻ ۽ انسان جي 'اندر' ۽ 'ٻاهر' جي اپياس لاءِ هڪ قسم جي ووڙ. جيڪا انسان سان انسان جو ناتو جوڙي ٿي. انهن مان ڪجهه خطبا ڏاڍا ڏکيا، قياس کان ٻاهر ۽ هڪٻئي سان ٽڪر کائيندڙ. مذهب ۽ فلسفي جي وچ ۾ تڪرار يا تصادم ڪي قائم رکيو اچن ٿا.

انهيءَ فلسفي موجب، بدن ۽ ڪائنات فنا ٿيڻا ئي آهن ۽ فنا ڪانپوءِ بدن جي ٻي جوڻ Transmigration ٿيڻي آهي ۽ ڪائنات ڪي به ساڳي پروسيس ڏانهن موٽڻو آهي. انهن خطبن ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنل آهي. 'مال ۽ مڏي ذريعي ابديت جي حاصلات ممڪن ئي ناهي.'

انسان جي وجود کي 'ڪُلُ' ۽ 'عقل' کي ڪُلُ جو هڪ 'جز' چون ٿا. جُزُ، ڪُلُ جي سمورن گنجريل فعلن کي سمجهڻ لاءِ ننڍو آهي. عقل ضرور ننڍو هوندو، پر تنهن هوندي به، عقل بنهه ناڪاري شيءِ ناهي. عقل 'شين' ۽ 'رشتن' کي هڪٻئي سان ڳنڍي ٿو. ان جي موٽ ۾ خطبن ۾ دليل ڏنل آهي. 'عقل، مباديات، ابديت ۽ انتها کي سمجهڻ کان قاصر آهي. ظاهريت ۽ شعور تي ٻڌل خاموش حقيقتن جي چٽي پٽي ادراڪ لاءِ، انسان کي 'دليل' ۽ 'حسيت' (sensibility) کان به گهڻو اڳيرو، ڪنهن 'شيءِ' جي گهرج آهي.

اسپينزا چيو، 'سڌو سنئون ادراڪ سچ ۽ سِڌي سنواٽي 'بصيرت' آهي.' جڏهن ته برگسان چيو، 'باطني مشاهدو، ٻاهرين احساس جا جهروڪا بند ڪري ڇڏيندو آهي.'

جن سنياسين ۽ جوڳين ابديت جي ڳولا ۾ ٻاهرين ڏيکاءُ سان ناتا ٽوڙيا تن اندران ئي اندران، 'اندر' جو ادراڪ حاصل ڪيو. پر جن ڪجهه نه وٺيو، چئبو ته انهن جو مشاهدو ۽ مشاهدي جي قوت مشڪوڪ هئي.

جيڪڏهن ڪو فرد، ٻاهرين عناصر جي خارجيت ۾ ڪوئجي وڃي ته پوءِ ڪيس 'الوهيت' جي اميد ڪان به مٿي ٿيڻ گهرجي. انهيءَ خيال جي تجزئي موجب، اندر جي حقيقت جي احساس ۽ ادراڪ لاءِ انسان کي پنهنجي جسم، روح ۽ سوچ ۾ لڪل 'شيطانيت' کي مارڻو پوندو. فرد جڏهن تن کي تسيا ڏيندو، تڏهن ئي اندر جي خاموشيءَ جو آواز ڪنائي سگهندو ۽ پوءِ سندس حسيت، صاف، شفاف ۽ نرمل بڻجي پوندي ۽ انساني 'نفس' روح جي گهري ساگر جو ڀاڱو بڻجي پوندو.

چون ٿا، 'اندر جو مشاهدو، فرد جو طبعي مشاهدو ناهي، بلڪ ذهن جي روحاني ڪيفيت جو نالو آهي. جيڪو 'روح'، 'آتما' تائين پهچي ٿو. 'آتما' ئي 'آخري منزل' آهي. سڀني روحن جو روح، سمورين ذاتين جي ذات. مُطلقُ غير مادي ۽ ابدي انفراديت فريب آهي.'

انهيءَ پراسرار عقيدي جي پهرين مرحلي جو مطالبو آهي، 'انسان جو جوهر ۽ وجود سندس ناهي. بدن پرايو آهي. نه هن جو دماغ آهي ۽ نه ئي هو ڪا نرالي شيءِ. سڀ ڪجهه 'آتما' ۽ ٻيو مرحلو 'برهما' آهي، جيڪو سڀني سان هم آغوش ٿيڻ وارو، دنيا جي ماهيت جي حيثيت رکندڙ ۽ اصلي ماهيت جو اصل.'

خطبن جو اهم نقطو، 'آتما ۽ برهما جو ميلاپ ائين آهي جيئن درياهه سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي اصليت وڃائي ڇڏيندو آهي يا جيئن ڪو ڏاهو يا عالم، پنهنجي نالي ۽ سڃاڻپ جي قيد کان آزاد ٿي انسان مان ديوتا بڻجي ويندو آهي.'

شوپنهار چيو، 'دنيا ۾ انهن کان مٿي ڪا سودمند ۽ وڏي ۾ وڏي مطالعي جهڙي ٻي ڪا شيءِ ئي ناهي. انهن جي اڀياس مونکي ڏکن کي سهڻ لاءِ، حوصلو، ڏڍ ۽ سڪون ڏنو. انهن جو اثر مون تي مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهندو.'

مسيح کان به گهڻو اڳي، فيلسوف 'ٻاجولنڪيا' ۽ سندس گهر واريءَ 'گاگريءَ' جا لڪيل اهي هڪ سو اٺ خطبا، نفسيات ۽ فلسفي جي لحاظ کان نئين عهد جي فرد وٽ، هڪي-تڪي ڄاڻ جو ڏاڍو پراڻو خزانو آهي، جيڪو انسان جي 'اندر' ۽ 'ٻاهر' کي سمجهڻ جي هڪ جاڪوڙ آهي- گانڌي، ٽيگور، شوپنهار، برگسان ۽ ايمرسن سميت، يورپ ۽ آمريڪا جي جديد عهد جون لکين هيڪل مايون ۽ ٽٽل دلين جا بيقرار مڙسالا، نه ڏسڻ ۾ ايندڙ جوهر جي هيڪڙائي واري الاهيات، ابديت ۽ عارفيت جي انهيءَ فلسفي تي موهت آهن.

**تاج بلوچ**


OFF: 0333_2013648
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
ايسوسيئيٽ ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد

خريداريءَ جا اگهه:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر: 177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.
فون: 5_021_34019264

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.





# مدد: عهد ساز شخصيت...

انٽرويو: ڊاڪٽر شير مهراڻي


**مدد علي سنڌي صاحب! پنهنجي پرسنل پروفائيل (خاندان، پاروتڻ، تعليم وغيره) بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟**

آئون ادبي توڙي صحافتي دنيا ۾ مدد علي سنڌي جي نالي سان سڃاتو وڃان ٿو. پر منهنجو اصل نالو مدد علي قريشي آهي. منهنجو تعلق سيوهڻ جي هڪ ادبي ۽ علمي گهراڻي سان آهي. جڏهن غلام شاهه ڪلهوڙي حيدرآباد شهر جو بنياد وڌو ته هن مختلف علائقن مان والينٽيرلي ماڻهن کي حيدرآباد گهرايو. اسان جا وڏا پڻ سيوهڻ مان لڏي حيدرآباد آيا. البت منهنجي ماءُ جو خاندان گهڻي عرصي تائين سيوهڻ ۾ ئي رهيو.

آئون 12 آڪٽوبر 1950ع تي حيدرآباد ۾ ئي پيدا ٿيس. مونکي اول سينٽ بوناچر اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، پر نه پڙهي سگهيس. پوءِ هوپ فل اسڪول، ميان علي بخش اسڪول ۾ به موڪليو ويس پر منهنجي پڙهڻ سان دل ئي نه لڳندي هئي. اسانجي پاڙي ۾ خلافتِ تحريڪ جي سرگرم ڪارڪن شيخ عبدالرحيم جي ڌيءَ غلام فاطمه شيخ رهندي هئي. اسانجي گهران جي اچ وڃ هئي. امان کيس مون بابت ٻڌايو ته 'هيءَ پڙهي ئي نٿو.' هن امان کي چيو، 'جي هي نٿو پڙهي ته منهنجي حوالي ڪيو آئون پاڻ ئي کيس پڙهائينديس.'

غلام فاطمه شيخ هندن جو هڪ ڇڏيل اسڪول پنهنجي نالي سان ڪولي گرلس اسڪول طور هلائڻ شروع ڪيو هو. هوءَ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي وئي ۽ آئون گرلس اسڪول ۾ اڪيلو ڇوڪرو هوندو هيس جيڪو اتي پڙهڻ لڳس. مشهور فلمي اداڪار مصطفيٰ قريشي جي ڀاڄائي مس حُسنه اتي ٽيچر هئي. ٻنهي ڄڻين مون تي سختي ڪئي. نيٺ اتان پڙهي نڪتس. مئٽرڪ مون گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان ڪئي. ۽ سچل ڪاليج مان بي.اي ڪيم. ان ئي دؤر ۾ مون قوم پرست سياست ۾ بحرو وٺڻ شروع ڪيو. پهريان ڄام ساقيءَ واري پارٽي ۽ پوءِ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن نالي هڪ گروپ ٺاهيوسين جنهن ۾ آئون، شاهه محمد شاهه، اقبال ميمڻ ۽ ٻيا دوست ايڪٺو ٿياسين. اسان ان دؤر ۾ اختر بلوچ کي جيل مان آزاد ٿِي اچڻ تي ڪاليج ۾ دعوت تي سڏايو هو.

ايئن مان سياست ۾ متحرڪ ٿي پيس. مونکي ياد آهي ستين ڊسمبر 1964ع تي جڏهن آئون ستين درجي ۾ پڙهندو هيس ته مادرِ ملت فاطمه جناح حيدرآباد آئي



هئي. آئون اسڪول مان گُسائي سندس جلسي ۾ ويس. ان دؤر ۾ سرڪاري اسڪول مان ڀڄڻ ڪا معمولي ڳالهه نه هئي. مان ۽ منهنجو هڪ دوست ريلوي اسٽيشن تي وياسين ۽ فاطمه جناح جي آجيان ڪندڙ ٽولي ۾ به رهياسين ته جلسي ۾ به موجود رهياسين. ٻي ڏينهن اسڪول ۾ پڇاڻو ٿيو. مون چيو آئون مادر ملت جي جلسي ۾ ويو هئس. هيڊماسٽر مونکي 15 ڏينهن لاءِ اسڪول مان خارج ڪري ڇڏيو. اها منهنجي پهرين رسٽيڪيشن هئي. پر پوءِ والد صاحب ڪمشنر تائين سورس لڳائي معافي وٺائي ڏني.

آئون جڏهن يونيورسٽي ۾ پڙهندو هيس ته انهن ڏينهن ۾ آئين خلاف ڪانووڪيشن ڪيس ٿيو هو. آئين ۾ صوبائي خودمختياري جو ذڪر نه هو. انهن ڏينهن ۾ آئون 'اڳتي قدم' نالي رسالو به ڪيندو هيس. اسان تحريڪ هلائي، ته يونيورسٽي ۾ جهيڙو ٿي پيو. مونکي پهريان ٽن سالن ۽ پوءِ پنجن سالن لاءِ يونيورسٽي مان خارج ڪيو ويو. نتيجي طور آئون ايم.اي نه ڪري سگهيس.

**توهان پهريان سياست شروع ڪئي يا لکڻ؟**

آئون سياست ۾ گهڻو اڳ اچي چڪو هيس. پر جيئن ته گهر ۾ لکڻ پڙهڻ جو ماحول هو. اسانجي گهر ۾ عاليشان لائبريري هئي. منهنجي والد مرحوم جي مرزا قليچ بيگ سان عليڪ سليڪ هئي. منهنجي ڏاڏي محمد يوسف قريشي جو ذڪر قليچ صاحب پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ۾ به ڪيو آهي. منهنجو وڏو ڀاءُ اردو ادب جو ڏاڍو شوقين هو. هن وٽ ان دؤر ۾ اردو جا رسالا نقوش، نيا دور، ۽ شعور مستقل ايندا هئا. مامي وٽ مهراڻ ۽ نئين زندگي جا پرچا ايندا هئا. ادي مرحوم وٽ منٽو ۽ قرت العين جا ڪتاب هوندا هئا. آئون پڙهندو هيس. پر شروع ۾ مونکي ڪجهه به نه ايندو هو. منهنجي پيءُ مونکي 'گلن واري ڇوڪري' ڪتاب آڻي ڏنو هو. آئون گل ڦل رسالو شوق سان پڙهندو هئس. روح رهاڻ جي گڏجاڻين ۾ ويندو هئس. ائين ادب مان سان جڙيو رهيو.

ٻي پاسي ايوب جي دؤر ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ جهڙوڪ گهرن ۾ گهڙي آئي هئي. اسان گهڻا متحرڪ هئاسين. حيدر بخش جتوئي جڏهن آزاد ٿي آيو ته اسان دهلن دمامن سان کيس اسٽيشن تان هوش محمد شيدي جي قبر تائين وٺي آياسين. شيخ اياز به آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ جلوس جي صورت ۾ هوشو شيدي جي قبر تي آيو هو. چوٿين مارچ 1969ع تي هڪ شاندار جلوس ڪڍيو ويو هو. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ائين ڪٽي سمجهو ته هڪ تحريڪ جو مرڪز هو. وڏا وڏا جلسا جلوس ٿيندا هئا. ميڙاڪا ۽ تقريرون ٿينديون هيون. اسان وڏي چاهه سان انهن ۾ شريڪ ٿيندا هئاسين. توڙي جو آئون چوندو آهيان ته آئون اڳ ۾ سياست ۾ آيو هئس. پر حقيقت ۾







سياست توڙي ادب اسان وٽ 'پٽ' Parallel رهيا آهن.

**اوهان يا اوهان جي دوستن پاران ڪيل ڏکي قومي جدوجهد ڪنهن به منطقي نتيجي تي نه پهتي، ڇو؟**

ان تي گهڻو ڳالهائي سگهجي ٿو. پر ڏنو وڃي ته تحريڪ ڪامياب رهي. تاج بلوچ صاحب گواهه آهي ته اهو دؤر به هو جو 'سنڌ' لفظ لکڻ به ڏوهه ڪرڻ جي برابر هو. ان دؤر ۾ سنڌي اديبن ٻولي جي بچاءُ ۾ تحريڪ شروع ڪئي. ون يونٽ خلاف آواز اٿاريو. سنڌ کي صوبائي حيثيت ملي. ٻولي کي پڻ مڃتا ملي. اها دراصل تحريڪ جي ڪاميابي ئي هئي. جنهن دؤر ۾ 'شريف ڪميشن' وسيلي سنڌي ٻولي کي 'ذريعي جي ٻولي' تان خارج ڪيو ويو هو. **[22 نومبر 1960ع سنڌي ادبي سنگت پاران وڏو جلسو ڪيو ويو. انهن ڏينهن ۾ ٽڪا خان حيدرآباد جو ڪور ڪمانڊر هو. هو ايڏو وڏو جلسو ڏسي حيران ٿي ويو. ۽ شريف ڪميشن کي پنهنجو فيصلو واپس وٺڻو پيو. ان تحريڪ ۾ مدد نندو هو. پر لالا ممتاز ۽ ٻيا دوست به اسان سان گڏ هئا- تاج بلوچ]**

تاج صاحب، برابر آهي ته انهن ڏينهن ۾ سنڌي جي سڃاڻ ختم ڪرڻ جون سازشون ٿي رهيون هيون. الطاف گوهر پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته ڪيس چوڌري محمد علي چيو هو ته هنن ڪراچي ۾ هڪ رٿا هيٺ ڪراچي ۾ اردو اسپيڪنگ کي هٿي وٺرائي پئي وڃي چاڪاڻ ته ڪين ڊپ هو ته سنڌ جو پڙهيل لکيل طبقو ڪنهن به وقت سنڌن لاءِ آزار پيدا ڪري سگهي ٿو. ان سڃي وايومنڊل جي موٽ ۾ قومي تحريڪ جهڙوڪر حيدرآباد جي گهرن ۾ گهڙي آئي. حيدرآباد تحريڪ جو مرڪز هو. پاشاني ۽ ولي خان پڻ انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد آيا. انهن ڏينهن ۾ سياستدان ريل رستي ايندا هئا ۽ ماڻهن سندن آڌرڀاءُ لاءِ دهلن شرناين سان وڏن جٿن جي صورت ۾ اسٽيشن ويندا هئا. آئون پڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ ممتاز علي قريشي سان گڏ اهڙن هنڌن تي ويندو هئس. منهنجو وڏو ڀاءُ ممتاز قريشي انتهائي اورچ انسان هو. هو اردو توڙي سنڌي ادب جو وڏو چاهيندڙ ۽ قومي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن هو. مونکي ياد آهي هو هڪ ڀيرو مون کي سکر وٺي ويو هو. جتي راجا ڏاهر کي سلام ڪرڻ سان گڏ اسان پراڻي سکر ۾ هيمون ڪالاڻي جو گهر ڳولي لڌو هو. اَدي، اتان ٺوڙي مٽي شيشي ۾ ڪٽي اهو وچن ڪيو هو ته هو ترت اهو گهر خريد ڪري قومي تحريڪ جي ورثي ۾ شامل ڪندو.

اسان جو گهر جيڪو 1972ع ۾ سينٽرلي ايئر ڪنڊيشنڊ هوندو هو، اهو جهڙوڪر قومي تحريڪ جو پليٽ فارم هو. مان جيڪڏهن ڪجهه ڪري سگهيو آهيان ته اهو پنهنجي ڀاءُ جي طفيل. هن ڪڏهن به مون تي ڪنهن طرح جي ڪابه سختي يا بندش نه وڌي. ايتري تائين جو جڏهن منهنجو والد صاحب زيدي ڪيس ۾ جهلجي ويو. امڙ کي پڻ لاڪپ ڪيائون ۽ آئون انڊر گرائونڊ هليو ويو هوس. تڏهن به ڀاءُ ڪڏهن منهن ڪونه گهنجايو. ۽ نه ئي ڪڏهن هن منهنجي سياست تي ڪو اعتراض واريو. 1978ع ۾ جڏهن مون تان ڪيس ختم ٿيا ته مون پاڻ سياست تان استعيفيٰ ڏئي صحافت شروع ڪئي. ۽ 1980ع ۾ 'سنڌ نيوز' جوائين ڪئي.

**سنڌي صحافت سنڌ جو ڪيس ڪهڙي طرح وڙهيو يا سنڌي اخبارن جو ڪردار قومي تحريڪ دؤران ڪيئن رهيو؟**

ڪو دور هيو جو اخبارون سڌو سچ لکڻ لکڻ کان لنوائينديون هيون. اهو ايوب جي آمريت جو دؤر هو. انهن ڏينهن ۾ وري سنڌي رسالن خوب نڀايو. پر ٿورو پوءِ ڀٽي جي دؤر ۾ سنڌ جي 72 پبليڪيشنس تي بندش مڙهي وئي. جن ۾ سهڻي، سوجهرو، اڳتي قدم، برسات، تحريڪ وغيره شامل هئا. طارق اشرف جيل ويو. ان وقت وري اخبارن پڻ موڪيو. پر اخبارن تي سينسرشپ لڳل هوندي هئي. انهن ڏينهن ۾ هلال پاڪستان، عبرت، سنڌ نيوز، آفتاب ۽ مهراڻ ۽ ٻيون اخبارون نڪرنديون هيون. اخبارن جو مواد انفارميشن ويندو هو. جتان فوجين هٿان پاس ٿي وري دفتر ايندا هو ته اخبارون ڇپجنديون هيون. ايم-آر-ڊي دؤران پڻ اخبارن پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو. مون سمباليڪل طريقي سان لکڻ شروع ڪيو. اسانکي هر مهيني ٻه دفعا گهرايو ويندو هو. جن ۾ قاضي عابد، سردار علي شاهه، ذاڪر شاهه، شيخ علي محمد ۽ آئون ويندا هئاسين. سنڌ نيوز، عبرت ۽ مهراڻ خاص طور ايم-آر-ڊي دؤران بهترين ڪردار نڀايو. آئون ۽ شمشير الحيدري خاص طور مدي خارج خبرن بدران ڪم واريون خبرون هلائيندا هئاسين. شمشير الحيدري کي هڪ ئي مهيني ۾ هٽايو ويو. پر آئون پنهنجو ڪم ڪندو رهيس.

**توهان اڳتي قدم رسالو ڪڏهن ۽ ڪيئن شروع ڪيو؟**

1970ع واري عرصي ۾ سستائي هئي. اڄ جيڪو رِم 11 سؤ رپين ۾ ملي ٿو، تڏهن ڏهين رپين ۾ ملندو هو. مان سوڀي گيانچنداڻي وٽ لاڙڪاڻي ويس ۽ ڪانئس 'بچاءُ بند' ڪهاڻي لکائي آيس. پهرين پرچي ۾ سائين جي.ايم.سيد، قاضي فيض محمد، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين جا پيغام شامل هئا. **[منهنجي خيال ۾ 'بچاءُ بند' پهرين نظرياتي ڪهاڻي هئي. جنهن ۾ مارڪسزم جي نظرئي ٿيانڊز ٿيسز جي اينٽي ٿيسز پيش ڪئي وئي. نظرياتي سطح تي بهترين ڪهاڻي آهي. انهن ڏينهن ۾ ترقي پسندي ۽ قوم پرستي سلهاڙيل هيون. انهن ئي ڏينهن ۾ نجم عباسي، نسيم کرل، عثمان ڏيپلائي وغيره ساڳي پيراڻي ۾ لکيو- تاج بلوچ]** اهو ڪريڊٽ اڳتي قدم کي مليو ته ان ۾ اهم شيون آيون. پهرين پرچي جي ٽائيٽل تي جيڪا تصوير ڏنل هئي ان ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ڏاٽو ۽ هٿوڙو جهليون بيٺا هئا. ۽ سامهون سج ابريو پئي. 'اڳتي قدم' جي پهرين پرچي ۾ منهنجي ٻي ڪهاڻي 'پڪا پڪن سامهون- اوري









اڇي اڏ' ڇپي. ائين اڳتي قدم جو سلسلو هلي پيو.

**توهان ڪهاڻي ڪان نثري نظم ۽ شاعري ڏانهن ڪيئن آيا؟**

آئون ان دؤر ۾ پڙهندو تمام گهڻو هيس. لکندو گهٽ هيس. مون جڏهن پهرين ڪهاڻي لکي طارق اشرف ڏي ڪٽي ويس. طارق اشرف جي اها خوبي هوندي هئي ته هو لکڻين ۾ ڪنهن جي به سفارش نه مڃيندو هو. اسان جا پاڙيسرين وارا واسطا به هئا. منهنجي پهرين ڪهاڻي سهڻي ۾ ڇپي. ٻي ڪهاڻي توڙي جو پنهنجي رسالي ۾ ڇاپي پر پوءِ به طارق اشرف ۽ ظفر حسن ڪي پڙهائي ۽ انهن جي اپرووَل ڪان پوءِ مون اها ڪهاڻي 'اڳتي قدم' ۾ ڇاپي.

اسان روح رهاڻ جي فنڪشن ۾ ويندا هئاسين مون 'روح رهاڻ ۽ شيخ اياز' جي نالي سان هڪ تحقيقي مقالو به لکيو. مون کي پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوق هوندو هو. سنڌري اٿم چنداڻي جڏهن حيدرآباد آئي ۽ زينت عبدالله جي گهر ترسي ته اتي ڪيس ٻڌڻ ويس. يا امداد حسيني هيرآباد ۾ حيمد سنڌي وارن پاران ڪرايل هڪ ميڙاڪي ۾ شعر پڙهيو هو جيڪو مونکي اڃا تائين ياد آهي. - 'اسان جي ٻار ڪان خواهش جو بسڪٽ ڪسي نالي ۾ اڇلايو ويو آهي.' مون کي شاعري تمام گهڻي وڻندي هئي. ميرا جي ۽ ٻين کي پڙهيو هيوسين، 'نيا دور' وارا ڪتاب پڙهيم. شاعري جي شروعات مون تڏهن ڪئي جڏهن هڪ ڇوڪري سان عشق ٿيو. مون سندن ياد ۾ جيڪو ڪجهه لکيو، اهو جڏهن دوستن ٻڌو ته چيائون ته هي شيون ڪتابي شڪل ۾ آڻيو. 'پنر ملن' منهنجي نثري نظمن جو ڪتاب آهي. جنهن جي مهورتي تقريب ۾ تنوير عباسي ۽ ٻين چيو ته ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ نثري نظمن جو پهريون ڪتاب آهي.

**[انديا ۾ ڪلاپرڪاش جو 'ممتا جون لهرون' ان ڪان اڳ ڇپيو هو. ۽ ان ڪان اڳ لعل چند امر ڏني مل ٽئگور جو ترجمو ڪيو هو. پر سنڌ ۾ پنر ملن نثري نظمن جو ڇپيل پهريون ڪتاب آهي- تاج بلوچ].**

مون گهڻا نثري نظم ته ان ڇوڪري بابت لکيا. پر ڪجهه ٻين بابت به لکيا. جيئن هڪ نظم 'رشيد جهان' جي نالي لکيو. هوءَ ترقي پسند تحريڪ جي تمام گهڻي سرگرم رڪن هئي. يا هڪ نظم مون حيدرآباد جي پرتاب محل ۾ رهندڙ هڪ خوبصورت عورت تي لکيو جنهن کي مون سگريٽ پيئندي ڏٺو هو. رشيد جهان تمام اهم عورت هئي. ان لاءِ عبدالله هادي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي، 'مون ميان افتخار جي گهر ۾ هڪ انتهائي خوبصورت عورت ڏٺي جيڪا اڌ ٻانهن واري ساڙهي ۾ ملبوس بيڊ تي ليٽي پئي.' جنهن لاءِ مون پڇيو، 'اها ڪير آهي؟' مونکي ٻڌايو ويو، 'اها ڊاڪٽر رشيد جهان آهي جيڪا ترقي پسند تحريڪ جي پڌرنامي جي سلسلي ۾ لاهور آيل آهي.' ته مون ان تي به نثري نظم لکيو.

**توهان جي ڪتاب جو انتساب 'گ' سيد جي نالي آهي. اها ڇا ماجرا آهي؟**

اصل ۾ آئون اڪيلو ڇوڪرو هيس جيڪو ڇوڪرين جي اسڪول ۾ پڙهيس. ظاهر آهي پوءِ اتي جيڪا ڇوڪري منهنجي پاسي ۾ ويهندي هئي اها مونکي وڻي وئي. يا ريڊيو تي جڏهن آئون ٻارڙن جي ٻارڙي ۾ ويندو هئس ته اتي به هڪ ڇوڪري مونکي ملي جيڪا ڏاڍو وڻندي هئي. فوزيه نالي اها ڇوڪري مونکي منهنجي 'انڊر گرائونڊ' واري دؤر دؤران به ملي. جنهن تي مون 'دل اندر درياوَ' ڪهاڻي به لکي. ٻي ڪهاڻي 'هينئڙو ڪچي تند جيان' آپا ممتاز عباسي تي لکي جيڪا سوجهري ۾ ڇپي. اهڙي طرح مون کي جن به متاثر ڪيو انهن تي ڪجهه نه ڪجهه لکيو آهي. آپا ممتاز تي لکيل ڪهاڻي ماهتاب محبوب سمجهي وئي هئي. حالانڪه ان ۾ نالو مٽيل هو. سو پردا رکڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن نالا مٽايا به اٿم ته اڌ نالا به ڏنا اٿم. **[شايد انڪري ته سنڌي سول سوسائٽي ڏاڍي بنياد پرست آهي. ان رجعت پرستي ۾ شاعر فيمليز جو احترام ڪندا هئا. مدد علي سنڌي ٻولي توڙي سماج لاءِ وڏو ڪم ڪيو آهي. هن ٻولي ۾ پڻ سٺو سڌارو آندو، مهراڻ اخبار وارو سردار شاهه به سٺي توجهه ڏني پر خاص طور مددعلي جو ڪم ساراهڻ جوڳو آهي- تاج بلوچ]**

**اخبارن ۾ ڇپجندڙ خبرن ۽ ٻولي بابت توهان ڇا ٽا چئو؟**

انهن ڏينهن ۾ عجيب غريب خبرون ايندڀون هيون مثال- فلاڻي پاڙي ۾ رات جو روح ٿو اچي. ڪبير شاهه- عبرت جو رپورٽر اڪثر اهڙيون خبرون ڏيندو هو. ڪو عورت رات جو نظر آيس يا ڪتي ڪو ڪتو ڏٺائين ته ان کي ڀوائتو ڪري پيش ڪندو هو. اسان انهن شين کي رد ڪيو. ۽ چيو ته اڄ ماڻهو قبرستان ۾ رهن ٿا. ڪٿان جا روح؟ ڪيڏانهن ويا روح؟ سڀ فضول بڪواس آهي. اهڙي طرح اسان ڪوشش ڪري انهن مغالطن کي به رد ڪيو.

يا جڏهن ڀٽي جي دؤر ۾ 72 پبلڪيشنز تي بندش پئي ته ڪنهن هڪ اخبار به ايڊيٽوريل نه لکيو. هلال پاڪستان ۾ سراج صاحب ويٺو هو. پر ان به ڪجهه نه لکيو. عبرت به ڪجهه نه لکيو.

**مدد صاحب تازو سوجهري ۾ ناز سنائي انڪشاف ڪيو آهي ته سنڌي رسالن تي جيڪا ڀٽي جي دؤر ۾ بندش پئي انهن جي فهرست سراج ميمڻ پاڻ تيار ڪئي ۽ پير علي محمد راشدي کي پيش ڪري بندش لڳرائي. توهان ڇا ٿا چئو؟**

مون وٽ اهڙو ڪو ثبوت ناهي ته اها فهرست ڪيئن ۽ ڪٿي تيار ٿي!! پر آئون سراج ميمڻ توڙي پير علي محمد راشدي صاحب ٻنهي جي ويجهو رهيو آهيان. مون کي چڱي طرح ياد آهي 18هين جون 1972ع تي سنڌ متحده محاذ جي پهرين افتتاحي گڏجاڻي هئي. حيدر منزل تي ٿيل تقريب ۾ تاج بلوچ سرڪري ملازم هوندي پنهنجي وڏي پٽ نديم مراد کي وٺي آيو هو. ان ٻارڙي کي فل سوٽ پاتل هو. مون کيس چيو، 'توهان ٻارڙي کي وٺي آيا آهيو؟' ته چيائين، 'ٻارن کي ڏيکاريون ٿا ته هي قومي تحريڪ آهي.' آئون هڪ تحقيقي ماڻهو آهيان مون کي جستجو ضرور رهي ته اها فهرست آخر ڪنهن تيار ڪئي. مون کي ناشاد ٻڌايو ته اها فهرست پير صاحب وٽ پهتي هئي. مون جمال الدين ميراڻي کان پڇيو، 'پير علي محمد راشدي اها حرڪت ڇو ڪئي؟' ميراڻي مونکي ٻڌايو، 'رسالن ۽ ڪتابن جي فهرست پير صاحب وٽ پهتي هئي.' هن پاڻ ائين نه ڪيو هو. علي محمد راشدي صاحب سان منهنجي سندس تحريرن سبب عقيدت هئي. هڪڙو ڀيرو آئون راشدي صاحب کي حيدرآباد ڪلب وٺي ويس اتان جڏهن اسان واپس آياسين ته قبرستان وٽان هن گاڏي هلڪي ڪري دعا گهري مون ڪيس چيو، 'اتي ڪي دوست دفن ٿيل اٿوَ ڇا؟' چيائين، 'ها، هتي دوست دفن ٿيل آهن.' مون اتان لنگهڻ کانپوءِ پير صاحب کان به سوال ڪيا. هڪ 'پير صاحب، اوهان پاڪستان ڪيئن ناهيو؟' چيائين، 'اسان کي خبر نه هئي ته ايڏي لڏپلاڻ ٿيندي. پر اسان هندن کان ڊنل هئاسين ان ڪري مطالبو ڪيوسين.' ٻيو سوال منهنجو اهو هو، 'اوهان سنڌي رسالن ۽ ڪتابن تي بندش ڪيئن وڌي؟' چيائين، 'آئون ان ڪم ۾ اڪيلو نه هيس. اها ٻي ڳالهه آهي ته آئون تفصيل ۾ نٿو وڃڻ چاهيان.' ٻيا ڪير هئا راشدي صاحب سان؟ ڪجهه به چئي نٿو سگهجي.

**قومي تحريڪ ۾ هڪ ولولو هو. پر ان ۾ ڏارَ ڪيئن پيا؟**

اصل ۾ تحريڪ جڏهن مختلف ڌڙن ۾ ورهائجي وئي ته ان جو زور ٽٽي ويو. ڇاڪاڻ ته تحريڪ ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو آيا جن کي پنهنجي ليڊرشپ ڪرڻي هئي. اسان نيڪ نيتي سان آيا هئاسين. پر ڪجهه ماڻهو سازشون ڪٽي آيا. ڪجهه ته غوث بخش بزنجي سان مليا. جيئي سنڌ تحريڪ ۾ گهڻا ڌڙا ٿيا. پر آئون جيئن ته هن وقت تحريڪ ۾ ناهيان انڪري مونکي حق نٿو پڄي ته آئون انهن خلاف ڳالهايان جيڪي ڪم ڪن پيا. ايترو ضرور چوندس ته شروعاتي دؤر ۾ ليڊرشپ جي شوقينن تحريڪ کي نقصان ڏنو.

**لعل محمد لعل، شيخ اياز جي شعرن جي پيروڊي لکي ته سنگت جي ابراهيم جوئي، پوهو، شيخ حفيظ، عادل، غلام رباني ۽ ٻين اياز قادري صاحب تي زور ڀريو ته هو ان جي ترديد ڪري. پر قادري صاحب چيو ته ترديد ڪيو ته سڀني جي ڪيو جن ۾ احسان بدوي، لطف الله بدوي به شامل آهن. اڪيلي لعل محمد لعل جي ڇو؟ ان جهيڙي ۾ اياز قادري سنگت جي سيڪريٽري تان استعيفيٰ ڏني. ۽ شمشير الحيدري ايڪٽنگ سيڪريٽري جنرل ٿيو. جنهن 1965ع تائين پورا يارنهن سال ادبي سنگت کي غير فعال رکيو. ان بابت توهان جا ڪهڙا ويچار آهن؟**

آئون تاج صاحب سان متفق آهيان. هڪ پرآشوب دور ۾ سنگت کي غيرفعال رکيو ويو. ان دؤر ۾ سنگت جون 23 شاخون هونديون هيون. ۽ تاج بلوچ صاحب جڏهن سيڪريٽري ٿيو ته سنگت کي فعال بڻايو ويو. اديبن بهرحال پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ون يونٽ ۽





چنڊئي سميت ٻين به ڪيترن ئي نوجوانن کي مون صحافت ۾ آندو. ۽ انهن کي همٿايو. اڄ سيکارڻ جو رواج ڪونهي. اسان ڏکئي وقت ۾ صحافت ڪئي. ٻولي جي معاملي تي آواز اٿاريو. ايم.آر.ڊي هجي. يا ٻي تحريڪ اسان پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. مون سمباليڪل ايڊيٽوريل به لکيا. ڇاڪاڻ ته اهو سينسرشپ جو دور هو. مون هڪ ايڊيٽوريل لکيو. اسين مجبور آهيون. ها اسان مجبور آهيون اسان ڪجهه نٿا ڪري سگهون. ٻي ڏينهن تي مونکي آفيس ۾ گهرايو ويو پڇائون، 'مجبور آهيون. یہ کیا لکھا ہے۔' مون چيو، '*ہمیں تنخواہ نہیں ملتی، ہم مجبور رہیں*'. هنن چيو '*یہ کون سی مجبوری ہے*'. مون چيو، '*ذاتی مسائل بھی تو ہیں صرف ایم آرڈی تو نہیں*'. پوءِ وڃي جان ڇٽي.

**1955ع کان 1990ع تائين ڪهاڻي سگهاري هئي ۽ اشوز تي لکيو ويو. اڄ توڙي جي انهن ڪهاڻين ۾ اهي شيون محسوس نٿيون ٿين ڇاڪاڻ ته حالتون بدليل آهن پر ڇا اڄوڪي ڪهاڻي پنهنجو ٽارگيٽ پورو ڪري پئي؟**

ٽارگيٽ پورو ٿيڻ ڪپي. اڄ به معاملا ۽ مسئلا آهن. انهن تي لکجي به پيو. پر آبزويشن جو ٿورو ڦيرو آهي. پوين ڏينهن ۾ آئون هڪڙي ضلعي ۾ ويو هئس. مون ڏٺو ته هڪڙي همراهه مراد واهه مان پيئڻ جو پاڻي ٿي ڀريو. مون کيس چيو ادا اهو ته الاهي ميرو پاڻي آهي. هن چيو ادا خدا جو شڪر آهي. اهو پاڻي به ملي ته ٿو. يعني ماڻهن جا مسئلا موجود آهن. هڪ هنڌ سرڪاري اسڪول نم جي ڪاٺين ۽ پنن جا ٺهيل هئا. ٻوڏ دؤران ڪيترائي مسئلا ڏٺاسين. معنيٰ مسئلا موجود آهن ضرورت آهي انهن کي فوڪس ڪرڻ جي. يورپ ۾ ته ڪهاڻي ۽ رپورٽنگ هڪ ٿي وئي آهي. يعني جيڪا حقيقت آهي اهائي ڪهاڻي آهي. يعني اسان کي لکڻ ڪپي. جيڪڏهن نٿا لکون ته اها هڪ ٽرئجڊي آهي.

**توهان چئو ٿا يورپ ۾ ڪهاڻي ۽ رپوتاز هڪ ٿي ويا آهن، پوءِ ڪهاڻي جو فن ۽ فڪر ڪٿي اسٽينڊ ٿو ڪري؟**

منهنجي چوڻ جو مقصد هو ته واقعن کي اسٽوريز واري انداز ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. ڪيترن ئي واقعن، حادثن ۽ معاملن کي اهڙي طريقي سان رپورٽ ڪيو پيو وڃي. جهڙوڪر ڪهاڻي هجي. جيئن مون چيو ته مون وٽ منرل واٽر هو ۽ غريب هاري وٽ ميرو ۽ گدلو پاڻي هو ۽ هو وري به شڪر پيو ڪري ته ڪيس اهو پاڻي به ميسر ته آهي. اسان کي اهڙي طرح اسان کي اهڙن معاملن ۽ اهنجن کي رپورٽ ڪري ڪهاڻيون لکڻ گهرجن. ڪو دؤر هوندو هو جڏهن مان سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پيو رلندو هئس. عبدالقادر جوڻيجي لکيو آهي ته ڪو ماڻهو ڪنهن پروگرام وغيره ۾ جيڪڏهن سهڪي پهچي ۽ هن جي هڪ پير ۾ چپل هجي ۽ ٻي ۾ نه هجي ته پڪ سمجهو اهو مدد علي سنڌي هوندي. سو اسانجي اديبن ۽ صحافين کي به ائين ئي جاکوڙ ڪرڻي پوندي.

ڇا اليڪٽرانڪ ميڊيا توقعات تي پوري لٿي آهي؟

سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا ته پنهنجو ڪردار ائين ادا ناهي ڪيو جيئن ان کي ڪرڻ ڪپي ها- البته اردو ميڊيا پوءِ به ڪم ڪري پئي. ٻوڏ دؤران طلعت حسين حامد مير وغيره پاڻي ۾ وڃي رپورٽنگ ڪندا رهيا. اسانجي سنڌي صحافين به ٽڪو-پنجو ڪيو. پر هنن کي پگهارون ملن ئي نٿيون. ويچارا اڪثر پرائمري ماستر آهن اهي کهڙو ڪم ڪندا.

مون پنهنجي اکين سان ڏٺو ته سيوهڻ کان دادو تائين رستو ٻوڏ ۾ وهي ويو هو ڪنهن هڪ چينل به رپورٽ ڪونه ڏني. پرائمري ماستر ڪيستائين رپورٽنگ ڪندو. اردو وارا سٺيون پگهارون ڏين ٿا انڪري ڪم به سٺو پيو ٿئي. اسان وٽ معاملو ئي ابتڙ آهي. سنڌي اخبارون ڪالمن جا پئسا نٿيون ڏين ته ائين ڪير لکندو. سنڌ ۾ آيل ڪرپشن جي لهر ۾ ائين سمجهو ته سنڌي ميڊيا به لڙهي وئي آهي.

**ادبي حلقن ۾ توهان بابت هڪ ڪنٽرا ورسي علم آهي ته توهان جو هڪ دؤر هو 'اڳتي قدم' رسالي وارو ۽ جاکوڙي قومي ڪارڪن وارو، ٻي دؤر ۾ توهان ضياءُ الحق جي ڏينهن ۾ ريڊيو پاڪستان تان هلندڙ پروگرام 'ظلم ڪي داستان' ۾ شريڪ ٿيا ۽ پيٽي صاحب جي دؤر ۾ پاڻ مٿان ٿيل ظلمن بابت تفصيل ٻڌايا ۽ آخر ۾ مشرف دؤر ۾ توهان ارباب غلام رحيم جا ميڊيا ايڊوائيزر ٿي رهيا. اهي تضاد ناهن؟**

اصل تضاد آهي جڏهن ماڻهو تحريڪ ۾ رهندي تحريڪ کي وڪڻن. مون ائين ڪڏهن به ڪونه ڪيو. مان جيستائين تحريڪ سان واڳيل هيس، مون ڪم ڪيو ۽ مون کي اها به خبر نه هئي ته CM هائوس ڪاٿي آهي؟ مون کي ياد آهي ته غوث علي شاهه جڏهن وڏو وزير ٿيو هو ته مون کي CM هائوس اچڻ جي دعوت ملي هئي ته آئون پڇا ڪري اُتي پهتو هيس ته CM هائوس هو ڪٿي. مون عرفان الله مروت لاءِ انتظار ڪندڙ 'ٻن قومپرست' اڳواڻن کي سندن سامهون کين چيو هو ته قومپرست اڳواڻ آهيو. ٿوري پنهنجي ڊگنٽي رکو، ٻنهي جڻن جا فوٽو هلال پاڪستان ۾ ڇپيا هئا. چوڻ جو مقصد آهي ته مان جڏهن تحريڪ ۾ هئس ته مون ڪم ڪيو. ۽ مون تي بغاوت جي ڪيس سميت 22 ڪيس به لڳا ۽ مون منهن ڏنو. پوءِ آئون صحافت ۾ آيس. جيئن توهان آهيو. توهان سوجهري جي ايڊيٽر جي حيثيت سان مونکان انٽرويو ڪيو پيا اهو توهان کي ڪرڻو آهي. هڪ اداري ۾ رهندي توهان انڪار نٿا ڪري سگهو، 'آئون مدد علي سنڌي کان انٽرويو نه وٺندس' توهان کي انٽرويو وٺڻو آهي. آئون به جڏهن صحافي هيس ته مختلف ماڻهن جي پريس ڪانفرنسن کي ڪور ڪندو هيس. مونکي ياد آهي. جڏهن ضياءُ الحق دادو مان پادر ڪائي آيو هو ته هن سنڌي ايڊيٽرن کي سڏايو هو. مون قاضي اسلم کي چيو ته هتان نڪرون. آئون ته نڪري ويس پر پوءِ هن جيڪو قاضي عابد سان ڳالهايو اهو خوفناڪ هو. سو چوڻ جو مقصد آهي هڪ صحافي جي حيثيت ۾ توهان کي ڪم ڪرڻو پوندو آهي.

مون قاضي اڪبر ۽ قاضي عابد، جي اخبارن ۾ ڪم ڪيو. مون هلال پاڪستان ۽ بينظير ڀٽو جي بختاور اخبار ۾ به ڪم ڪيو. مون کي ياد آهي ڀٽ شاهه تي محترمه کي ڪنهن چيو ته توهان هڪ متضاد ماڻهوءَ کي ايڊيٽر ڪيو آهي ته محترمه کيس چيو ڪرڪيٽ جي ٽيم ۾ ماڻهو هميشه پنهنجي پسند جا رانديگر رکندو آهي. مون به ائين ئي ڪيو آهي. منهنجي طبيعت ۾ هڪ خود سري آهي. منهنجي عزت تي جڏهن به حرف آيو آهي مون نوڪري ڇڏي علي احمد بروهي سان ملازمن جي ڪڍڻ تان جهيڙو ٿيو. هن مونکي چيو هلال پاڪستان مان سو ملازم ڪڍ! مون جواب ڏيئي ڇڏيس، ته آئون ماڻهن کي بيروزگار نه ڪندس. هن چيو لکت ۾ جواب ڏي. مون جواب ڏنو ۽ نوڪري ڇڏي ڏني. هن کي پيٽي جي دشمني ۾ اخبار ئي ختم ڪرڻي هئي. هن ائين ئي ڪيو. پهريان اخبار يونين کي وڪڻي ڏنائين. پوءِ يونين به اخبار ڪپائي ڇڏي. هن وقت اخبار هلال پاڪستان سٺي حال ۾ نه پئي هلي.

اوهان 'ظلم ڪي داستان' جي ڳالهه ڪئي. ته ان پروگرام ۾ مون جيڪ چيو اهو حقيقت تي ٻڌل هو. مون ڏانهن سائين جي.ايم.سيد ماڻهو موڪليو ته پروگرام ۾ پيش ٿي تڏهن آئون ويس، پر هن وقت آئون ذاتي طور سمجهان ٿو ته مونکي ان پروگرام ۾ نه وڃڻ گهرجي ها. مون کي پنهنجي غلطي جو احساس آهي. مون کي پروگرام ۾ نه وڃڻ کپندو هو. ارباب رحيم جي توهان ڳالهه ڪئي اصل ته ادا جي وفات کانپوءِ اسانجي فيملي انتهائي مالي مشڪلاتن جي ور چڙهي وئي. سچ اخبار بند پيل هئي. مون اها جاري ڪئي. پر جڏهن حمزو ڀليجو گذاري ويو ته سنڌ پٽ جا رويا الاهي مٿيل هئا. منهنجي ڌيءَ کي ڌڪ لڳو علاج جي لاءِ پئسا به ڪونه هئا. ارباب رحيم سان هڪ دعوت ۾ ملاقات ٿي. هن مون کان پڇيو، 'ڇا پيو ڪرين؟' مون چيو، 'واندو آهيان.' هن مونکي پاڻ سان ڪم ڪرڻ لاءِ چيو. مون چيس 'نوڪري ڏکي آهي سوچي ٻڌائيندس. جڏهن منهنجي ڌيءَ کي ڌڪ لڳو ۽ علاج لاءِ منهنجي گهر واري ڪنهن کان اڌارا ٽي هزار رپيا ورتا ته پوءِ مون نوڪري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ پوءِ نوڪري ڪئي. پر مون نوڪري باوقار طريقي سان ڪئي. ارباب رحيم سنڌي ٻولي بلبت جيڪو بيان ڏنو اهو ڪيس مون لکي ڏنو هو. جنهن تحت گورنر کي اهو چيو ويو هو ته ڪيس نصاب مان سنڌي ٻولي ختم ڪرڻ جو اختيار ئي نه هو. ارباب رحيم ڪالاباغ ڊيم تي پڻ هاڪاري رول ادا ڪيو. باقي سندس پنهنجي ٻولي کهڙي هئي، Bossis always right.


اهي سڀ ڳالهيون توهان جي سامهون آهن. باقي آئون ماڻهن جي پرواهه ناهيان ڪندو. ماڻڪ 'لڙهندڙ نسل' ٻي نالي سان ڇپايو هو. مون تي جڏهن بغاوت جو ڪيس هليو ته مون کان پڇيو ويو، 'ماڻڪ ڪير آهي؟' مون چيو، 'مونکي خبر ناهي. مون وٽ سندس افسانا ايندا آهن ۽ آئون ڇاپي ڇڏيندو آهيان. يعني مون تي سختيون به ٿيون پر مون ماڻڪ بابت ڪنهن کي به نه ڏسيو. ائين ڪو مون بابت ڇاپيو چوي مون کي پرواهه ناهي. ■



# اهرامن جي سحر ۾ قاتل...

## (مدد سنڌي جي مصري سفرنامي جي حوالي سان)





تاج بلوچ

هي ءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن اسين ونيونٽ تحريڪ ۾، پهنجي پنهنجي ماڳن ۽ ٺڪاڻن تي اڏول ٿيو بيٺا هئاسين ـــ ڪو به اسانجو اڳواڻ نه هو ۽ نه ئي اسين ڪنهن جا ڪارڪن هئاسين. پنجابي اسٽئبلشمينٽ، سنڌ کي ڪالوني ٺاهڻ لا"، ٿورن پئسن ۽ رعايتن تي، ڪجهه ويڪائو سنڌي سياستدانن کي ڏٺا ۽ دلاسا ڏيئي، ويسٽ پاڪستان- وجود ۾ آڻي، سنڌ جي سونهن، ثقافت، اقتصاديات، ماضي، حال، مستقبل ۽ سمورو موروثي ۽ تاريخي سرمايو هڙپ ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺي هئي ـــ هيڏانهن رڳو، سنڌي اديبن جي قومي تنظيم، سنڌي ادبي سنگت ۽ انجا ڪارڪن هئا، جيڪي مٿي سان ڪفن ٻڌي هٿين خالي پڙ ۾ لٿا هئا . نه ڏينهن ڏسبو هو ۽ نه ئي رات. بکن ۽ فاقن تي، کيسا خالي ريتي جي ٿرڪن جي پويان گلهبا گهلبا، شهر شهر ۽ واهڻ واهڻ پيا لتاڙيندا هئاسين ۽ در در وڃي، انهيءَ ظلم خلاف ماڻهن کي ڄاڻ ڪرائبي هئي.

انهيءَ تحريڪ ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪارڪنن جا ڪي هجوم نه هئا، بس هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي سچا ليڪ ئي جيالا ڪارڪن هئا، جيڪي پنهنجي مَــٿي ڪٿي، پيا ووڙيندا هئا. ڪو ڏپ نه هو، ڪا مصلحت نه هئي، زندگيءَ جو اهو ئي مشن ۽ مقصد هو ته انهيءَ آزار کي هٽائڻو آهي.

ان دور ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي سنڌي اخبارون هيون، جيڪي به پنجابي دلالن جون ٻولڙيون هيون، ڪراچيءَ مان نڪرندڙ نواءِ سنڌ، مولوي عبدالغفور سيتائي جي ايڊيٽريءَ ۾ نڪرندي هئي، جيڪو ڪڏي (ڪراچي) جي مظهرالعلوم مدرسي جو فارغ التحصيل هو ۽ ايوب کهڙي جو ذاتي ملازم هو. اهو سدائين، پنهنجي آقائن جي اشاري تي ونيونٽ جي وجود کي برقرار رکڻ لا"، پيو هنيوچيون هڻندو هو ۽ ونيونٽ جي پٺيرائيءَ ۾ سنڌين کي ايندڙ دور لاءِ سبزباغ پيو ڏيکاريندو هو.

سيتائي مرحوم جي سياسي سرت، مٿاهين هئڻ گهرجي ها، ڇاڪاڻ ته هنجو لاڳاپو انهيءَ علمي ۽ مذهبي درسگاهه سان هو، جنهن عبيدالله سنڌي جي فڪر جي ترويج ڪئي ۽ عوام کي انگريز سامراج ۽ انجي گماشتن جي گمراهه ڪُن ۽ عوام دشمن حرڪتن ڪان منطق ۽ دليل ذريعي، نندي ڪنڊ جي ابتر ۽ گنجريل صورتحال ڪان معروضي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ سجاڳ رکيو ـــ پر جيئن شيخ اياز چيو هو، "پيٽ ڏيڍ خدا آهي،" انڪري شايد، مرحوم (ڏاڙهي ميچون ڇٽ) مولوي عبدالغفور سيتائي، پنهنجو ضمير ۽ ذهن، ايوب کهڙي جي هٽ تي گروي رکي، پنهنجي قيام ڪاري ڪئي.

روزاني مهراڻ- پير سائين پاڳاري جي اخبار هئي ۽ انجو ايڊيٽر، اڳوڻي الوحيد ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪندڙ معمولي تجربي وارو شخص، سردار علي شاهه ذاڪر هو، جنهن جو ڪردار مشڪوڪ هو. (منگهي پير جو خليفو، خليفو غلام محمد صاحب، ڏٽي صحت سان وڏي ڄمار ڏيس (هاڻي مرحوم ٿي چڪو آهي)، انهيءَ ڳالهه جو شاهد آهي.) هُو ساڏن سان سنمڪ ۽ پئنچن سان پورو رهڻ وارو فرد هو.ڪراچيءَ جو هڪ سريلو شاعر، مرحوم عبدالله شرر، جيڪو ذاڪر سان الوحيد ۾ گڏجي ڪم ڪندو هو، سو وڏي واڪ ٻڌائيندو هو ته مرحوم کي ٺاهي جي ٽونڪر به هئي . وڏيون وڏيون ميچون رکندو هو ۽ آڪڙ مان ٻيٺو پيو ٿيندو هو. ڪنهن سطح تائين اسانجي ڪاز جي همنوائي به ڪندو هو، پر سنڌ ۾ ترقي پسند اديبن جي چغلخوريءَ ۾، رشيد لاشاري ۽ مرحوم ڊاڪٽر ابراهيم خليل جي ٽولي سان ڀـِٽ تي اسانجي خلاف اجايو سجلو محاذ کوليو ويٺو هو. هن کي ته ڪجهه نصيب نه ٿيو. پڇاڙي ۾ نور جهڙي نعمت ڪان به محروم رهيو پر اسان ڏکين حالتن مان گذرندي، دير سان ئي سهي پر مقصد ضرور ماڻيو ۽ سچ جي سوڀ ٿي يا ڪفر ڪمايو!!

اسين نوجوان ته نه چئبو، نوخيز هئاسين، پر اسانجو سياسي شعور، سائين جي. ايم سيد، ڪامريڊ جمال بخاري، قاضي فيض محمد، حيدر بخش جتوئي، غلام محمد لغاري، ڪامريڊ ميرمحمد ٽالپر، نورالدين سرڪي، قادربخش نظاماڻي، سوڀو گيانچنداڻي ۽ اهڙي اعليٰ مقام جي ٻين ڪيترن ئي ڏاهن، استادن ۽ بزرگن جي فڪري روشنيءَ ۾، انهيءَ چوٽ تي وڃي پهتو هو جو ڪنهن مدرسي جو ملو، قاضي، فوجي يا انهن جو ڪو چاڙتو اسانجي ڪنيل قدمن کي پوئتي نه پئي موٽائي سگهيو.

رسول بخش پليجي جو ذڪر به ضرور ڪبو. ونيونٽ خلاف سندس ڪردار بيشڪ برجستائي وارو هو، پر سندس شخصي ڪردار ڪو اتساهيندڙ ۽ آدرشي نه هو. هو انهن ڏينهن ۾ نوجوان هو ۽ دنيا جي مختلف تحريڪن جا انقلابي فلسفا به ٻين جي پيٽ ۾ گهٽو هنداڀا هيائين. پٺائي جي بيتن جي سياسي شرح سان، هن وڏي جوش ۽ ولولي وارو ماحول قائم ڪيو ۽ وڏي اٿل پٿل پيدا ڪرڻ ۾ ٻين سميت جوڳو ڪردار ادا ڪيو. هڪ ڀيري رسول بخش پليجي، سردار علي شاهه ذاڪر لاءِ لکيو، "تولو دماغ، پاءُ ميچون." پوءِ ته پير تي ڏونڪو لڳو ۽ سردار علي شاهه ذاڪر ۽ رجعت پسندن جون حڪمت عمليون به تبديل ٿيون. تبديل ڇا ٿيون، وٽن ڪو دليل ئي نه هو ڪو جواز ئي نه هو، جو ونيونٽ کي قائم رکي سگهجي ها. ان ڏس ۾ ڄام ساقيءَ جون خدمتون وسارڻ جوڳيون ئي ناهن.

خدمتون ته ٻين گهڻن دوستن جون به آهن جن ۾ حميد سنڌيءَ جو نالو سرِ فهرست آهي. حميد سنڌي ۽ ان جي رسالي روح رهاڻ ون يونٽ جي ٽوڙائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. حميد سنڌي، نوشهروفيروز جي زميندار ۽ ميمڻ سينين جي برادريءَ مان هوندي به نه رڳو پاڻ کي ڊي ڪلاسيفاءِ ڪيو پر سنڌ جي ڪاز لاءِ ڏاڍيون پيڙائون سٺيون. هن ڏاڍي نيڪ نيتيءَ سان جشن روح رهاڻ جا وڏي پيماني تي اهتمام ڪيا، ۽ شيخ اياز کي هيرو بڻايو. حميد، شيخ اياز کي سنڌ جو آواز بڻائڻ جي ڏس ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو، پر اها ٻي ڳالهه آهي ته شيخ اياز عزتون ۽ شهرتون ماڻڻ کانپوءِ وقت جي ظالم حڪمرانن جو ساٿ ڏنو ۽ مظلوم سنڌ جي پيٺ ۾ ڇرو وهائي ڪڍيو ـــ پوءِ جڏهن اهي ساڳيا ظالم حڪمران پاڻ مظلوم بڻجي پيا ته شيخ اياز، مظلوم پٺي جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻي وڃي ظالم ڊڪٽيٽر ۽ بنياد پرست جرنل ضياءُ الحق جا پير پڪڙيا. شيخ اياز ماضيءَ ۾ سنڌ جي حوالي سان لکيل پنهنجي قومي ۽ انقلابي گيتن تان هٿ پڻ کڻي ڇڏيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ فڪري طور تي مولوي موسيٰ ڀٽو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي جي اڳوڻي سربراهه غلام مصطفيٰ خان جهڙن رجعت پسندن ۽ بنياد پرستن جي ٽولي ۾ ڳڻجڻ لڳو.

سنڌ جي لوڻ ۾ ڪو عجب خلل آهي جو، جن کي به مان سنمان ڏئي بلندين تي پهچايائين، تن مان ٿورن ساڻس وفا ڪئي هوندي.

روزاني ڪاروان جو مولوي خيرمحمد نظاماڻي، ۽ سائين جي. ايم. سيد جي اخبار، نئين سنڌ ۽ هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي هفتيوار پرچا هئا، جيڪي اسانجي ۽ سنڌ جي پٺڀرائي ۾ هئا ـ نه ته گهٽو ٽٽو ڪم هٿ سان لکيل پوسٽرن کي مينوئيل ڊپليڪٽر تي ڪڍڻ سان پيو هلندو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾، مرحوم طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل جيڪي نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ سنڌ جو درد رکندڙ فرد هئا، تن ڪتابي سلسلو شروع ڪيو، جيڪو اڳتي هلي، ماهوار سهڻي جي صورت ۾، انقلاب لاءِ دنگئي پٿر ثابت ٿيو. شايد ٻيئي ڄڻا، حيدرآباد جي ميونسپالٽيءَ ۾ پٽاري وارن ڪان آنو آنو يا چار چار آنا، سرڪاري محصول طور اوڳاڙڻ واري ننڍڙي نوڪري به ڪندا هئا ته انقلابي راهه کي هموار ڪرڻ لاءِ سڄو وقت پيا جاڪوڙيندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾، اڳتي قدم نالي هڪ پرچو حيدرآباد مان پڌرو ٿيو، جنهن ٻين کي ڪٿي نه به ڇرڪايو هجي، پر مونکي وڏو اتساهه ڏنو. ان



ڪتابي سلسلي جو سهيڙيندڙ هو، مدد علي سنڌي. مدد، جيڪو تحريڪ جي هراول دستي ۾، اسان سان شامل هو. اسانجو چاڳلو ۽ لاڏلو دوست هو. حرڪتي ۽ حرفتي ڪالهه به هو ۽ اڄ به آهي، پر ذهين ۽ بردبار.

پرچو پڙهي، مونکي ساڻس ملڻ جو شوق جاڳيو ۽ مون ڪراچيءَ کان سڏو وجي، حيدرآباد جي ڪوڪر پاڙي ۾ مغل ۽ طارق جون پچائون ڪيون. جنهن ماڻهوءَ مونکي انهن ٻنهي جو ڏس ڏنو، اهو ڳيرو جوانڙو هو. قد جو پورو پنو (پر هاڻوڪي قد کان هر لحاظ کان گهٽ) اکين تي ٿلهو چشمو ۽ وار ڪراچيءَ جي هڪ اردو شاعر تيغ الله آبادي جهڙا گهاٽا، چيڙهالا، گهنبيدار ۽ ڪلهن تائين وريل هئا. بعد ۾ تيغ، مصطفيٰ زيدي ثابت ٿيو. جوش مليح آباديءَ جو ٻالڪو هو ۽ اڳتي هلي اردوءَ جو معتبر شاعر ۽ ڪامورو نڪتو. تيغ سچو ڏينهن اسانجي دوستن مرحوم بدر قريشي، ڪرارنوري ۽ ٻين مڪاني شاعرن سان گڏجي لائيٽ هائوس سئنيما جي پرواري ايراني هوٽل ۾ تنگ پاجامي مٿان يڪ رنگ ٻٽيهن بٽڻن واري شيرواني اوڍيو، پٽي جي ٻيڙين مان پيو سوٽا هڻندو هو. هنجي اکين ۾ ذهانت ته هئي، پر مفلسيءَ ۽ تنگدستيءَ، انهيءَ تي ٻوڏار جا غلاف چاڙهي ڇڏيا ها. جڏهن ڀي. سي ٿيو ته جن ڪيس ڪڏهن چخي به نه ڪيو، سي سڀ هن جا مداح ۽ دوست بڻجي پيا ۽ ڇڄ هزاري جي ناچو ڇوڪرن جيان ڪلهن تائين لڙڪيل وار به ترتيب ۾ اچي ويا. مصطفيٰ زيدي جو پيءُ لختِ حسنين گڏيل هندستان ۾ پوليس انسپيڪٽر هو، جنهن ڪراچي جي خالق ڏنا هال ۾، مولانا محمد علي جوهر ۽ انجي ڀاءُ مولانا شوڪت علي (جيڪو انگريزن جو مخبر هو) تي اغلام بازيءَ جو ڪيس هلايو. مولانا جوهر، ڪلئي عدالت ۾ زيديءَ جي پيءُ، جي خلاف في البديهه شعر چيو هو:

محمد کا دشمن علی کا عُدو
کہاں سے ہوا لختِ حسنین تو!!

بعد ۾ مولانا انهيءَ ڪيس مان آزاد ٿيو.

❊

”خير ته آهي؟“ هن سوال ڪيو، ”توهانجو نالو؟“ هن هڪ ساهيءَ ۾ ٻئو سوال ڪيو.

”ڀاءُ، مونکي مدد علي سنڌيءَ سان ملڻو آهي؟“ مون اتاولائي مان وراڻيو.

”......!!“

❊

ان دور ۾، اسين سڀ ڏاڍا خبردار هوندا هئاسين ۽ ڊڄ پيو ٿيندو هو. چاڪاڻ ته هر چوٿون ماڻهو، چغلخوريءَ لاءِ سندرو ٻڌيو بيٺو هوندو هو. ايتري قدر جو ونيونٽ جي حمايت ۾ ويسٽ پاڪستان جي حڪومت سنڌي نوجوانن لاءِ مضمونن جي چٽا ڀيٽي ڪرائي ته مرحوم عثمان علي ڏيپلائي جهڙي ماڻهوءَ ٽن سون رپين جي لا“، پنهنجي وڏي پٽ محمد علي جي نالي ۾ مضمون لکي، انعام کٽيو ۽ مرحوم کي جيستائين انفارميشن کاتي مان چيڪ نه مليو هو، گهڻو ڻڻو وقت حليم جوش وٽ وينو هوندو هو. مون اکين سان ڏٺو.

اسين گهڻو ڻڻو فرضي نالن سان پيا هلندا هئاسين. آئون پاڻ کي ’الهڏنو‘ پيو سڏائيندو هوس.

هڪ ڀيري جڏهن، اسانجي يار، پرواني ڀٽي، ٽنڊو محمد خان ۾ يادگار مشاعرو ڪوٺايو ته هڪ سانوري ارڪاٽن وارو ڪراڪلي ٽوپيءَ سان همراهه، پچائون ڪندي اچي مون تائين پهتو، ”ڀائو، تاج بلوچ تون آهين؟“ مون ڪيس ڪونه ڏنو هو. جهٽ ۾ وراڻيو مانس، ”نه ادا، آءٌ ته الهڏنو آهيان.“ جواب ٻڌي همراهه مايوس ٿي ٻي پاسي هليو ويو. هڪ انتهائي خوبصورت انسان مرحوم مقبول صديقي ۽ ڊان جي عزيز شيخ (جيڪو انهن ڏينهن ۾ عبرت اخبار ۾ ڪم ڪندو هو ۽ اسانجو مهربان دوست هو) جڏهن اهو مڪالمو ٻڌو ته وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي چوڻ لڳا، ”ابا، جمعدار الهڏنو آيو آهي.“ ڳالهه پڌري ٿي پيئي ۽ پوءِ سرويچ سجاولي مونکي ٻڪن ۾ سوگهو ڪري پيار ڏنا ۽ چيائين، ”جهڙو ٻڌوسين، اهڙو ئي نڪتين!!“

چغلخوريءَ واري اهڙي تناظر جو احساس ڪندي، مدد علي پڪ ڪرڻ پئي چاهي ته ڪراچيءَ کان کهي، جيڪو نوجوان مونسان ملڻ آيو آهي، اهو ڪٿي؟

مدد جي ٻڌتر ڏسندي چيو مانس، ”ادا، آءٌ تاج بلوچ آهيان.“ پوءِ مدد مونکي ڀاڪرن ۾ ڀريو ۽ اڳيان کان ايندڙ، مرحوم نياز همايونيءَ سان گڏجي، وجي هوٽل ۾ ڪچهرا ڪياسين.

ان ڳالهه کي ڊگهو عرصو ٿي چڪو آهي. ماڻهن جون ترجيحات تبديل ٿيون. ميل ملاقاتن جا سلسلا منقطع ٿيا، هرڪو پنهنجي پنهنجي نفسا نفسي ۾ ونجي ويو، ڇڙوڇڙ ٿي ويو. چوڏو، چوڏي کان ڌار ٿي ويو. گهڻن ماڻهن انهيءَ تحريڪ مان وڏا فائدا ورتا. غريب، امير ٿي ويا ۽ ڪالهه جيڪي مڇي ماني لائق هئا، اهي وجي عبدالڪريم گدائي، گرامي ۽ ابنِ حيات پنهور ٿيا. انقلاب پنهنجا ٻچا ڪائي ڇڏيا.

انهيءَ هلچل ڪانپوءِ ٽاڦوڙا ڪائي ڪن کي ڪنارو مليو ته ڪي ٽٽل تختي تي وچ سير ۾ اڃا تائين پيا لوڏا لما ڪائيندا وتن!!

اسانجو يار مدد، جيڪو سکر گهراڻي جو فرد هو، اڄ اتي ناهي، جتي ڪيس پهچڻو هو. جذباتي آهي. ڪڏهن ڪڏهن غلط فيصلا به ڪندو آهي. يارن کي ذليل به ڪندو آهي ته پاڻ به ڏنو ٿيندو آهي، پر هنجي اندر جو اهو سچو سنڌ دوست، پنهنجين سمورين تخليقي صلاحيتن سان، وجي اخباري دنيا وسائي.

اسان يارن مان گهڻن ته اڃا، ملان ڪاتيار، ٽڪڙ، دربيلو ۽ ساڌ ٻيلو به سوليءَ ريت نه ڏٺو آهي، چاڪاڻ ته جنهن ماڻهوءَ وٽ، رسول بخش درس، علي بابا ۽ وفا پلي وٽ پهچڻ لا“، جهمپير، ڪوٽڙيءَ ۽ عمر ڪوٽ جو ڪرايو ئي نه هوندو ته اهو ڪهڙا سفر ڪندو؟

خوشبختي آهي، مدد جي جو اخبار نويس جي حيثيت ۾، سرڪاري وفدن ۾ ڪيئي ملڪ گهمي آيو آهي ــ ”شهر صحرا ڀانيان.“ سندس ڪجهه سال اڳ جو سفرنامو آهي.

گهڻا اڻ گهڙيا ڪاٺ، پنهنجي اٽڪاٽائي، وائڙائپ، هلڪڙائپ، يا تخليقي صلاحيتن جي اٺهوند يا ذات جي حصار ۾ بند رهڻ جي ڪري ڇاڙ اوڳرايون ڏيئي، ’مسافرنامه‘ پيش ڪندا رهيا آهن، جن ۾ هڪ بيوس بندي جو نالو سر فهرست آهي، جيڪو انڊيا جو سفر ڪري، گند جو ڍبو ساڻ ڪڻي آيو آهي، جنهن کي آچيندي لڄ به نٿو مري ــ نه ٻولي، نه عبارت، نه مقصد Vision ، رڳو ذاتي نمائش ۽ شخصي تعريف ۽ وڏائي. ڪيس خبر به آهي ته، ”ايمٽا جو پيشاب تيل نه ٿيندو آهي.“

”شهر صحرا ڀانيان“ مدد جي اهڙي لکڻي آهي، جنهن ۾ علمي ساڃاهه ۽ سياسي بصيرت موجود آهي. قاهره ويندي، جڏهن هڪ خوبصورت، دلاويز ۽ اڪيلي همسفر ڇوڪريءَ جو قصو ٿو ٻڌائي ته طنز ۾ هنجي مزاج واري شوخي ۽ بي ساختگي سان گڏ ڇوڪريءَ جي تنهائيءَ جو درد به شامل آهي ــ ٻوليءَ جي جڙاءُ ۽ سيبتي لهجي، مدد جي لکڻي کي منفرد ڪري بيهاريو آهي. هي ڪنهن معمولي ۽ شوقين سياح نه، پر هڪ ڪمٽيڊ اديب ۽ جانبدار صحافيءَ جو سفرنامو آهي.

سندس سياسي سرت ۾، پنهنجي ديس جي مهڪندڙ مٽيءَ جا هڳاءُ محسوس ٿين ٿا. دبئي نار تان اڏامندي، ڪيس ڪيٽي بندر جي خوشبوءَ جا هڳاڙ محسوس ٿين ٿا، جيڪو گهٽين ڪارٽين، ماضيءَ جيان، سنڌ جو جديد بندر نه بڻجي سگهيو آهي. عربي سمنڊ جتان جتان گذري ٿو، ان کي انهيءَ ڌرتيءَ جو نالو ڏنو وڃي ٿو، پر جڏهن اهو ساڳيو سمنڊ، سنڌ مان گذري ٿو ته تاريخدانن جي تعصب تي حيران ٿيندي سوچي ٿو، ”ڇو، ڇو. انکي سنڌي سمنڊ ڇو نه لکيو ويو؟“

قديم مصري پيپائرز مان هٿ لڳل جڏهن انهيءَ انگريزي نظم (اصل ضرور عربي ۾ هوندو) کي حوالي طور پيش ڪري ٿو، تڏهن هنجو شعري شعور پنهنجي ڀرپور جمال سان مٿي ڀري اچي ٿو، ان گيت جو ترجمو هيٺ ڏيان ٿو:

ڏس ته ڪيڏي نه من موهڻي آهي!!
آهي ڪو انهيءَ جو مَٽُ؟
نئين سال جي مهورت لا“
ڪيئن نه ستارن جي ديويءَ جيان نزول پئي ڪري!!
هوءَ ڏوئنرِي ۽ شفاف رنگت واري ڇوڪري.

هن جو اکيون ڪيڏيون نه اونهيون ۽ سهڻيون آهن
جڏهن ڳالهائي، سندس چپن مان ماکيءَ لار
ٽپڪيو پوي.
هنجي سونهن جا استعارا محدود ڪٿي؟
هنجي ڳچي ڊگهي ۽ سينو گداز آهي
هنجي زلفن جي سونهن ۾، سڀ چمڪندڙ ڌاتو
ڳتيل آهن
هنجون ٻانهون نازڪ ۽ سونهري آهن.
هنجون آڱريون مخروطي
هلي ته ڀاري جيان ڇُلڪي پولهه هنجي
هنجون سٿرون سونهن جي لهر آهن
ٿلي ته ڊيل جيان ٿلي
هن منهنجي دل ڇڪي ”ڪسي ورتي آهي
ڪاش، مان هنجو آئينو هجان
“ هوءَ هر وقت مون ۾ پئي نهاري!!
ڪاش، مان هنجو لباس هجان
“ ڪيس ڇهڻيل هجان
ڪاش، مان اهو ڀاٽي هجان
جيڪو هنجي وجود کي....

مدد، هن سفرنامي ۾ ڪٽي ڪجهه نه لکي ها، پر هن ٽي هزار سال پراڻو مصري گيت ڪتاب ۾ شامل ڪري،



سفرنامي جي علمي سونهن، اهميت ۽ افاديت کي وڌائي ڇڏيو آهي. مدد نہ رڳو پاڻ کي، پر اسانکي بہ مصري اهرامن مان هٽ آيل اهڙي مڌر گيت جي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي.

ڪاڪا سِٽَ ڪويءَ جو سينو
چيري ڦاڙي ٿئي نروار
جڻ تيز تکي تلوار

مدد، روماني شعري روايت جي پٽيرائي ۾ جنهن گيت جو انگريزي Version ڏنو آهي، اهو نہ رڳو سندس جمالياتي حِسِ کي ظاهر ڪري ٿو، پر انهيءَ مان پڙهندڙ کي جيڪا معروضي خوشي حاصل ٿئي ٿي، اها جڻ Promise of Pleasure آهي، جيڪو هيگل جي خيال مطابق، هيئت جو مادي تي حاوي ٿي وڃڻ ۽ ماورائي آدرش يا سيڪس کي هٿي ڏيندڙ آهي. - ڪاش، اناتول فرانسِ اهونظم پڙهي ها تہ ڪيس ائين نہ چوڻو پوي ها، اها سُڌ ئي نٿي پوي تہ، ڪا شيءِ سهڻي ڇو هوندي آهي؟

مدد، گيت کي حوالي طور پيش ڪري، انهيءَ روماني ٻڌيمانيءَ جي بہ تصديق ڪئي آهي، جيڪا فنڪار جي تخليقي قوت جو نيپاج ڪري، ڪيس فن جي اعليٰ سطحن تي پهچائي ڇڏيندي آهي. هونءَ بہ نقادن جو خيال آهي، روماني ٻڌيمانيءَ ۾، جنس ۽ آرٽ جو ماخذ ساڳيو ئي آهي، ڇاڪاڻ تہ خواهشون، ڪرب-کي جنم ڏيئي، فنڪار کي حساس ۽ جذباتي بڻائي ڇڏينديون آهن ۽ پوءِ فنڪار، لڳاتار آزار ۽ بي چينيءَ ۾ گرفتار رهندي پنهنجي تصورات کي لامحدود ڪري ڇڏيندو آهي.-

ولديورانٽ صحيح چيو هو، ”جذبن جي شدت جو اٿاهہ وهڪرو ۽ اهڙي حيراني روماني فنڪار لا“، هر ماڳ تي پُرڪشش هوندي آهي ۽ پوءِ اهڙائي ماڻهو، شاعري، فلسفي ۽ محبت جي ٻيهر جوڙجڪ ڪندا آهن ۽ هر عاشق مزاج، اهڙين ئي لکڻين مان لطف اندوز پيو ٿيندو آهي.“

پيو تہ هر وچئين ۽ روماني دور ڪانپوءِ، جيڪو عهد ايندو آهي، اهو انقلاب جي نويد ٻڌجي ايندو آهي – اسانکي انهيءَ عهد جي ڪرشمہ ساز ڪردار جو اوسيئڙو آهي. انقلاب لاءِ، سنڌ ۾ ايرا سيرا سندرا ٻڌجڻ جا انڌا ڪاڻا امڪان ضرور پيدا ٿي پيا آهن، پر ان سان گڏوگڏ دلاليون بہ نيلام پيون ٿين. شل ڌڻي رحم ڪري.

ڪتاب جي ٻولي معياري، متن ۾ چِڪ ۽ ڪشش آهي. هي ڪتاب اهڙي صحافيءَ جي لکت آهي، جنهن جي اندر ۾ هڪ ساڃاهہ وند شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ قومي ڪارڪن ويٺو آهي. ■

# سالگره مبارڪ

سوجهرو ساٿين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ماڻڪ موتين، اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن حميد سنڌي، معشوق ڌاريجو، شاهنواز گهوٽو، ناز سنائي، ساحر راهو، يوسف سنڌي، ظهير زرداري، سميع بلوچ، مشتاق بخاري ۽ ٻين کي سالگره جون واڌايون. - ادارو



# مدد جي نثري شاعري...

## پيلو پن

طوفان لڳو
۽ ڪري پيا
وڻن مان ساوا ۽ سڪل پن
مون ڏٺو
انهن سڪل ۽ ساون پنن ۾
شامل هو:
منهنجي اندر جي ڪنهن سڪل ٿاريءَ جو
ڪوئي پيلو پن

❊

## مند

بهار جي مند ۾
اونداهي آڪاس هيٺان
املتاس جي پر ۾
اسين ٻہ آهيون
(هوءَ ۽ مان مان ۽ هوءَ)
پر نہ اسين ٻہ نہ، ٽي آهيون
ڇاڪاڻ تہ اسان ٻن سان
محبت جي ديوي بہ تہ گڏ آهي
رات، ڪنهن اونداهي سمنڊ جيان
گهري ۽ گهٽي گهري آهي
ڌرتي ۽ آڪاس تي
اونداهي ۽ اونداهي جو راڄ آهي
پر مان هھڙي اونداهہ ۾ بہ
هن راجڪماريءَ جي للاٽ مان ڦٽندڙ
پرهہ ڦٽيءَ جهڙي مڌر مڌر سوجهري ۾
سرشٽيءَ جي هڪ هڪ چيز کي
ڏسي رهيو آهيان
اداس ۽ اڪيلن وڻن جا
لڏندڙ ۽ لمندڙ پاڇا
(ڇا تو ڏٺا آهن ڪڏهن
بهار جي مند ۾
املتاس جا وڻ)
پريان ڪٿان ايندڙ هوائن ۾
موتئي ۽ چنبيليءَ جي مهڪار
هن جي سرهي ساهہ جي سڳنڌ سان گڏ
منهنجي من ۾ ڦهلجندي پئي وڃي
اي نيرن گهرن نيڻن واري
اداس راجڪماري
تنهنجي جيون جو
مان ئي اوسيئڙو آهيان
اڄ، اڄ بهار جي مند ۾
اداس آڪاس هيٺان
سنڌوءَ جي ڪناري
ڪائي انوکي نرت ڪريون
تنهنجي چمپا جهڙن پيرن
جڏهن بہ سنڌوءَ جي ڪناري
ڪا نرت ڪئي
تہ اي اداس راجڪماري
جيون جا اونداها رستا
ڪڏهن بہ پاڻ سان ويساهہ گهاتي نہ ڪندا
(اشون ديوتا ❶
توسان ۽ مون سان
هر مهل گڏ آهي)
اي ڪام ديو،
تون اسان جي
هنن ٻن جدا جسمن کي
هڪ ڪري ڇڏ
مون کي
هن کي
۽ ٻين اهڙن کي
جي اسان جهڙو ئي پريم
ڪري رهيا آهن.
اسين سڀ رات جي پيانڪ انڌيرن ۾
انوکو پريم ڪري رهيا آهيون.
اي اِندر ديوتا:
اي نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ
مهان شڪتي
رات جون گهريون اونداهيون
اسان کي پاڻ ڏي سڏي رهيون آهن
پر اسين
اي مِهان شڪتي
اي اُشاس ديوي
تنهنجي سوجهري ٽيڻ تائين
اداسيءَ جي هن گهري رات ۾
سنڌو جي ڪناري
نرت ڪندا رهنداسين
۽
سوجهري جو انتظار
ڪندا رهنداسين. ■

❶ هندو ميٿالاجي موجب آڪاس جو هڪ ديوتا.





# تون سان نينهن اڳهانجو...

پير عبيد راشدي

مدد علي سنڌي هڪ اڻ ٽڪ حساس ۽ ورچي نه ويهڻ وارو انسان آهي. ڪتابن ۽ ڌرتي سان ازل جو پيچ اڙيل اٿس. مدد علي جي سگهاري سجاڳ ڪهاڻي آهي جنهن نئين ٿ.هيءَ کي وڏ ڪان وڏ متاثر ڪيو. بلڪ ائين چئجي ته هو Trend Setter ڪهاڻي ڪار آهي. هن جي تخليقي ڪهاڻين 80-1970 وارن ڏهاڪن ۾ ڄڻ پير تي ڏوڪو هنيو. سندس ڪهاڻيون نثري نظم وانگر شروع ٿيندڙ ۽ انت ڇرڪائيندڙ ڄڻ ڪنهن سان سرٻاٽ ڪندي اوچتو چپن جي اوٽ ۾ ڪا ڳالهه رهجو وڃي. مدد علي سنڌي ڪهاڻين سان گڏ ناول، سفرناما، مضمون ۽ جديد شاعري پڻ ڪئي آهي. سندس هر ڪهاڻي ناول جيترو ڪئنواس رکي ٿي مدد علي نه رڳو تخليقي حوالي سان پر آدرشي ۽ نظرياتي سياست جي حوالي سان هڪ منفرد الڳ ۽ نرالي سڃاڻپ رکي ٿو. هن زندگي جي اوائلي دور اسڪول ، ڪاليج ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهائي دؤران عملي سياست ۾ حصو ورتو. ۽ سنڌ جي عشق ۾ پنهنجن ساٿين سان گڏ خارج ٿيو. ۽ سندس بزرگ والد 80 سالن جي عمر ۾ قيد ۽ بند جا ظلم سٺا. هو پنهنجن ساٿين سان گڏ روپوش هو ۽ سندس گهر وارا پريشان ۽ بزرگ پي قيد ۾. مدد علي ڪنهن مضمون ۾ لکي ٿو،

”هڪ ليکڪ کي سياست ۾ حصو وٺڻ گهرجي يا نه اهو سوال ور ور ڪري ذهن جي ڪينواس تي ليڪ ڪيو ٿو سچ پچ ته جڏهن هي ڳالهه لکي رهيو آهيان ته دل ڏکويل آهي. سوچيان ٿو ڇا واقعي مان سياست ۾ آهيان يا وقت حالتون ڌڪي مونکي ايڏهان وٺي ويون. ڪالهه 20 ڏينهن ٿيا جو رات جو ننڊ نٿي اچي. هيئنر جڏهن سڄو جڳ ننڊ ۾ آهي ته آئون جاڳي رهيو آهيان. ۽ پريشان آهيان جو بابا کي صوبائي وزير بديع الحسن زيديءَ جي اغوا ڪانپوءِ منهنجي عيوض لاڪ اپ ڪيو ويو آهي . منهنجو ابو 80 سالن جي عمر ۾ منهنجي لاءِ ڇا سوچيندو هوندو دل ڏکي ٿي وڃي.“

*(مضمون: ڪڏهن اتر سا مهان ڪڏهن دونهي جهل)*

سنڌ جي ازلي عشق ۾ مدد علي جي پڙهائي متاثر ٿي . سندس ٻين ساٿين ابن الوقت ٿي هر نئي حڪومت سان ٺاهه ڪيا. ويساهه گهاتيون ڪيون. روزگار ورتا. واسڪوٽيون پاتيون. سنڌ جي شاندار تاريخي ٻيلن جاوڻ وڏائي سرڪاري زمينن تي قبضه ڪيا پر مدد علي ڪنهن سان ٺاهه نه ڪيو. نه وري پنهجي سياسي وابستگي تبديل ڪئي. هو جوڀن رت ڪان وٺي هن عمر تائين ساڳي آدرش تي اڏول آهي. هن جيڪڏهن ڪنهن وڏي ماڻهو جي اخبار ۾ ڪم ڪيو. يا ويجهو رهيو ته ذاتي حيثيت ۾ نه نظريي ضرورت جي نظريي تحت جڏهن به اخبارن ۾ ڪم ڪيائين ته خودمختيار ٿي ڪيائين.

1970 واري ڏهاڪي ۾ جڏهن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فڊريشن جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل هو ته سموري سنڌ جي تعليمي ادارن جي با شعور شاگردن جو محبوب اڳواڻ هو. تعليمي ادارن ۾ دوستي وقتي ٿيندي آهي. پر مدد علي اڄ ڏينهن تائين پراڻن دوستن سان ڏک سک ۾ گڏ آهي.

73-1972 وقت سنڌ ۾ ٻولي واري بل جي رٿ تي سڄي سنڌ لال لهو ٿي وئي. ڪراچي، حيدرآبا ، ميرپور خاص ۽ ٽنڊي ڄام جي شهرن ۾ موت جو راڪاس انسانيت تي گجهين جيان لامارا ٿي ڏنا. سنڌ ڄاوا شهرن ۾ سنڌي اقتدار ڏٺين هوندي به حيدرآباد ، ڪراچي ۽ شاهه لطيف آباد مان پنهجا جنمي پاڙا ڇڏي ويا. پر اسان جو پيارو مدد علي سر اڏيءَ تي رکي، قميس جي ڪليل ٻٽڻ سان منيون پيڪوڙي وٺيل شهپرن سان گاڏي کاتي، اسٽيشن روڊ ۽ ڪوڪر محلا ۾ ڏارين کي للڪاريندو وتيو. ۽ پراڻن پاڙيسرين کي شهر نه ڇڏڻ جو چوندو رهيو. سنڌ جو اردو اديب مرحوم طارق اشرف سچ لکڻ جي ڪري بندي خاني ۾ هليو ويو ته مدد علي سندس گهر وارن جي سار لهندو هو. اهڙي ڏکي وقت ۾ پنهنجي گهر لڳ آشرم ۾ سنڌ جي ننڍڙڪن قومي ڪارڪنن کي پناهه ۾ رکيو. سندس گاڏي کاتي واري گهر جي ڏاڪڻ واري ڪاٺ جي در تي جيئي سنڌ ۽ بنگالي بندو شيخ مجيب الرحمان جي آزادي جا نعرا لکيل هوندا هئا. شايد اهي نينهن نعرا 1970 ۾ لکيا هئائين.


منهنجا وڏا سوٽ ماسات پروفيسر پير سائين عباد الله راشدي ۽ ڊاڪٽر پير محمد مصطفيٰ حيدرآباد جي مسلم ڪاليج ۽ ڪينٽونمينٽ ڪاليج ۾ پڙهندا هئا جتي هو مدد علي کي ويجهو ٿي ويا. پروفيسر سائين عباد راشدي جي شادي جي وليمي ۾ مدد علي ۽ نظير ميمن گڏ آيا. آيا ته مدد جا ٻيا ساٿي به هئا پر آئون مدد سان وينو رهيس. اها اسانجي دوستي جي شروعات هئي.

1980 ۾ مون سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي. درسي ڪتاب ته ورلي کڻندو هئس. باقي سياسي ڪتاب هاسٽل جي روم جي اسٽيڊي ٽيبل ۽ الماري ۾ سٽيل هوندا هئا. لکڻ ته اڃان شروع نه ڪيو هيم. پر ساڳي دور ۾ گڏ پڙهندڙ يا سينئر دوست رضيا جوکيو، زبيدا ميتلو ، قرت العين عيني، اخلاق انصاري ، طارق عالم ،نصير مرزا، عابد مظهر ، محمود مغل، ڪنول لهاٽو، سائين داد ساند نور گهلو ادب ۾ پنهنجي ميجتا ماڻي چڪا هئا. هو سڀ دوست جو ڪجهه ڏسندا ڀوڳيندا هئا انهن تي ڪهاڻي يا شاعري لکي وٺندا هئا . ادب هوندئن به ذاتي اجتمائي ڀوڳنائن جو گلدان ٿيندو آهي. انهن جون لکڻيون ڏسي حيرت ٿيندي هئم ته ساڳين ڪيفتن مان آئون به گذران ٿو پر چو نٿو لکي سگهان؟

ڪجهه لکندو هئس ته ساڳي لمحي ڦاڙي هاسٽل جي دري مان اڇلائي ڇڏيندو هئس. هڪ ڏينهن ڪجهه لکي نور گهلو ۽ اخلاق انصاري کي ڏيکاريم. هنن همت ڏياري. وري ٻيهر لکڻ جو چيو. پر مون ڪاڳر ڦاڙي دري کان ٻاهر اڇلائي ڇڏيا. شام جو هاسٽل کان ٻاهر ڪينٽين ڏانهن قدم کيم ته ڪنهن هاسٽلر ڀوڳ ڪرائي چيو، ”اڄ پڻ تنهجي روم مان ڪبوتر اڏريا ؟“

”هاسٽل لائيف ۾ هر ڪو ڪبوتر اڏاريندو آهي.“ مون ڪيس وراڻيو.

شام جي وقت جڏهن هاسٽل کان ٻاهر نڪرندو هئس ته شاعري يا ڪهاڻين جو ڪو ڪتاب هٿن ۾ هوندو هئم ڪينٽين تي خان صاحب عبدالڪريم پلي جو شهزادو پٽ اعجاز علي، لائق ٽيٻو، محمد طيب درياماڻي ۽ عزيز پلي اڳئي ويٺل هوندا هئا. ڪتابن جون ڳالهيون ڪندا هئاسين. انهن ڏنهن اسان سيني دوستن تي امر جليل جي ڪهاڻين، ’سرد لاش جو سفر‘، ’هڪ دل جي اڪيلائي‘، ’اروڙ جو مست‘، ’ساڻو ساڻو ساهه.‘ نسيم احمد کرل جي ڪهاڻين، ’چوٿيهون در‘، ’ڪافر‘. ميڊم نسيم ٿيٻو ۽ ميڊم خيرالنساءجعفري جي ڪهاڻين، ’هاسٽل کان حويلي تائين‘ ۽ ٻي ڪهاڻي 67-1966 جو سحر ڇانيل هوندو هو . انهن ڪهاڻين ۾ پنهنجا Complexes ڳوليندا هئاسين. هڪ منجهند هاسٽل جي ڪمري ۾ هڪ آل انڊيا ريڊيي تان فرمائشي گانا ٻڌندي اک مس لڳي هئم ته در تي هلڪي





ناڪ ٽيڻ سان عبدالڪريم پلي جو شهزادو پٽ اعجاز علي مرحوم واچوڙي وانگر روم ۾ داخل ٿيو. ويهڻ سان سهڻي رسالو کولي پڙهي ٽڏا ٽڏا ساهه کڻڻ لڳو.

”امر جليل جي ڪهاڻي ڇپي آهي ڇا؟“ ريڊيو بند ڪري پڇيو مانس،

”تيار ٿي هلي حيدرآباد ۾ ملونس. بابا جو دوست آهي.“

هن نالي وٺڻ کان سواءِ حجت ڪئي. مون سمجهيو امر جليل فاران هوٽل يا رٽز هوٽل ۾ ٽڪيل آهي هاسٽل جون ڏاڪڻيون لهي ٻاهرين گيٽ تي اعجاز بائيڪ کي ڪڪ هڻڻ کان اڳ بيهر رسالو ڏيکاريو. مدد علي سنڌي جي شاهڪار ڪهاڻي، ’هستيءَ جي اجاڙ ايوانن ۾‘ ڇپيل هئي. ڪهاڻي اچان ڏسڻ شروع ڪئي هيم ته اعجاز پلي اتاولو ٿي انڊر لائين ڪيل ڊائلاگ، پڙهڻ جو چيو. انڊر لائين ڪيل ڊائلاگ هو،

”سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ڏانهن ويندڙ بس ڪڏنهن آهستي ته ڪڏنهن تيز هلي پئي. هو دري پرسان ويٺل آهي. دري جي ڀڳل شيشن مان جنوري جي ٿڌي هوا ڪيس لڳي پئي. هو ٻاهر نهاري ٿو. تيز هوا سوساٽ ڪندي رستي جي پاسي کان بيٺل وڻن جا پيلا پن ڇانٽيدي بس سان ٽڪرائجي پئي. هڪ پن اچي منهن ۾ لڳيس ٿو. پن ڪي هٿ ۾ ڪٽي ڏسي ٿو. الائجي ڪهڙي وڻ تان ڇڻيو؟ ڪڏنهن هي پن سائو هوندو. هوا ۾ هڪ عجيب سڳند آهي. اهڙي سڳند جا ڪڏنهن ڪڏنهن هوندي آهي...“

اعجاز پلي هٿ مان سهڻي رسالو کسي هٿن سان ڪيل انڊر لائين ڪيل جملو پڙهي ٽڏو اونهو ساهه پري پڙهڻ لڳو، ”توهان اڄ ڪلهه ڊائلاگ سنا ڳالهائڻ لڳا آهيو؟“

”ائين ذليل ڇو ڪندي آهين؟“ ڪل اهڙي جيڪا سندس ڪاوڙ لاهي ڇڏيندي هئي.

”توهان گهٽي سوچڻ جي ڪري اهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهيو جيڪي اوهان لاءِ نقصان ڪار آهن ناراض آهيو ڇا؟“

”پوءِ؟“

”خبر به اٿئي ته ناراض نه ٿيندو آهيان ۽ جيڪڏهن ٿيندو آهيان ته به ڪهڙو فرق ٿو پوي ڳالهائيندو به ته پاڻ آهيان.“

”...“

”فوزي ناراض ٿي وئين ڇا؟“

”ڇو ڪمال آهي مان هروڀرو ناراض ڇو ٿينديس هاڻ هي وٺ.“

”ڇاهي؟“

فوزيءَ ڏنو. هو بيدلي سان گفٽ پيڪ ٿيل هئي. انهي جي مٿان لکيل هو From Unknown WeCome) ( To The Unknown We Go

اعجاز علي پلي مدد علي جي ڪهاڻي مان ڊائلاگ پڙهي سگريٽ دکائي ڄامشوري جي آسمان ۾ ڏٺو.

اعجاز منهنجي بنهه ويجهن دوستن مان هو انهن ڏينهن ۾ هو درد وڇوڙي جو ماريل هو.

عجيب اتفاق هو مدد علي جي ڪهاڻي جي نائڪا جو نالو فوزي هو ۽ اعجاز کان يونيورسٽي ۾ رسي ويل پريمڪا جو نالو پڻ ساڳيو هو. مدد علي جي ڪهاڻي، ’هستي جي اجاڙ ايوانن ۾‘ سچ ته سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جي ڪيفيت تي لکيل هئي. اڄ جيڪڏنهن اها ڪهاڻي ڪنهن وڏي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿئي ته ڪراچي يونيورسٽي جي شاگردن کي ڊاڪٽر محمود الحسن سينٽرل لائبريري ۽ انهي لڳ پريم گلي ۾ رلندڙ پرتل پريم ڪٿائون ياد اچڻ لڳنديون. مرحوم اعجاز علي ۽ آئون ڪڏنهن ڪڏنهن ڳوٺان ڪار گهرائي گهمندا هئاسين. يا ڪنهن دوست جي بائيڪ تي ڄامشورو المنظر، شاهه لطيف آباد حيدرآباد گهمندا هئاسين.

مونکي ياد آهي- خان صاحب عبدالڪريم پلي، مدد علي جي چوڻ تي اعجاز کي اسڪوٽر وٺي ڏنو هو.

”يار، مدد واهه جي ڪهاڻي لکي آهي. بابا جو دوست آهي. بابا وٽ ڪڏنهن اڪيلو ته ڪڏنهن عبدالقادر جوڻيجي سان گڏجي ايندو آهي.“ اعجاز ٻڌايو.

❋

”مدد علي، مرحوم چاچا حامد علي شاهه، چاچا مرحوم پير مظهر حق جن جو پراڻو دوست آهي. گاڏي کاتي ۾ پاڙيسري هوندا هئا. مدد، چاچا سهڻي پير فضل الحق جي قومي ڪارڪنن جي سهائتا ڪرڻ جي ڪري هميشه واکاڻ ڪندو آهي.“

مدد علي ڪي سڄي سنڌ سڃاڻي. حيدرآباد گاڏي کاتي، ڪوڪر محلي ۾ ڪير ڪنهن نه ٿي سڃاتو. اخبار فروش بڪ اسٽالن وارن، مشهور وڪيل غلام رسول شاهه، پروفيسر شهيد حزب الله ميمڻ، شاهي بازار وارو ڪپڙي جو مشهور واپاري مرحوم عبدالڪريم ميمڻ، سنڌ جي موجوده صوبائي وزير اطلاعات شرجيل ميمڻ جو پيءُ انعام ميمڻ، پروفيسر عمر ميمڻ ، بمبيءَ بيڪري وارو سيٺ ڪمار ٽڏاڻي.

مرحوم طارق عالم ابڙو بيمار ٿيو ته حيدرآباد مسلم ڪاليج ۾ دوست، مدد علي گڏ ڪيا جنهن ۾ نورالهدا شاهه شريڪ ٿي هئي. ۽ مدد جي ڪوشش سان ئي طارق جو اعلاج ڪرايو ويو. هڪ ڀيري مرحوم چاچا پير حامد علي شاهه حيدرآباد لڳ ٽنڊي فضل واري فارم هائوس تي شاندار دعوت ڪئي هئي جنهن ۾ موجودا پير صاحب پاڳاري، قاضي امتياز، مدد علي، عاشق حسين ميمڻ ۽ نور احمد آخوند شريڪ ٿيا هئا. آئون مرحوم اعجاز علي پليءَ سان بائيڪ تي هوائن ۾ اڏرندا مدد جي گاڏي کاتي واري گهر پهتاسين. ڪيس گهر ۾ نه ڏسي گهر لڳ سندس جوڙيل آشرم ۾ ويٺل ڪامريڊ عمر شوري کان مدد جو پڇيو. (ڪامريڊ عمر وٽ مرحوم معصوم سانگهڙائي ويٺل هو مرحوم معصوم سانگهڙائي هڪ سچو ديش ڀڳت ۽ شاعر هو هن سان قومي تحريڪ ۾ ڏاڍيون ويساء گهاتيون ڪيو ويون. هو حسن درس ۽ عرفان مهدي جهڙو حسين هو. هو ٿئي الهڙ وهي ۾ حياتي جي جنگ هارائي ويا. سنڌ کي انهن جي اڄان ضرورت هئي. ڪامريڊ عمر شورو، سائين جي ايم سيد جي حيدرآباد واري جيئي سنڌ هاسٽل ۾ جلسي ۾ ٿيل بم ڌماڪي ۾ شديد زخمي ٿيو هو.)

ڪامريڊ عمر پڇڻ تي ٻڌايو ته مدد علي سنڌ نيوز اخبار جي آفيس ۾ آهي. تن ڏنهن ۾ مدد اخباري دنيا ۾ نئون نئون IN ٿيو هو.

جڏنهن هو نئون صحافت ۾ داخل ٿيو هو ته ڪيترن دوستن شڪ ظاهر ڪندي چيو هو، ’ڪٿي صحافت جي جنگ ۾ مدد علي جي حساس تخليقي ڏات رهڙجي نه پوي؟‘ پر جتي صحافت ڪنڊائون جنگل آهي اتي تخليقي ادب بخملي سيج به ڪانهي. تخليقي ادب آهي ئي وارياسو پنڌ. پر سنڌ وارن ڏٺو مدد علي وڏيڪ سگهارين اتسائيندڙ ڪهاڻيون، ناول سفر ناما لکيا. مدد هميشه نون لکندڙن کي همٿايو. انهي لاءِ ان سنڌ نيوز اخبار ۾ ادبي صفحو جاري ڪيو، جنهن جو سرواڻ اخلاق انصاري هوندو هو. آئون ۽ اعجاز علي پلي اسٽيشن روڊ ٽپي هن وٽ ويندا هئاسين. هميشه جهڙي مٺي ڪيڪار ڪري ملندو هو. مدد سان منهنجي اڳي ئي قومي سياست جي ڪري ڄاڻ سڃاڻ هئي. هو جڏنهن جساف جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل هو ته آئون حيدرآباد ضلعي جو صدر هوندو هئس. پر ڪهاڻي جي دنيا جي ڪري گهر ڀلي ٿي وياسين.

حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي ادبي سياسي گڏجاڻين ۾ گڏ شريڪ ٿيندا هئاسين. گاڏي کاتي واري گهر ۾ بيزار ٿيندا هئاسين ته شهر جا چيڙها وڃي ڪٽندا هئاسين.

مدد علي، عامل ڪالوني، هيرا آباد ۽ تلڪ چاڙهي تي سنڌي هندن جي ڇڏي ويل عاليشان گهرن جي چڻ ڊائريڪٽري هوندو هو. هو هميشه مُنيون پيڙي ۽ قميس جا بٽڻ کولي هلندو هو. گاڏي کاتي جا بڪ اسٽور، اسٽال، شاهي بازار، ڪوهه نور سينما، مولئ علي جا قدم مبارڪ، تلڪ چاڙهي ۽ ٽاور مارڪيٽ کان وڃي نڪرندا هئاسين. تلڪ چاڙهي تي اسانجي ويهڻ جا ٽاڪ هوندا هئا، سليم قريشي جي ڪتابن جو دڪان ’ادبيات‘، ٽريننگ ڪاليج جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ چترڪار شرجيل جي ننڍڙو روم، جبيس هوٽل ۽ روڊ جي هن پاسي مشهور ايراني هوٽل. تلڪ چاڙهي تان لهندي نذرت گرلس ڪاليج ڏسي روميو بنجي ويندو هو. ڪا جوليٽ ياد پوندي هئس.

”اڌوري پنڌ جا آخري سپنا.“

’نذرت گرلس ڪاليج جي اڱڻ ۾ گهرن ۽ گهايل نيڻن سان هوءَ سندس آڏو بيٺي. هن ڇتائي انهي اداس اپسرا کي ڏٺو. سندس هٿ ۾ سفيد گلاب ۽ سندس ڪلهي ٻانهن ۾ سونو ڪڙو پيل هو. اوچتو وڻن مان اڇا ڪبوتر اڏاڻا. ڪبوتر ڪيٿولڪ چرچ جي مٿان ٽنگيل ٽياس تي وڃي ويٺا. بائبل ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي، ’تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ پکڙيل آهي هڪ وشال ماٿري.‘ ۽ مون سالن کان هڪ سپنو ڏٺو هو،

”انيلا ڪنهن ڪنهن پل پنهنجي وچ ۾ هڪ Gap محسوس ٿيندي آهي؟“

مدد علي کي نه رڳو حيدرآباد پر ڪراچي جي پراڻين جڳهين ۽ انهن جڳهين ۾ ڪڏنهن رهندڙ ماڻهن سان عجيب سڪ آهي. سندس هڪ ڪهاڻي (ڪرانتيڪار) ۾ نه رڳو سنڌ هند پر بنگال جي تاريخي اپياس جو ذڪر آهي. ڪهاڻي ’ڪرانتيڪار‘. حيدرآباد شهر ۾ اوير پاسي مير صاحبن جي وسايل قديم بستي سندس ڪشادا گهر آهن. وڏا گهر شاهي اڱڻ. اونچون ديوارون. ڊگها گهاٽا وڻ. نمن ۽ ڪنڊي جا وڻ. پر انهي گهر ۾ قمرالنساء به رهي ٿي. قمرالنساء، نالو ڪٽندي مٺي درد جي لهر جاڳي پئي. هوءَ مهاتما ٻُڌ جي هم وطن منهنجي جيون ۾ گهڙي ايندڙ ڪنهن مند جيان ڇوڪري. هالينڊ جي سگار، هاف نار سگار جي مٺي سڳند جي دونهي جيان سندس من ۾ ڦهلجندي وئي. هائي حياتي املتاس جي وڻ جيان...“

نذرت ڪاليج کان ورندي اسٽيشن روڊ تي عباسي اسپتال وٽ بيٺل قديم ٻڙ جي وڻ جي ٿڌي ڇانوء ۾ پکهر پيا نڪرندا هئس. هٿن مان نڪري ويندو هو. ٽڏا ٽڏا ساهه پيو ڪڍندو هو. ڪيس پڳهر ۾ ڏسي پر ۾ بيٺل ڪمند جي جوس واري کي ٻن گلاسن جو چوندو هئس. صلاح آئون ڪندو هئس پر اٽڪل سان پئسا پاڻ ڏئي ڇڏيندو



هو. مدد علي هوئن به سخاوت ۾ حاتم طائي جي سخاوت کان به مٿاهون آهي. عباسي اسپتال جي آپا ممتاز وارن سان مدد علي وارن جا خانداني رشتا هئا. مرحوم مٺو بالا جي نقشن جهڙي هوندي هئي.

ڪراچي ۾ هوندا آهيون ته سمنڊ ڪناري ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ رهاڻ پئي ٿيندي آهي. يا فورم مال جي ريسٽورنٽ 'ٽائيم آئوٽ' هميشه ڪافي پيندو بنا ڪير ۽ ڪنڊ واري اندر ۾ الائجي ڪهڙين محرومين جي ڪوڙا ڪس. سال ڏيڍ نڪور لکيل ڪهاڻي ۾ انهي ريسٽورنٽ ۾ ويٺل Palmist lady جو ذڪر خير ڪيو اٿائين. گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ مدد وٽ اڪثر ضرورت مند شاگرد ۽ اديب ليندا هئا. گاڏي ڪاتي جي پراٺين هوٽلن، نعمت ڪدا ۽ بخارا جا سيٺ مدد کي سٺ سان ايندي خوش پيا ٿيندا هئا.

مدد علي جي شاعري جي ڪتاب، 'پنر ملن' جي مهورت کان هفتو کن اڳ آئون ساٿس گڏ حيدرآباد، شاهه لطيف آباد ۽ ڄامشوري ۾ دوستن کي دعوت ناما هٿن ۾ ڏئي آياسين. باقي ٻين شهرن ۾ پوسٽ ۽ تار ذريعي موڪلياسين. مهورت کان هڪ ڏينهن اڳ لج پٽ روڊ جي مشهور ڊپارٽمينٽل اسٽور مجيد تان مددعلي ۽ آئون پرفيومز ۽ سگار وٺڻ لاءِ وياسين. هي اجان اسٽور ۾ هوته آئون ٻاهر ڪار وٽ اچي بيٺس. پريان ڪنهن ٻي ڪار ۾ ڇوڪريون ويٺل هيون. ڇوڪريون ڄڻ مددعلي جي ڪهاڻين جون اداس، وياڪل مرڪندڙ ڪردار هجن! مدد ٻاهر نڪري منهنجي پرسان اچي بيٺو. ڇوڪريون اسان ڏانهن اشارا ڪري مرڪي پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳيون. مدد جي حساس اک ستارن جو ڳچ ۽ اڏامندڙ پکن جا پر پرکڻ واري ڇوڪرين کي ڏسي روڊ جي هن پاسي هارن ۽ گلن جا دڪان ڏسي اشارا ڪرڻ لڳو.

"ڳالهائين ته پنهنجي باري ۾ پيون. ڇاتل سڃاتل پيون لڳن." مدد چيو، "مرڪ سندس وٺيل شهپرن مان لياڪا پائي رهي هئي."

"گلابن ۽ موتيي جا گهونگهٽ ڪرڻ جا ارمان لڳن."

مون چيو، "مدد، ڪا وراڻي ڏي." انهي کان اڳ آئون پنهنجي ڪار وٺان هٽي ڇوڪرين جي ڪار پر ۾ بيهي موٽي آيس.

"ڪهڙا سر پيون وڪيرين ڪجهه ٻڌائي؟" مدد سوال ڪيو.

"پاڻ ٻنهن کي جاڙا پائر پيون چون. پر تنهنجي قد کان منهنجو قد وڏو پيون چون."

مدد علي مرڪي ڏنو. مدد علي سنڌي ته منهنجو استاد. سندس آڏو مون پاڻ کي سدائين سيڪڙاٽ پائنيو آهي. هو اسان واري ٿهي يا پنهنجي ٿهي وارن اڳيان ڪارونجهر جو مور آهي.

مدد علي، اسٽور تان ورتل ولايتي پرفيوم جي خوبصورت شيشي ڪڍي پاڻ تي ۽ پوءِ مون تي ڇٽڻ لڳو. مون ڪيس حيرت مان ڏسي چيو،

"گهڙيءَ ۾ شيشون خالي ڪري انهن ۾ ڇورين کي قابو ڪندي ڇا؟"

"ڇورين جو قد ڪاٺ پرفيوم جي خوبصورت شيشن جهڙو آهي؟" مدد چيو. انهي وچ ۾ ڪاوهي چڙهل عورت مدد تي ڄاتل سڃاتل اکين سان ڏسندي ڪار جو در کولي ويهڻ جي ڪئي.

"هن جو قد ته پروفيسي ۽ پرٽ پرفيوم جي شيشن جهڙو ڏگهو آهي."

خاموش رهي مدد پڇيو، "سڃاتئي؟"

"نه!!" مون ننهڪر ڪئي.

"سنڌ يونيورسٽي جي ڪنهن وائس چانسلر مٺس مهر ڪري ٻين جا حق کائي ڪيس يونيورسٽي ۾ نوڪري ڏني آهي."

"ڇورين جو قد ته پرفيوم جي شيشن جهڙو پر خوشبو سڳند؟"

"ڪي خوشبووقتي ته ڪي دائمي روح تي ڇانيل!"

مدد ٽڏو ساهه ڀريندي وراڻيو. مدد الائجي ڪيترين پريمڪائن کي خوشبو سان واسيل گفٽ ڏنيون ۽ ورتيون هونديون. الئجي ڪهڙين جي ياد ۾ درياهه شاهه وانگر تار وهندو لکندو ٿو وڃي.

ڇوڪريون ڪار جي ٽائرن مان چرڙاٽ ڪڍي اڳتي نڪري ويون. ۽ اسان ٻئي رستي تي ڪار جي ٽائرن جا نشان وياڪل اکين سان ڏسڻ لڳاسين.

"ڪار جي ٽائرن جا نشان ته رستي تي ڇٽا آهن. پر رستي ۾ مليل ماڻهن جا قدم بي نشان!" مون چيو.

اهو ٻڌي مدد ٽڏو ساهه کنيو. ۽ پنهنجو نظم 'راهه' جهونگاريو،

"رابيل ايندي ئي
رابيل جا گل ٽڙي پيا آهن
ڪوئل دور ڪنهن وڻ تان ڪوڪي پئي
۽ هوءَ پنهنجا سمنڊ جهڙا نيڻ نوائي
راهه تڪي پئي ڪنهنجي؟"

مدد علي ڄڻ مني، پوڊيسر پاسي جو ڪو واري جو ڏڙو ٻٽيل هو. اهڙو ڏڙو جنهن تي مور، ڊيل ته روزٿهو ڪو ڪندا نچندا رڙندا آهن. پر انهن جا پير هوائون گم ڪري ڇڏيندڙيون آهن.

❋

مدد علي سنڌي جي شاعري جي ڪتاب، 'پنر ملن' جي مهورت ۾ نه رڳو حيدرآباد شاهه لطيف آباد ڄامشوري جا اديب اچي مڙيا پر سنڌ يونيورسٽي لياقت ميڊيڪل جا ادب سان چاهه رکندڙ شاگرد، شاگرديا ڻيون به اچي ڳاهٽ ٿيون. سيني مدد کان آٽوگراف ورتا. آئون ۽ اعجاز پلي آٽو گراف وٺڻ لاءِ اسٽيج تي پهتاسين. مرحوم اعجاز ته آٽو گراف ورتو. پر مون پنهنجا هٿ روڪي ڇڏيا.

رات جو مدد علي جي گهر ڊرائنگ روم ۾ ويٺا هئاسين. ڊرائنگ روم ۾ عاليشان ناياب اينٽڪ شوپيسز ۽ ويلويٽ جي پردن کي ڏسي مرحوم اعجاز پلي الائجي ڪهڙي خيالن ۾ لڙهندي چيو،

"ماڻهو الائجي ڪهڙن رنگن ۾ گذاري ٿو. مدد تي اندلٽ جا 7 ئي رنگ ڇانيل. پر هڪ رنگ سدائين مدام."

اعجاز جو لهجو خماريل هو. مون اعجاز جي اکين سان مدد جي ڳاڙهي رنگ سان سينگاريل ڊرائنگ روم جا پردا بيڊ ليمپ شوپيسز ڏسندي ڪيس چيو،

"مدد جو وجود ڳاڙهي رنگ جي اجرڪ سان اڏيل آهي. سنڌ جو سماجي سياسي ڍانچي جي تبديلي لاءِ هن سدائين خواب ڏٺا آهن. 'ڳاء ڳاءِ انقلاب ڳاءِ' ۽ 'رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي'، سدائين ورجايو اٿس،

"ڪهڙن انقلابن جي ڳالهه ٿا ڪريو؟"

❋

مدد علي ماڙيءَ تان پنهنجي جيجل ماءُ کان دعائون وٺي موٽيو. اعجاز علي، مدد کان مونکي آٽو گراف وٺڻ جو چيو. مون ڪيس وراڻيو،

"جڏنهن منهنجي ڪنهن ڪتاب تي مدد علي سنڌي به لفظ لکندو تڏنهن اهو منهنجي لاءِ آٽو گراف هوندو." ■



## ڊاڪٽر مشتاق ڦل

ماڻهن منهنجو وهم وڌايو ،ڪيئن وساريو هوندئي ؟
مونکي پڪ آهي اي سڄني ،ڏاڍو ساريو هوندئي
نيٽ دريءَ مان چوريءَ چوريءَ هيٺ نهاريو هوندئي
نيٽ ته ايندو سوچي سوچي پاڻ سنواريو هوندئي !
در جي پرسان اوسيئڙي ۾ جهاتيون پاتيون هوندئي
پنهنجي گهر کي ڏاڍيءَ سک مان خوب ٻهاريو هوندئي!
ٽيبل،ڪرسي،اي سي، دريون ،ٽي وي، ٽيپ چنڊي
ڪمري ۾ گلدان سجائي لئمپ کي ٻاريو هوندئي !
ڪمپيوٽر تي ويهي ويهي رات گذاري هوندئي
منهنجو فوٽو ڳولي ان سان وقت گذاريو هوندئي !
پيار وفا جو دور نه آهي هل ته سمهي پئون هاڻي
کٽ تي ليٽي اڀ تان لهندڙ چنڊ نهاريو هوندئي !
منهنجو آ مشتاق انهيءَ کان ڪيئن جدا مان گهاريان
دل ئي دل ۾ پٽڪي پٽڪي ڳوڙهو هاريو هوندئي !
مان سمجهان ٿو گهر جي پاتين ڏاڍو ماريو هوندئي
مونکي پڪ آ پوءِ به مونکي ڪين وساريو هوندئي !

❋❋❋

## زخمي چانڊيو



ڪا سار ته لهبي آ.
رُڳو هامَ نه هٽبي آ.
ايڏو ضد به چڱو ناهي،
ڪنهن ٻئي جي به ٻُڌبي آ.
سا ڳالهه ڪجي ڇا لئه،
ڄا پاڙي نه سگهبي آ.
فُرصت جي گهٽي ناهي،
هڪ رات ته رهبي آ.
هُن خط آ لکيو "زخمي"،
ڪا چوٽ به سهبي آ.

(13 وهين ورسيءَ جي موقعي تي شهيد جو يادگار غزل)





# سگهارو ڪهاڻيڪار...

مختيار ملڪ

ورهاڱي کانپوءِ واري سنڌي ڪهاڻيءَ ڪي جڏهن ڪَٽ پئي لڳي تڏهن نئين ڪهاڻي نئين روپ ۾ نسري آئي. ڪيترن راءِ بهادر ڪهاڻيڪارن جي قلم جي مَسُ ڪُٽي وئي يا موضوع- پر ڪهاڻي ڪي ڪنهن جو انتظار ڪرڻو نہ هو. ڪنهن ڏاهي چواڻي، 'ڪهاڻي/نثر پنڌ ڪندو آهي'، سو ڪهاڻي پنهنجو پنڌ جاري رکيو. ستر ۽ اَسي جي ڏهاڪن ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ اردو بدران انگريزيءَ جي اثر هيٺ ڪهاڻيءَ جو نئون جهان جوڙيو. ان سمي ڪهاڻيءَ ۾ مدد علي سنڌيءَ جو نئون نالو نروارٿيو. مدد علي سنڌي جي ڪهاڻي غيرروايتي (Unconventional) هئي. هن پنهنجي ڪهاڻي لکڻ جو اسلوب پاڻ دريافت ڪيو. ڪهاڻي جو روايتي Technique جي اڏاوت جي ڇئني عنصرن کان الڳ ٿي نئون تاجي پيٽو جوڙيو، جيڪا جديد ڪهاڻي ڏانهن شروعاتي وک چئي سگهجي ٿي. انگريزي ڪهاڻي ۾ ورجينا وولف، جيمز جوائس ٽيڪنڪ ۾ انقلاب آندو ۽ پنهنجن پنهنجن افسانن ڪي پلاٽ، ڪردار ۽ واقعن کان آجو ڪري لکيو. ايئن مدد علي سنڌي جي هرڪا ڪهاڻي هڪ فني تجربو آهي. هو پلاٽ ۽ ڪردارن سان جڙيل آهي پر هو اظهار ۾ گهڻو بيانيہ (Narrative) آهي، جيئن ايڊگر ايلن پو کان هينري جيمس تائين انگريزي ڪهاڻي جو انداز بيانيہ آهي.

مدد علي سنڌي جي ڪهاڻيءَ ۾ ترتيب (Setting) مختلف آهي. هر ڪهاڻي جي هڪ خاص اٽت آهي، اها هيئت سندس پنهنجي گهڙت آهي. ميلان ڪنديرا جي لفظن موجب،

"هيئت/تحرير جو اڏاوتي خاڪو (Architectural Blueprint) هڪ جنون وانگر لکڻ واري جي اندر ۾ موجود هوندو آهي. اُهو اندر جو جنون ڪڏهن Monolog وانگر بيان ٿئي ٿو، جنهن ۾ Intrapersonal اندروني ڪيفيتن، احساسن جي دنيا جو بيان آهي. 'پيلاگل سرنهن جا' مدد جي اها بيانيہ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سندس داخلي ڪيفيتن جو رنگ سمايل آهي. منهنجي جيون ۾ سدائين خوشيون ڪن گهڙين لاءِ ايندیون آهن. ۽ اهي گهڙيون ايتريون تہ مختصر هونديون آهن جو جيسين مان انهن تي ڪجهہ سوچيان، اهي خوشيون مونکي اڪيلو ڇڏي وينديون آهن." اڪيلاين جو احساس سندس وجود کي ڪرڪنا ڪري ڇڏي ٿو:

"مان خالي خالي انسان آهيان، جنهن وٽ سواءِ ڏکن ۽ سوچن جي ٻيو ڪجهہ بہ ناهي."

۽ ايئن ساڳيءَ ريت ڪجهہ اهڙا ئي احساس هن جي ڪهاڻيءَ ۾ اندروني دنيا مان اُٿلي اچن ٿا:

"الائي ڇو مون کي لڳي ٿو تہ مان وقت کان اڳ پوڙهو ٿي ويس. جواني ڄڻ منهنجي ويجهوئي ڪانہ آئي" يا "مان تهنجي زندگي ۾ شام جي انهيءَ تاري جيان آهيان، جيڪو ڪجهہ مدت لاءِ چمڪندو آهي ۽ پوءِ رات جي اونداهي ۾ گم ٿي ويندو آهي."

مدد علي سنڌي وڇوڙن، حادثن، المين، وارتائن، ڏکن، پيڙائن، ڳوڙهن، ناقدرين، مايوسين، ناڪامين، محرومين، مصيبتن، ڪلپنائن، اڌورن ارمانن، اڻپورن سپنن، وڃايل محبتن، خوف ۾ ورتل سوچن، رُتل سليڪن جو ترجمان آهي.

مدد علي سنڌي زندگي جي پنڌ ۾ ٿڪيل آهي. هن جي ٿڪل وجود کي احساس ۽ جذبا جوڙي ويٺا آهن. انهن کي اظهارڻ لاءِ ڪنهن مقرر ڪيل گهڙت جي پابندي قبول ناهي. هو شعور جي وهڪري Stream of consciousness هيٺ پنهنجي باطن تي Super Natural نموني بيان ڪري ٿو.

مدد علي جي ڪهاڻيءَ جا ڪردار پنهنجي مڪالمن ۾ ڪنهن فڪر ۽ فلسفي جي اپٽار هجن ٿا. هن جي ڪهاڻي 'ڪنڊر' ۾ ڪردار موت ۽ زندگي جي فلسفي کي ظاهر ڪري ٿو،

"موت زندگي جي حقيقت آهي ۽ خاموشي زندگيءَ جو انت آهي. هر شروعات جي پڇاڙي ٿيندي آهـــي.



هـــــر شروعات جو انت بہ پڇاڙي آهي."

مدد جا ڪردار زندگي جي فلسفي سان مڪالمو ڪن ٿا ۽ ان ۾ فرانز ڪافڪا Franz Kafka جي سندس ملينا ڏانهن لکيل خط جا ٽڪرا Extracts بہ اوتي ٿو.

هر تخليقڪار پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڪا نہ ڪا سوڪڙي ڏيندو آهي. مدد علي سنڌي جي هر ڪهاڻيءَ جون سٽون، سوڪڙيون آهن. هو پنهنجي ذات جي اظهار سان اهڙو ماحول ۽ مزاج تخليق ڪري ٿو، جنهن سان پڙهندڙ جي دلچسپي وڌندي رهي ٿي. اهو هڪ فن آهي. جنهن کي ڪهاڻي جي هڪ نقاد جيمس برڪلي جي لفظن ۾ پرکي سگهجي ٿو:

Another technique, sometime employed by the writer is to bring the details of setting into such sharp focus, to make the atmosphere and mod of story so prominent, that you as the reader or impressed as much by the place of the story as you by the event or the characters.

جيمس برڪلي موجب، مدد سنڌي پنهنجي انوکي ڏانءَ ۽ مهارت سان پنهنجي تخليقن ۾ نہ رڳو ڇٽلپٽا عڪس پيش ڪري ٿو. پر هنجي ڪهاڻيءَ جي بيان ۾ سمورو وايومنڊل، واقعا ۽ ڪردار اهڙي فطري طرح سان اُڀو اچن ٿا. جنهن کان قاري متاثر ٿئي ٿو.

هن جي ڪردارن وٽ تسلسل آهي، جن جا مڪالمہ سندس فڪر ۽ فلسفي جي پالوٽ آهن. هي مڪالمہ جهڙو ڪر مدد علي سنڌي جا Quotes هجن، رڳو هڪ ڪهاڻي "ڪرانتيڪار" ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي سٽون ملن ٿيون:

- "وقت جو سفر انسان کان وڌيڪ تيزيءَ سان سفر ٿو ڪري".
- "وقت سدائين پنهنجي دور جي جهونجهار کي شڪست ضرور ڏني آهي".
- "خوشنصيب انسان اهي هوندا آهن، جيڪي سدائين سونهن پريا سپنا ڏسندا آهن".
- "هي ڌرتيءَ جا ڦير اڏايا عجيب ۽ ظالم ٿيندا آهن. انسان صدين کان انهن ڦيلاڻ جو ڏکو سفر ڪري رهيا آهن".
- "اسين سڀ وقت جي ڦيرن ۾ قيد آهيون".
- "اسان سيني کي ڪا نہ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪرڻ کپي، جنهن سان ڌرتيءَ تي وسندڙ انسانن جا ڪجهہ ڏک گهٽ ٿي سگهن".
- "مان پنهنجي سوچيندڙ ذهن کان پريشان آهيان".
- زندگي ۽ وقت هر انسان سان پل پل کان پوءِ ڪانہ ڪا ويساهہ گهاتي ضرور ڪندو آهي".

مدد علي سنڌي جي هر ڪهاڻيءَ ۾ انٽيلڪچيول پرسوئنس Intellectual Pursuance آهي. هن وٽ سهڻن لفظن جا قافلا سٽون ٺڄي سفر ڪن ٿا، جيڪي چرندڙ ڦرندڙ منظر Moving Images آهن.

مدد علي سنڌي پختو ڪهاڻيڪار آهي، سندس ڪهاڻي اهو هار آهي، جنهن ۾ زندگي جا رنگارنگ گل سجايل/پويل آهن.

مدد جا مڪالمہ وجود جي ڪيفيتن کي جهنجهوڙيو ڇڏين، مڪالمہ زندگيءَ ۾ اٿل پٿل آڻيو وجهن.

جيئن ڪجهہ هي مڪالما:

"اي خدايا، مان بہ ڪهڪشان جي بند شيشي جي شوڪيس ۾ رکيل ڪائي شيءَ هجان هان، نہ سوچڻ جي سگهہ، نہ روئڻ جي شڪتي، چمڪندڙ شيشيءَ جي شوڪيس ۾ ٻرندڙ بتين جي روشني، چمڪندڙ هٽ... روشني... ۽ ... ۽...

هن جي دل ۾ مٺي درد جي لهر جاڳي پئي،

ڪلفٽن جي هن وشال بستيءَ ۾ مان ڪيڏو نہ اڪيلو آهيان.

هاءِ حياتي... حياتي آ ڪنهن املتاس جو وڻ.

ڪوئي ان سيما کي نہ ڪوئي پار ڪري سگهيو آهي، نہ ڪوئي ڇلانگ هڻي پار ڪري سگهندو.

جيون آ سمرتين جو ڍير، ڪير ڳوليندو هن سمرتين مان پنهنجي ياد.

منهنجي جيون جي هر رستي جي پڇاڙي هن شهر جي عميق سمنڊ ۾ وڃي پوي."

مدد وٽ جيون جا ڪيئي رستا آهن ۽ انهن جو انت ڪا ڪاهي، نہ پر هڪ وشالتا آهي. هن وٽ جيون وسعتن ۾ ڦهلجي ٿو. ان جو ڪو ڇيهہ ڪونهي.

مدد جي ڪهاڻي ڪراچي جي زندگيءَ کي معنيٰ ڏئي ٿي، ڌرتيءَ ڏڪاڻن کي ڌرتيءَ سان رشتو جوڙڻ جي سوچ ڏئي ٿي، تہ ڏسو تہ ڪيڏي نہ ڪمال سان هو ڪراچيءَ جي زندگيءَ ڊفينس ۾ رهندڙ بنگالي ڇوڪريءَ متعلق ٻاهريان آيلن کي پيغام ذميواري سونپي ٿو:

"مونکي تنهنجي هن ڌرتيءَ سان بي انتها محبت آهي، هڪ اهڙي محبت جا مونکي گيان جي آلي مٽيءَ سان ۽ بنگال جي سنهري کيتن سان هئي ۽ اها ساڳي محبت مونکي هتان بہ آئي آهي".

مدد علي سيبتو ڪلاڪار آهي، جنهن وٽ لکڻ جو تمام سهڻو سليقو آهي، هو نئين جُڳ جو سگهارو ڪهاڻيڪار آهي. ■





# ديومالائي ڪردار...

مشتاق احمد شورو

ست واري ڏهاڪي جي پڄاڻي کان وٺي اَسي واري ڏهاڪي جي ابتدا وارن سالن جو سمورو عرصو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ انتهائي اهم ۽ تاريخي حيثيت رکي ٿو. ان عرصي دوران لکيل ڪهاڻين ۽ تنقيدي جائزن سنڌي ادب کي مڪمل طور تي روايت کان پري ڌڪي، هڪ نئون ۽ انوکو موڙ ڏنو. اهو زمانو سالن کان هلندڙ روايتن کي، جيڪي بيٺل پاڻيءَ جيان ڌپ ڪرڻ لڳيون هيون تن کان بغاوت جو دور هو. اهو مڪمل انڪار جو زمانو هو.

هي اهو دور هو جڏهن سنڌي ادب شروعاتي دور جي حقيقت نگاري، رومانوواد، ترقي پسند ويچارن، آدرشن، ڪردار نگاريءَ، لفاظيءَ سان ڀريل ڊائيلاگن ۽ خارجيت جي ڄار مان نڪري، پلئه آجا ڪرائي جديد ادب واري عالمي ست ۾ شامل ٿيو. ان دور ۾ سرجندڙ ادب ۾ پهريون ڀيرو بي مقصد انساني وجود، پراسراريت سان ڀريل- سمجهه ۾ نه ايندڙ بي معنيٰ ڪائنات، شخص جي بيوسي- روحاني سهارن کان لاتعلقي وارن موضوعن جي اوڪ ڊوڪ ٿي.

ان عرصي جي جديد ادب تي سارتر جي وجوديت واري فلسفي، البرٽ ڪامئو جي ابئسرڊٽي ۽ ڪافڪا جي غير يقيني، انساني بيوسي، تباهه ٿيل شخص جي سڃاڻپ ۽ بنا ڪنهن ڏوهه جي سزا ڀوڳيندڙ شخص جي حالت جي گهري ڇاپ رهي. ان دور ۾ شعور جي وهڪري واري لکڻي کي ائنٽي اسٽوري ۽ ائبسرڊ اسٽوري جي نالي سان ڄاتو ۽ سڃاتو ويو.

اهو جديد ادب لکڻ جو بنياد سنڌ ۾ پهرين مون ٿي 1968ع ۾ وڌو ۽ بعد ۾ ٻين ليکڪن به روايتي ادب واري واٽ ڇڏي جديديت ڏانهن وڪ وڌائي. هنن ۾ اهم ليکڪ شوڪت شورو، ماڻڪ، علي بابا، مدد علي، خيرالنساءِ جعفري ۽ ٻيا آهن بعد ۾ طارق عالم ابڙي ۽ اخلاق انصاري به ان روايت کي اڳتي وڌايو.

مدد علي سنڌي ان دور جو اهم ۽ انوکو ليکڪ ان لحاظ کان به آهي، جو هن جي لکڻين ۾ موهن ڪلپنا جي رومانيت، گُني سامتاڻي جو ڪلاسيڪل لکڻي وارو ٽچ، قرت العين حيدر جي روحانيت گاڏڙ پراسراريت، لعل پشپ جي ماڊرن ازم، ڪامئو جي ائبسرڊٽي، ڪافڪا جي 'شخص' جي بيوسي واري حالت ۽ سارتر جي وجوديت جا سمورا عنصر موجود آهن. مدد جي لکڻين جا ڪردار به هن جي ڪهاڻين جيان ئي پراسرار آهن.

هونئن ته مدد بنيادي طور تي فطري ليکڪ آهي. پر پوءِ به هن دنيا جي اڪثر فنڪارن جيان پنهنجيءَ زندگي ۾ ڪيئي ڪردار- رول ادا ڪيا آهن، دنيا هن لاءِ شيڪسپيئر جي چوڻي جيان هڪ ناٽڪ جيان آهي، جنهن ۾ انسان ڪيئي ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ هر رول سان گڏ روپ ۽ ڍنگ به مٽائي ٿو.

ٺيڪ ائين مدد به زندگيءَ ۾ ڪيئي ڪم ڪيا. پر هن جا سمورا ڪم، سمورا ڪردار هن جي اڌورن عشقن جيان اڌورائي رهجي ويا. يا هن خود پاڻ به سڀ ڪجهه اڌورو ڇڏي ڏنو. اندر جي بيچيني ۽ آنڌمانڌ هن کي ڪجهه به مڪمل ڪرڻ نه ڏنو. هن جي زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه اڻپورو رهيل آهي يا رهجي ويو آهي. شايد ان ڳالهه جو پڇتاءُ به ڪيس نه هجي، جو جيئن آهي سوئي هن لاءِ ٺيڪ آهي.

هڪ دور هو جڏهن مدد مارڪسواد فلسفي جو باقاعده حامي رهيو. ۽ ترقي پسند ليکڪ هن جا آئيڊيل ليکڪ رهيا. وري هڪ اهڙو دور آيو جنهن ۾ مدد ڪٽر قوم پرست نه صرف سوچ جي حد تائين رهيو، پر هن قوم پرست سياست ۾ عملي ڪردار به ادا ڪيو. ۽ هو جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو بنياد رکندڙن مان هڪ آهي ۽ سائين جي. ايم. سيد جو ويجهو ساٿي هجڻ جو اعزاز به مدد وٽ ئي آهي. هن زندگيءَ جا ڪيئي سال روپوشيءَ ۾ گهاريا جنهن جي نتيجي ۾ هن جي مٽن مائٽن تي سختيون به آيون ۽ سندس پيءُ ۽ ماءُ کي وڏي عمر ۾ جيل جا ڏينهن گهارڻا پيا.

روپوشيءَ واري دور کان اڳ ۾ مدد جو لاڙو صوفي ازم ڏانهن ٿيو. ۽ هن موسيقي ڀينار جي باقاعده سکيا استاد عبدالغفور کان ورتي.

اها هن جي اندر جي بيچيني ۽ آنڌ ماڌ ئي هئي. جنهن هن کي هڪ ويچار، فڪر ۽ فلسفي تي ٽِڪي ويهڻ نه ڏنو. ۽ آخر ۾ هن جي پناهه گاهه ادب ئي بڻيو.

مدد صحافت سان به پنهنجو ناتو جوڙيو. صحافت هن جي گذر سفر جو ذريعو ئي رهيو آهي. پر هو اڄ به بنيادي طور تي فطري ليکڪ ئي آهي، وڏي ڳالهه اها آهي ته مدد لاڳيتو لکندو رهيو آهي.

مدد گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي، جيڪو هن جي لکڻين ۾ چٽو نظر اچي ٿو. هو هڪ ئي وقت تي سياسي ڪارڪُن، صحافي، ڪهاڻيڪار، نقاد، مضمون نويس ۽ ڪالم ڪار ته آهي ئي پر هن کي تاريخ سان به گهرو لڳاءُ رهيو آهي ان سان گڏ موسيقي به هن جو شوق آهي.

مدد جو هڪ ٻيو رُخ به آهي، جنهن جي گهڻن ماڻهن کي خبر به هجي. هو ڪنهن جو ڏک ۽ تڪليف ڏسي نه سگهندو آهي. جڏهن مرحوم طارق عالم ابڙي جا گُڙدا خراب ٿي ويا هئا ۽ ڪڊني ٽرانسپلانٽ لاءِ ڊاڪٽرن لنڊن وڃڻ جو مشورو ڏنو ته ڊونر ته موجود هو پر لنڊن وڃڻ ۽ علاج ڪرائڻ جا پئسا طارق جهڙي مسڪين ماڻهو جي وس کان ٻاهر هئا. اتي مدد ئي ڏينهن رات هڪ ڪري سڄي سنڌ ۾ جهولي جهلي طارق جي علاج لاءِ چندو گڏ ڪرڻ جي ڪم ۾ لڳي ويو. ان سلسلي ۾ هن ڪيترائي فنڪشن ۽ ميڙاڪا به ڪرايا پر سنڌين جي روايتي بي حسيءَ ڪارڻ علاج جيترا پئسا گڏ نه ٿي سگهيا ته مدد وڃي ان وقت جي وزيراعظم مرحوم محمد خان جوڻيجي جو در جهليو ۽ نيٺ طارق عالم جي علاج لاءِ سرڪاري پئسا منظور ڪرائي طارق کي لنڊن روانو ڪيائين.

هونئن به مدد جي زندگي هڪ نه کٽندڙ جدوجهد ۽ هلچل رهي آهي. جيتري قدر آئون مدد کي سڃاڻان ۽ مون هن کي ڄاتو آهي ته هو بنيادي طور تي هڪ بوهيمن Bohemian آهي. بوهيمن هجڻ هن جي پنهنجي چونڊ نه ناهي. پر هو فطري طور تي غير رواجي زندگي جيئندو رهيو آهي. ان ڪري ئي مدد کي ڪنهن هڪ خاني، ڪمپارٽمينٽ ۾ فڪس نٿو ڪري سگهجي. ظاهري طور تي هو جوشيلو، ڪاوڙيل، تيز لهجي ۾ ڳالهائيندڙ سخت طبيعت رکندڙ سخت چهري وارو انسان ٿو نظر اچي، پر جي ويجهڙائي کان مدد کي ڏسجي هو اندر ۾ هڪ انتهائي حساس ۽ نازڪ مزاج جو ماڻهو نظر ايندو.

هونئن ته مدد جا تمام ويجها دوست ته ٻيا گهڻا ماڻهو آهن پر ڊگهي عرصي مدد سان نيازمندي هئڻ جي ناتي مون کي ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته مدد اندر ۾ هڪ پڳل ڀريل ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل ڪو شخص هجي جيڪو پنهنجي زندگي بنا ڪنهن رٿابندي جي ٽڪرن ٽڪرن ۾ جيئندو رهيو هجي. پر هن جي ظاهري ورتاءُ ۾ لڳي ٿو ته مدد زندگيءَ کان آڻ نه مڃي آهي.

آئون پڪ سان ته نٿو چئي سگهان پر مون کي لڳي ٿو ته مدد جڏهن اڪيلائي ۾ پاڻ کي بلڪل تنها ۽ ٽٽل محسوس ڪندو هوندو ته هو پڪ ئي پڪ ننڍڙن ٻارن وانگر ڊڪون پري روئندو هوندو. هن جو ايئن روئڻ هن جي ڪمزوري نه پر سگهه هوندي جا کيس چوندي هوندي 'نه، اجا انت ناهي. اجا به ڪجهه ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه بچيل آهي.' مونکي لڳندو آهي ته مدد پنهنجي زدنگيءَ جي سفر ۾ پنهنجي وجود جي ٽٽل، ٽڙيل پکڙيل ذرن- پرزن کي وري نئين سِر ميڙي گڏ ڪري پنهنجي پيرن تي بيهندو رهيو آهي، بنا ڪنهن سهاري جي، بنا ڪنهن مدد جي.

ڏکين حالتن ۾ جيئڻ، مشڪل کان مشڪل حالتن سان مقابلو ڪرڻ ئي مدد جي وڏي ۾ وڏي سگهه آهي. اندر جي پيڙا، عذاب، اذيت، ڏکن، اهنجن ۽ تڪليفن کي مدد ڪڏهن به پنهنجي چهري ۽ ورتاءُ مان ظاهر نه ڪيو آهي. ها، هو اهڙي حالت ۾ گم سم ضرور رهندو آهي.

ميراجي کان متاثر هي ديومالائي شخص زندگيءَ جي هر ڪردار کي انتهائي خوبصورتيءَ سان نڀائيندو رهيو آهي. غير رواجي زندگي جيئندڙ مدد، هڪ بهترين پيءُ، محبت ڪندڙ گهر وارو، دوستن ۽ مٽن مائٽن سان پيار ڪندڙ انسان دوست شخص آهي. ڪڏهن به لڳندو ناهي ته ڪو مدد بوهيمن به آهي. شايد خود ڪيس به ان ڳالهه جو احساس نه هجي ته ڪو هو بوهيمن آهي.

مدد کي ڏسي ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته هاڻي هن وٽ ڪجهه به ناهي بچيو. سواءِ زندگيءَ جي فضول، بي سود ۽ بي معنيٰ لڙائي وڙهڻ جي. پر وري لڳندو آهي ته مدد ڀرپور زندگي جيئڻ جو هنر به چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

زندگي جي وهنوار ۾ ياري دوستي نڀائيندي، پنهنجي ڪٽنب جي جوابداري جو فرض پورو ڪندي ڪڏهن به ائين نه لڳندو آهي ته ڪو مدد جي اندر ۾ هڪ بي چين، ڀٽڪندڙ، سڪون کان خالي شخص به ويٺل آهي. ■





ترقي پسند تحريڪ جي جاکوڙي ۽ تخليقي قلمڪار، تعلقي ماهر ۽ محقق پروفيسر سرور سيف جي پنوعاقل تعلقي جي ادبي، علمي، سياسي، سماجي، مذهبي ۽ انقلابي شخصيتن بابت هڪ تاريخي دستاويز.

**صفحا: 328، قيمت: 300 رپيا**

سنڌي ادبي سنگت، پنوعاقل

رابطي لاءِ : 0333-7210266





نصير مرزا



ي کان نذير ميمڻ، سرفراز راڄڙ، مدد علي سنڌي، محمد علي ميمڻ، رشيد ميمڻ ۽ نصير مرزا

# ڊائننگ ٽو رائيٽنگ ٽيبل
# (Love Letter)

**وڪٽوريا هلڻ شروع ڪيو تہ مان گاڏيءَ جي پوئين دريءَ جو چمڙو ڪٽي رستي کي ڏسڻ لڳس... انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي رستن جي ڳالهہ ئي 'اور' هئي.**

**-ڪهاڻي: "هينئڙو ڪچي تند جيئن"، مان ڪوريل سٽون.**

- ۽ زندگي... جيڪا اُنهن ڏينهن وارن رستن، گهٽين ۽ گهرن ۾، اسين گهاري آيا آهيون، ڪيڏي نہ پُراسرار، ڪيڏي نہ خوشگوار ۽ ڪيڏي نہ دلگداز هئي مدد...!! ۽ هونئن تہ، ماضيءَ واري هيءَ حيدرآباد ئي چا، سڄي سنڌ بابت اسان جا **درد مشترڪ** ئي آهن.پر پهرئين، '**پڪي پير**' واري درگاهہ سامهون... هڪڙي سنهي گهٽيءَ ۾ اوهان جي بيٺڪ '**آشرم**' ۽ ان جي آڏو... اوهان جي وڏي ادا ممتاز وارَي ٺهرايل انتاج محل نما گهر جو ذڪر... جنهن ۾ توهان جي خاندان جي ڪائي بزرگ خاتون اڪيلي ۽ تن تنها رهندي هئي. ۽ جنهن جي ٽائلس جي فرش واري اڱڻ ۾.... ڪنڌ سان... مون بيگاهہ وقت اڪثر هڪڙي لالٽين کي ٻرندي ڏٺو هو. ۽ اُها بزرگ خاتون... لالٽين.... ۽ لالٽين جو ديوار تي ٺهندڙ پراسرار پاڇولو... اڄ تائين آئون وساري نہ سگهيو آهيان مدد.... پوءِ ان ان ننڍڙ '**محل نما**' گهر جو ڊرائنگ روم... جنهن ۾ جنڊيءَ جي پاون واري هڪڙي شاندار ڇپر ڪٽ رکيل هوندي هئي ۽ ان جي سيرانديءَ کان نرم، پشمَ نما ڪپهہ جا وهاڻا ۽ بخملي بلينڪٽ... يقين ڪريو مدد! ڳاڙهن ۽ ساون زيرو وارن بلبن جي جهيڻي روشنيءَ ۾ انهيءَ رنگين پاون واري ڪٽ کي جڏهن جڏهن بہ مون ڏٺو. مون کي ڀٽائي صاحب جي سُر سارنگ مان هي بيت سدائين ياد پيو.

**ٻهر تازي، اڳڻ ڪنڊيون پڪا پٽ سُهن**
**سُر هي سيج پاسي پرين، هاٺي مر پيا مينهن وسن**
**اسان ۽ پرين شل هون، ٻرابر ڏينهڙا**


اڄهو ان ڊرائنگ روم جي اڳيان ڊائننگ روم... ۽ اهو بہ وال ٽو وال ڪارپيٽيڊ... ڪنڌ سان فل سائيز فرج رکيل ۽ سامهون ٻاهر ڏانهن کلندڙ دري جي پرسان ڊائننگ ٽيبل... جنهن تي سائين جي ايم سيد، سوڀي گيانچنداڻي، محمد ابراهيم جويي، شيخ اياز، تنوير عباسي، آغا سليم، ولي رام ولڀ، طارق اشرف، شوڪت حسين شوري، سائين نثار حسيني، نور الهديٰ شاهہ، طارق عالم... ۽ پوئين دور ۾ تہ مون ناچيز بہ ان ٽيبل پرسان ويهي ڪيئي ڀيرا طعام ۽ ڪلام جا لطف ماڻيا هئا، هونئن بظاهر هي سڀ ڪائڻ پيئڻ جو انتظام ڪيڏو نہ آرسٽوڪريٽڪ لڳندو هو، پر ڊائننگ ٽيبل تي موجود هي سڀ هستيون ڇا تہ قوم پرست، اهلِ دل، عوام دوست، ٻولي، ادب، ثقافت ۽ سنڌ پرست پيون نظر اينديون هيون. ها! ياد پئم... هڪ ڏينهن منجهند ڌاري اٻالن حالن ۾ پن جي ٻيڙي ڇڪيندڙ ابنِ حيات پنهور سان، آشرم واري گهٽي ۾ مون اوهان کي ڪچهري ڪندي ڏٺو تہ بي سبب، غالب جو هي شعر چپن تي اچي ويو هئم.

*جنھیں حقیر سمجھ کر بجھا دیا ہم نے*
*یہ ہی چراغ جلیں گے تو روشنی ہوگی*

پر هي توهان جي 'آشرم' واري فرشي نشت کي بہ آئون ڪيئن وساريان، جنهن ۾ ڪامريڊن ۽ سنڌ پرست ڪارڪنن جا لڏن جا لڏا اچي لهندا هئا ۽ مٿان ماڙي تان... 'گورڪي' جي ماءُ وانگر، توهان جي امان ملنين مٿان مانيون موڪليندي رهندي هئي. تڏهن ياد اٿم ان زماني ۾ توهان کي الائي ڪيئن '**ستار**' ساز سکڻ جو شوق اچي جاڳيو هو. ۽ ان زماني ۾ ڪڏهن ڪڏهن طارق سان اُن سوڙهي گهٽي مان لنگهندي ساز جي آواز تي دريءَ مان اندر جهاتي پائيندو هوس تہ، ستار اوهان جي ڪلهي سان ڏسي ڪيڏو نہ مزو ايندو هو... جتي ستار نواز عابد حسين ٻئي ستار تي راڳ ملهار ڇيڙي اوهان کي درس پيو ڏيندو هو. ۽ پوءِ انهي دور ۾ جڏهن مون اوهان جون هڪ هڪ ڪري ڪهاڻيون پڙهڻ شروع ڪيون، تہ پاڻئيم... اوهين انهن جي اُٽڪاري پويان بہ جهڙوڪر "**ستار**" ئي تہ وڄائيندي نظر ايندا هئم.(جي ها! روح جون تارون ڇيڙي ڇڏيندڙ ستار) تڏهن ياد ٿم مدد!... اُهي بہ توهين ئي تہ هُئا، جيڪي ان ڪچي اَوستا ۾ بارها مون سان '**ميراجي**'... '**ميرا ٻائي**'... '**اوڌو**'.... '**ڪاليداس**' ۽ '**چندي داس**' جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ نهايت جلد، پوءِ آئون بہ اوهان جي سياءُ جي انهيءَ رنگ ۾ رنگبو ويو هوس. ۽ هي صرف آئون ئي ڇا؟ دوست قيس ابڙو، طارق عالم.. ۽ مان... سڀڄڻ اوهان جا وديارٿي.... يا ڄڻ سڌارٿ جا ڀڪشو ۽ چيلا بڻجي ويا هئاسين. تڏهن هڪ زماني تائيَن اسان سڀني جي ڳچين ۾ "**ميرا جيءَ**" وانگر مٽڪن جي مالها ۽ پيرن ۾ چاکڙي اچي وئي هئي ۽ اُها تہ پوءِ مون پنهنجي يونيورسٽي واري سموري پيرئڊ تائين پيرن ۾ پاتي هئي.

اڇا هتي ياد آيم.... شايد هي 76- 1975ع وارو زمانو هو، جو سنڌ يونيورسٽيءَ واري سياسي اندولن سبب اوهان روپوش ٿي ويا هئا، ۽ ان زماني کان اڳ چاڪاڻ تہ سائين نثار حسينيءَ سان گڏ آئون اوهان سان آشرم ۾ ملي ۽ اڪثر ڇوٽڪي گهٽيءَ ۾ گاڏي ڪاٽي وارن سيڪينڊ هينڊ ڪتابن جي ريڙهن تي اوهان کي ڏسي بہ چڪو هئس. ۽ علاوه ازين ليڪڪن شاعرن جي دنيا ۾ اٿڻ ويهڻ جا هي منهنجا ابتدائي ڏينهن هوندا هئا... تڏهن انهن ئي ڏينهن دوران سائين نثار حسيني توهان جي ماڙي واري گهر پرسان ڏاڍي جهڙي هڪ گهٽيءَ ۾، ڊنل گهر اندر هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ توهان سان اوچتو مون کي ملرايو هو. تڏهن ٽئگور جهڙي اوهان جي ڏاڙهي هوندي هئي ۽ بدن تي ڪامريڊن وانگر کاڌيءَ جي قميص جيڪا اڪثر ڪيسي وٽان ڦاٽل هوندي هئي... تڏهن خبر پئي هئم، توهان ان ڪوٺيءَ ۾ قيد تنهائي جي زندگي ڪاٽي رهيا آهيو.

۽ اهو زمانو گذري ويو... تہ ان کان پوءِ هاڻي توهان کي هر سال ستين محرم تي آئون ايلي ڪارٽ واري جُهولي سان گڏ ۽ اٺين محرم تي گل شاهہ واري مينديءَ ۾ بہ سال بہ سال ڏسڻ لڳو هوس، بدن تي ڪارو يا نيرو، پهراڻ پير اگهاڙا، وار ڇڙوڇڙ ، گريبان چاڪ ۽ ڇاتيءَ تي هٿ "يا حسين... يا حسين". تڏهن مون ان زماني ۾ شبِ عاشور... سيوهڻ ۾ درگاهہ لال سائين جي دروازي وٽ ثابت علي شاهہ جون زاريون پڙهندي





ڪي قريشي بزرگ ڏنا هئا ۽ پوءِ انهن پراسرار پوڙهن بابت اوهان ڪي هڪ ڏينهن ٻڌايو هئم ته اوهان يڪدم ئي چيو هئو... اُهي يگانا مولائي مرثيه خوان منهنجا مائٽ آهن نصيرَ... ۽ پوءِ اوهان مون کي هي به ٻڌايو هو ته اوهان جي ناناڻن جو تعلق به سيوهڻ شريف سان ئي آهي.

۽ مدد! دغاباز ۽ هن چالباز دنيا سان اٽندي ويهندي، ۽ سياست جا گورک ڌنڌا ڀوڳيندي، بي وفا دوستن جا عذاب سهندي... پنهنجيءَ معصوميت کي پوءِ به اوهان ڪيئن نه سنڀاليندا ۽ بچائيندا پئي آيا آهيو. ۽ ان جو ثبوت هتي هي ڏيان، ته ادا ممتاز واري ”**قيصر سئنيما**“ ۾ جڏهن پرديپ ڪمار ۽ مينا ڪماري واري فلم ’**نورجهان**‘ لڳي هئي، تڏهن اها فلم طارق عالم ۽ مون کي اوهان محض هڪڙي ’**سين**‘ لاءِ الائي ڪيترا ڀيرا هلي ڏيکاري هئي. ۽ ياد اٿئو... ته اُهو ’**سين**‘ ڪهڙو هئو؟ جي ها! بلڪل اُهو جنهن ۾ شهزادو جهانگير تڪڙو تڪڙو اچي... نورجهان جي ٻنهي هٿن ۾ هڪڙو هڪڙو ڪبوتر پڪڙائي... ۽ هي اجهو وري ساڳين پيرن تي موٽي اچي سندس هڪ هٿ ڪبوتر کان خالي ڏسي ٿو، ته پڇيس ٿو: "مرا ڪبوتر؟" تنهن تي نورجهان معصوميت سان وراڻيس ٿي: وه تو گا... ڪس؟ اللهَ هُو پڇيس ٿو... تڏهن نورجهان ٻئي هٿ ۾ پڪڙيل ڪبوتر کي معصوميت سان هوا ۾ ڇڏيندي.. مرڪندي چويس ٿي: ’عالم پناه! اس‘. ۽ مون کي چٽي طرح سان ياد آهي مدد... ته بار بار اُن سينَ کي ڏسڻ جي باوجود، هر ڀيري هڪڙي لمحي لاءِ اوهين ساهه روڪي اهو منظر ايئن حيرت سان ڏسڻ لڳندا هئا، ڄڻ پهريون ڀيرو پيا ان کي ڏسو....

۽ هاڻي مدد! ٿورو ذڪر توهان جي ڪهاڻين جو به... جن بابت شوڪت شوري صاحب ڪيڏو نه درست لکيو آهي ته: ”مدد! منفرد اسلوب رکندڙ ڪهاڻيڪار آهي. هن جو اسلوب جهرڻن ۾ وهندڙ پاڻيءَ وانگر مڌر ۽ سِتار تي وڄندڙ هڪ اهڙي ڌيمي سُر وانگر آهي جنهن ۾ لُطف به آهي ته من کي اداس ڪري ڇڏيندڙ ڪيفيت به“. ۽ مدد! يقين ڄاڻو، مون ته جڏهن جڏهن به توهان جي انهن تحريرن کي پڙهيو... منهنجي لاءِ اُهي هميشه ايئن هيون ڄڻ ڪنهن رستي جي پاسي کان بيٺل ڇاپا داربڙ ۽ پپر جا وڻ.... جن منجهان ڇانوَ به مون کي ملي پئي ته لطف ۽ سڪون به... ۽ هي آئون ان معاملي ۾ به ڪيڏو نه خوش نصيب آهيان مدد... جو مون وٽ اوهان جا سڀ ڪتاب... اڄ به باقائده هٿيڪا رکيا آهن: ”دل اندر درياوَ“، ”پنر ملن“، ”شهر صحرا پانيان“... ۽ عيني آپا وارو اوهان جو ترجمو ڪيل ڪهاڻي، مجموعو ”قلندر“. ۽ اِجهو تازو... اوهان جا اِهي سڀ ڪتابَ هاڻي جڏهن ”**ڪُليات**“ جي صورت... ڪمپائل ٿي ادبي بورڊ پاران شايع ٿي چڪا، ته انهن جي پهرئين ڪاپي به بورڊ جي اسٽال تان مون ئي ڊوڙي وڃي خريد ڪئي هئي. ۽ پڪ ڄاڻو مدد! ته ان ڪُليات جي مالڪ بڻجڻ بعد ڄڻ هڪ پورو زمانو آهي،. جنهن جو هاڻي آءٌ وارث بڻجي چڪو آهيان. ۽ اجهو اڄ به ان ڪُليات کي آئون بار بار ايئن پيو پڙهندو آهيان، جيئن عيني آپا جي ناول ’آگ کا دريا‘: ’ڪارِ جها دراز هه‘ يا هرمن هيس جي ناولٽ ’سدارٿا‘ کي پڙهندو پيو آهيان ۽ اهي سڀ پُستڪ! آءٌ جڏهن جڏهن به پڙهندو آهيان ته پاسندو اٿم، اجنتا ايلورا جي گفائن... اروڙ وارن پهاڙن ۾ موجود ڪالڪا مندر... هنگلاڄ ۾ ڪالي ماتا... يا ڪربلا معليٰ ڏانهن آءٌ وڃي رهيو آهيان ۽ مددَ! دل ڪيڏو نه چاهي ٿي ته عيني آپا جي ”ڪارِ جها دراز هه“ يا سوامي رام تيرٿ جي آتم ڪٿا جهڙو ڪوئي ’زندگي نامو‘ هاڻي توهين تحرير ڪيو ۽ يقين ڄاڻو مددَ! توهان اهڙو ڪتاب جنهن ڏينهن به لکي ورتو، ته آءٌ قدم گاهه مولا علي تي يا ’محفلِ حسينيءَ‘ ۾ حاضريءَ واري هڪڙي مجلس ضرور وڃي منعقد ڪرائيندس.

۽ مدد... منهنجي لاءِ توهان جون سڀ سڀ ڪهاڻيون ايئن ئي فيوريٽ رهيون آهن، جيئن سهگل ۽ ثريا واريون ڪلاسڪ فلمون. يا جيئن پنا لال گهوش جي بانسري يا جيئن گيتادت ۽ پارول گهوش جا ڳايل اداس گيت. ۽ ياد اٿم مدد... ڪنهن وقت سوڀي گيانچندانيءَ جي تحريرن ۾ شانتي نڪيتن جو مون تذڪرو پڙهيو هو، ته خواهش ڪئي هئم، ”اي ڪاش ڪڏهن آءٌ به ان آرٽ يونيورسٽي ۾ وڃي پڙهان ۽ پوءِ جڏهن توهان جي ڪهاڻين جي ’دل اندر درياوَ‘ ۾ لٿو هوس ته انهن جي لهرن نما سٽن ۾ لهندي هر دفعي پانئيم ڄڻ شانتي نڪيتن ڏانهن ئي ته ترندو وڃان پيو... بلڪل ايئن، جيئن ’آگ کا دريا‘ ناول جي پهرئين صفحي تي ’گوتم نيلمبر نديءَ‘ ۾ ڇلانگ هڻي... سهج سڀاءُ ’ٽيڪشيلا‘ ڏانهن ترندو پئي ويو ۽ جنهن کي پاڻي ۾ ڇپاڪي سان ترندو ڏسي چمپا هڪ نظر ان ڏانهن ڪٽي ڏنو هو ۽ پوءِ غير محسوس انداز ۾ دل ۾ چيو هو! ”**ويچارو وديارٿي!**“

۽ هاڻي آخر ۾ مدد....هن خط ۾ هي به آءٌ چوڻ ٿو چاهيان ته ڪنهن وقت ۾ اوهين ڪيڏا نه انوسينٽ هوندا هئا. ۽ ياد اٿم... **آشرم** ۾ ويٺا هوندا هئاسين ۽ ٻاهر گهٽيءَ مان... گهر جي ڪاٺ واري ڏاڪڻ وٽ بيهي مٺان ڪا شئي گهرائڻ لاءِ اوهان.... امان... امان... پڪارڻ لڳندا هئا، ته... لڳندو هئم اُهي صرف اوهين نه آئون به آهيان جيڪو دور کان پنهنجي ماءُ کي سڏي رهيو آهيان. ۽ يقين ڪريو مدد... ماضيءَ ڏانهن مُڙي اوهان جو اُهو آواز اڄ به ڪنايان ٿو ته اکيون پُرجي ٿيون اچنم... ۽ مدد...! هي توهان ۽ اسان جون اُهي مائون به ويچاريون ڪيڏيون نه معصوم هونديون هيون... ۽ ڪيڏا نه اسان جا انگل آرا پيون ڪٽنديون هيون ۽ پوءِ بلاآخر هڪ ڏينهن چُپ چاپ زمين ۾ لهي قبرَ بڻجي ويون... ۽ الاس! ڪيڏا نه بيوفا پٽ آهيون اسين... جو انهن وفادار مائُن وٽ هاڻي بس عيد براد تي ئي ويندا آهيون، تڏهن اهڙي ڏينهن تي هُو پنهنجون سڀ رنجشون ڀلائي اُن وقت اسان کي تصور ئي تصور ۾ دعائون ڏيڻ شروع ڪري ڏينديون آهن، خير... ياد پيو اچيم ته اُلهندي ڪڇي واري ان بلڊنگ مان اوهين پوءِ تلڪ چاڙهيءَ لڳ موما محل ۾ به ڪجهه وقت لاءِ وڃي رهيا هئا، تڏهن اڳوڻي ڪاٺ ماڙيءَ واري گهر جيان ان محل جا سنگ مرمر وارا اڇا اُجرا ڏاڪا به آئون چڙهيو هوس. هونئن هي محل به ڇا ته، عاليشان هوندو هو... وسيع اڱڻ... ٽائلس وارو فرش... پوءِ خوبصورت ڪشادا ورانڊا، جنهن ۾ شيشم جي ڪاٺ وارو هڪڙو زبردست پينگهو رکيل... علاوه ازين ساڳوان جا بهترين ڪٻٽ، ديوارن تي وٽندڙ پينٽنگس... پوءِ ڪليل ڪليل آسمان هيٺان موما محل جي ڇت جنهن تان هڪ رات توهان

اسان کي دور ڄام شوري واري پُل جون روشنيون ڏيکاريون هيون ۽ حيدرآباد جي شاهي بازار وارو مارڪيٽ ٽاور پڻ... ۽ مدد! ڪڏهن ڪڏهن... اُلهندي ڪڇي وارِي اِن ماڙيءَ (جنهن ۾ امان بابا، ادا ممتاز... ان جا ٻار... ۽ ادا مشتاق.. رهندا هئا) يا هاڻي ڪڏهن ڪڏهن تلڪ چاڙهيءَ واري موما منزل وٽان منهنجو گذر ٿيندو آهي، ته انهن گهرن ۾ رکيل وڪٽورين اسٽائيل وارو فرنيچر... ۽ ان گهر جا رهواسي... سڀ ڪيڏو نه شدت سان مون کي ياد اچڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ گڏوگڏ، ادا ممتاز جي ڊرائنگ روم جا نيرا... ڳاڙها .... ساوا زيرو وارا بلبَ (ڇا اهي هن وقت سڀ فيوز ٿي چڪا هوندا) ۽ فرنيچر تتروتر ٿي ويو هوندو ...۽ موما محل کان پوءِ خبر پئي ته توهان جي خاندان جو هڪ حصو ٽنڊي جهانيان ڏانهن شفٽ ٿي ويو آهي ۽ اتي جي ئي هڪ گهر ۾ جنهن ڏينهن منهنجي امان گذاري وئي هئي، ته مون ان بنگلي جي ورانڊي ۾ جنڊيءَ جي پاون واري هڪ کٽ تي سفيد ڪفن ۾ چُپ چاپ ستل هُن کي ڏٺو هو (۽ مدد! پنهنجيءَ هن مختصر زندگيءَ دوران اسان پنهنجن اکين سان ڇاڇا نه ڏٺو آهي. دوستن جا وڇوڙا ۽ عزيزن جون جدايون ۽ ٻيو به الائي ڇاڇا...؟) افسوس! توهان هاڻي پنهنجي فيملي سميت عارضي طرح سان ئي سهي، دُور ڪراچي ۾ وڃي آباد ٿيا آهيو... يعني هڪ قاتل شهر ۾ ...۽ آءٌ؟ حيدرآباد شهر ۾... جيڪو پڻ قتل ٿيڻ لاءِ هاڻي تيار پيو نظر اچي. ۽ مدد! هاڻي ان شهر جي ڳلين ۾... جڏهن طارق ڪونهي، سائين نثار ڪونهي... توهان به هليا ويا آهيو... تڏهن سِرَ بختَ جو خير گهرندو يا علي مدد.... المدد ۽ نادِ علي پڙهندو، ان جي ياترا تي نڪرندو آهيان ته تصور ئي تصور ۾ اداس صورت شيخ اياز صاحب مون کان پڇڻ لڳندو آهي ته:

**ميلي ۾ تون تنها تنها، ڪنهن کي ڳولين ٿو**
**اک ۾ ڳوڙها، هٿ ۾ گجرا، ڪنهن کي ڳولين ٿو**

**سانجهي ٽاڻي ڪارا ڪٽڇي آڪيري آيا**
**پرڙا ڪولي پيار پکيئڙا ڪنهن کي ڳولين ٿو**

**ڪاري رات ڪتيءَ ڏي ڪرڪي ڪائي ڪونج اڏي**
**پيارا! تون به تڪيندي تارا ڪنهن کي ڳولين ٿو**


**شايد تون ئي پاڳل پوري پاڳل خاني ۾**
**پاڳل گڏجي تو تي کِلندا ڪنهن کي ڳولين ٿو**
**ڪو به نه ايندو ڪو به نه ايندو ڪو به نه تنهنجي دوار**
**بند ڪري ڇڏ هي دروازا ڪنهن کي ڳولين ٿو**

**خاڪ اڏاڻي ڪاڪ ڪري پئي، پوئين پهر ’اياز‘**
**ڪهڙي مومل منهنجا راڻا، ڪنهن کي ڳولين ٿو.** ■

## پرچاڻي

سنڌ ۽ هند جي مشهور ڪهاڻيڪارائن، ناول نگارائن، سرڳواسڻ سندري اتم چنداڻي ۽ ريٽا شاهاڻي جي لاڏاڻي تي اسين سنڌ ۽ هند واسين سان سندن مرتئي تي پرچاڻي ڪيون ٿا.

-ادارو



# ڪا روشني ته ٻاريو...



ڊاڪٽر مخمور بخاري

جلا ہے جسم جہاں، دل بھی جل گیا ہوگا،
کریدتے ہو جو اَب راکھ جستجو کیا ہے
رگوں میں دوڑنے پھرنے کے ہم نہیں قائل
جب آنکھ سے ہی نہ ٹپکا تو پھر لہو کیا ہے۔
(غالب)

احساسن جي زبان ڪي لفظن جي صورت جي ضرورت نہ هوندي آهي، اها پنهنجي صورت پاڻ ئي جوڙيندي آهي.

- شاعري احساسن جي صورت آهي
- شاعري جذبن جي صورتگري آهي
- شاعري ذهن ۾ جنم وٺندڙ خيالن جي خوبصورتي ٿي سگهي ٿي

تہ ان سان گڏ شاعري گهڻو ڪجهہ هجڻ جو پنهنجي اندر ۾ ساهس ساري ٿي شاعري ۾ اها سگهہ هجڻ بہ گهرجي جو تخليق روح ڪي گهاٽي ۾ پيڙهڻ بعد ئي ڪا صورت اختيار ڪندي آهي.

تخليق ٻاهہ جو سمنڊ ترڻ ئي تہ آهي. پيو ڇا آهي.

***

چوندا آهن شاعري سونهن ۽ عشق مان ڦٽي ٿي. خيال ڀلو آهي. سچ ٿا مرد چون. حساسيت، حسنائيت ڏانهن ۽ حسنائيت، حساسيت ڏانهن وٺي وڃي ٿي. پنڌ جو انت اچي ئي نٿو. انت تخليقڪار جو انت آهي. ۽ ڀٽائي ڪان وٺي اسين سڀ 'ڳوليان ڳوليان مَ لهان.' واري حالت ۾ رهڻ چاهيون ٿا. سمنڊ ڪناري بہ پياسا ۽ ناسارا رهڻ چاهيون ٿا. ڇاڪاڻ تہ تاس لٿي ڄڻ قلمتي ڏؤ جي ڪٽ چڙهي ويندي ۽ تخليقڪار جو انت.

ماڻهو ڪهڙي بہ وهي ۾ هجي پر سندس ذهن ڪي سوچيندو رهڻ گهرجي. وهي عشق ۽ تخليق جي ڪرب ڪان نہ ٿهندي آهي. 'سچو عشق نہ ٻڍا ٿيوي ۽' سو مدد بہ مون ڪي هر وهي ۾ هڪ سوچيندڙ، لوچيندڙ ئي لڳو آهي. هن جي تخليق جو انت شل ڪڏهن نہ اچي.

روئے سے اور عشق میں بے باک ہو گئے
دھوئے گئے ہم اتنے کہ بس پاک ہو گئے
(غالب)

سو وقت جي چڪ تي ڦرندي ڦرندي مٽي پنوڙي جي ڪا صورت اختيار ڪري وٺڻ وانگر تخليقڪار بہ اندر جي آري ۾ پاڻ مراد وئي پچي رچي ريٽو ٿيو پوي.

مدد علي سنڌي، جي اڄ سڃاڻپ ڪهاڻيڪار، شاعر، سفرناما نگار، مضمون نگار ۽ ڪالم نگاروراي تہ آهي پر سندس دوستن وٽ سندس سڃاڻپ 'دوست' واري آهي. ماڻهو سڀ ڪجهہ هجي پر وٽس ماڻهپو نہ هجي تہ هو ڪنهن ڪم جو نہ ٿو رهي پر ساڳي ريت ماڻهو وٽ ڪجهہ بہ نہ هجي ۽ فقط ئي فقط وٽس 'ماڻهپو' هجي تہ هو گهڻو مان لهي ٿو. مدد وٽ گهڻو ڪجهہ آهي تہ گڏوگڏ وٽس اهو ماڻ ماپو بہ آهي جنهن تحت هو مان ڏئي مان لهي ٿو. سو سندس تخليق ۾ جهاتي پائيندي اوچتو سندس شخصيت بہ ذڪر هيٺ اچي وئي، ڇوتہ اچي ڪنهن بہ تخليقڪار جي شخصيت ۽ ان جي تخليقي عمل ڪي ٻن جدا جدا دريائن جيان تہ نہ ٿو ڄاڃي سگهجي.

سنڌي زبان ۾ پهريون مڪمل نثري نظم جو ڳٽڪو 'پنرملن' مدد علي سنڌي جي اندر جي طوفان جو آئينو ڀائيندو آهيان ۽ اهوئي طوفان 'دل اندر درياو' (مڪمل نثري ڪليات) تائين مون ڪي گهٽجندي نٿو محسوس ٿئي. پنرملن ۾ چئي ٿو:

طوفان لڳو
۽ ڪري پيا
ڪن وڻن مان ساوا ۽ سڪل پن
مون ڏٺو:
انهن سڪل ۽ ساون پنن ۾،
شامل هو:
منهنجي اندر جي ڪنهن سڪل ٿاريءَ جو
ڪوئي پيلو پن.
(ص17)

---

دور دور تائين
راهہ ڪائي
روشن نہ هئي. (ص82)

۽ پنرملن جو صفحو ورائيندي هنن سٽن تي نظر پوڻ سان بدن مان سيسراٽ نڪري ٿا وڃن. ڪيترو سچ درد، پيڙا، آنڌمانڌ، تڙپ، لوڇ پوڇ جو اظهار ڪيڏن نہ سادن لفظن ۾:

هي بهار جي مند آهي
۽ هن مند ۾ اڪيلائي ڏاڍو ڪائيندي آهي. (ص63)

'جئہ ديو' جي گيت جو ترجمو مدد ڪري هن پنهنجي ۽ الائي ڪيترن جي اندر جي عڪاسي ڪئي آهي. هن خيال ڪي مان رات جي سانت ۾ ريل لمحن ۾ بار بار ورجايان وينو. اندر ۾ ڪجهہ پرندي ڀائيان ٿو ۽ اڪين ۾ آلاڻ جو احساس جاڳي پوي ٿو.

هي بهار جي مند آهي
۽ هن مند ۾ اڪيلائپ ڏاڍو ڪائيندي آهي.
...

۽ ان ڪتاب ۾ ڪنهن هنڌ مدد جو هي نثري نظم خبر ناهي ڪنهن جي ڪيفيتن جي ترجماني ڪري رهيو آهي.

زندگي ڪيڏي
نہ اداس
آ تنهنجي وڇوڙي
ڪانپوءِ.

وقت مرهم بڻجي وڃي ٿو. ڪجهہ وقت لاءِ ڪجهہ سواري ويهجي ٿو پر اهوئي وقت ڪڏهن ڪڏهن واپس ساڳي جاءِ تي آڻي بيهاريندو آهي. زندگي جا اهي حادثا بہ ڏاڍا عجيب ٿين ٿا. نهوڙي بہ وڃن ٿا تہ ڪڏهن جياري بہ وڃن ٿا.

تنهنجي
۽
منهنجي
ملاقات
آ،
ڪنهن
پيانڪ
وڇوڙي
جي
شروعات.

سو بس شروعات ئي حادثو آ پوءِ جيون جا لمحا لمحا ڇوتہ حادثن ۾ سفر ڪن.

پنرملن جيڪو 1982ع ۾ ڇپيو ان ڪي مون 1996ع ۾ پڙهيو ان جو هڪ نظم منهنجي لاءِ اڄ بہ وڏي ڪشش رکي ٿو. 'بهاري لال' جو اهو نظم مدد پنهنجي لفظن ۾ هن طرح ٿو اظهاري:

چنچل عورت جا نيڻ
سنهڙي گهونگهٽ جي وچ مان
ائين چمڪي رهيا آهن
ڄڻ گنگا جي شفاف
پاڻي مان
ٻہ مڇيون
ٻاهر نڪرڻ لاءِ
ڦٿڪي رهيون آهن.

مدد علي سنڌي جي هر سِٽ مان هڪ نئون جهان جاڳندي نظر ايندو. ان جي انَ جهان ۾ ڪيترائي رنگ، ڪيترين ئي خوشبون، ڪيترائي احساس، جذبا، خيال جرڪندي ۽ چمڪندي پيا پائنبا. ۽ انهن جي سونهن سوپيا وتي روز بروز وڌندي. واقعا ۽ حادثا هر ماڻهو جي زندگي ۾ رونما ٿين ٿا. تخليقڪار انهن ڪي آرٽ جي ڏاڳي ۾ پوئي لفظن جا موتي ٿو بڻائي وجهي ۽ اهو ڪمال اسان جو سائين مدد علي خوب ڪري ڄاڻي. ۽ هن جي حصي ۾ ان جي بدلي پڙهندڙن ۽ دوستن جون محبتون پلئہ پيون آهن. هن جي ڪتاب 'پنرملن' مان اداسي جو پيلو رنگ گهڻو ڇلڪندي نظر اچي ٿو پر هو هردم هڪ پرامید تخليقڪار جيان رهيو آهي. نراسائي زندگي جي ساٿياڻي ضرور رهندي آهي. پر نراشا جي پنڌ تي آشا جا ديپ ٻارڻ هڪ باهمت ۽ قوم لاءِ سجاڳ شاعر جي اوليت آهي. اهڙي اوليت اسان ڪي مدد وٽ نظر اچي ٿي، هو پُرامید آهي نااميد ناهي ڪلهہ بہ ۽ اڄ بہ.

رات جي ڪاراڻ
تيزي سان ڇائنجندي پئي وڃي
دوستو-دشمنو
ڪا رُوشني تہ ٻاريو
هي اُماس جي رات
هن اداسي جي شهر ڪي





اونداهو ڪري ڇڏيندي
پوءِ ڪوئي ڪنهن ڪي
ڳولي نہ سگهندو
هٿ هٿ ڪي ڏسي نہ سگهندو
دوستو ۽ دشمنو
رات جي ڪاراڻ ۾
ڪا اميد جي شمع تہ ٻاريو.

اهو فڪر/خيال اسان جي سونهن ڀري سنڌ جي خمير ۾ سمايل آهي. اسان جي صوفين بہ انسانيت جي ڳالهہ ڪئي آهي. انسان شناسي جي ڳالهہ ڪئي آهي. امن، سک، سرهاڻ، سونهن ۽ سچ جي ڳالهہ ڪئي آهي. اها ئي ڳالهہ مدد پنهنجي مٿين نظم ۾ ڪئي آهي. اڄ کان ٽيٽيهہ سال اڳ لکيل اهو نظم ان لاءِ بہ زنده آهي جو اسان لاءِ حالتون اڳ کان بہ ڳنڀير آهن. آدم آدم جو ماس پٽڻ لاءِ هر وقت دليل ڏيندي نظر اچي ٿو. ماڻهپو موڪلائي ويو. رشتن جو تقدس ورلي ڪو قائم رهيو. پيٽ جي دوزخ سڀ ڪجهہ ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو. رڳو گهٽ، ٻوساٽ، گهگهہ اونداهہ، هٿ، هٿ ڪي ڏسي سو ڪٿي ٿو پاءُ، پاءُ ڪي ڏسي، دوستي مفادن جي ور چڙهي وئي. انسان پنهنجي ڏپ ۽ بدبودار دنيا جوڙي ورتي. سو ڪٿ ٿو پاڻ ڪي فطرت سان جوڙي ۽ ڪٿي ٿو پنهنجي اندر ۾ سونهن، سرهاڻ، سڳنڌ ڀريل دنيا ٿو ڳولي. پر، ڪوي جي قلم تي اها ڪٿ نہ چڙهڻ گهرجي. هر طرف جڏهن انڌہ انڌڪار جو راڄ هجي تہ ڪوي جو قلم علم ٻڻجي ويندو آهي. سو نااميدي جي پد تي اميد جو سج روشن ٿي پوندو آهي ۽ اسان جي مدد علي سنڌي جو قلم هر دور ۾ ڪٿ کان بچيل رهيو آهي. تنهن ڪري هو آس، اميد، سچ ۽ سونهن جو قلم ڪٽي اڄ بہ اڳيان ئي اڳيان مرڪندي نظر ٿو اچي. ■




سنڌ جي بيباڪ ۽ اڏول تجزيہ نگار، سياسي ڪارڪن، ۽ اديب ناز سنائي جي تنقيدي سلسلي جو ٽيون ڪتاب جنهن ۾ هن مختلف آتم ڪٿائن جو فڪري سطحن تي پوسٽ مارٽم ڪيو آهي.

صفحا: 272، قيمت: 400 روپيا

**ناشر: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد. سنڌ**

# درِيا دِل: مدد علي سنڌي

**غلام حسين رنگريز**

ڪي ماڻهو جامع صفتن جا مالڪ ٿين ٿا ۽ مون ڪي اهڙن ماڻهن مان جنهن شخص سان اٿاهہ اُنسيت رهي اُنهن مان ساڻس قريبي تعلق رهندو آيو آهي. مون هُن ڪي ذاتي تعلق جي لحاظ کان ڀاڄهارو ۽ ناتو نڀائيندڙ ڏٺو. مون هُن ڪي سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي ۾ سندس شاگرديءَ واري دؤر دؤران شاهہ محمد شاهہ، عزيز ڀنگوار، سڪندر ڀنگوار، اسماعيل وساڻ ۽ ٻين سان گڏ وراندي ۾ نعرا هڻندي بہ ڏٺو. مون کيس سائين جي.ايم.سيد جي فڪر ڪي رسالي 'اڳتي قدم' ذريعي ڦهلائيندي بہ ڏٺو. مون کيس حيدرآباد جي بسنت هال ۾ 'روح رهاڻ' جي ساليانی ميڙن ۾ بہ ڏٺو. مون کيس قومي سياست ۾ اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪندي بہ ڏٺو. مون کيس صحافت جي ميدان ۾ بہ سرگرم ڏٺو. مون کيس سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جي هفتيوار گڏجاڻين ۽ ٻين ادبي تقريباً ۾ بہ متحرڪ ڏٺو. ساڻس يادن جا سوين حوالا آهن جن جو تفصيلي بيان وڏو وستار ٻنجي پوندو. انهي ڪري اختصار کان ڪم وٺندي سندس شخصيت ڪي سياسي حيثيت، ادبي ۽ صحافتي پورهئي، وطن دوستي ۽ يار ويسيءَ جي حصن ۾ ورهائيندي اظهارِ خيال ڪندس.

**مدد ۽ شاگرد سياست:**

سنڌ ۾ ڪاپي ڏُر جي خيالن جي نمائندگي ڪندڙ شاگرد تنظيم نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن هئي. جنهن تي مهاجر اڳواڻن جو غلبو هئو. انهي ڪري قومي مسئلن تي اُنهن جو نقطہ نظر چٽو نہ هئو. انهي ڪري شاهہ محمد شاهہ پنهنجي دوستن سان گڏجي اُن کان الڳ ٿي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ٺاهي جنهن ۾ مدد علي بہ شامل هئو. اها اسٽوڊنٽس فيڊريشن بہ اختلافن جو شڪار ٿي ويئي ۽ پوءِ مدد علي ۽ شاهہ محمد شاهہ وارن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو بنياد وڌو. مدد علي سال 1973ع ۾ فيڊريشن جو سيڪريٽري جنرل هئو. اُنهي دوران 28 اپريل 1973ع تي سنڌ يونيورسٽي جو ڪنووڪيشن ٿيو ۽ ان دؤر جي وزير قانون عبدالحفيظ پيرزادي ڪي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيڻ واري معاملي تي جساف سخت احتجاج ڪيو ۽ انهي هنگامہ آرائي دوران عبدالحفيظ پيرزادو اسٽيج تان هيٺ لٿو تہ شاگردن گهيري ورتس. ۽ پاڻ شاگردن ڪي گهٽ وڌ ڳالهائين. جنهن تان اسماعيل وساڻ کيس ٿڦڙ وهائي ڪڍيو. ۽ ڪنووڪيشن ميدانِ جنگ ٻڻجي ويو. ۽ هڪ پوليس آفيسر دل جي دوري سبب لاڏاڻو بہ ڪري ويو. پوليس اهو ڪنووڪيشن ڪيس داخل ڪيو ۽ يونيورسٽي اختياري وارن مدد علي، شاهہ محمد شاهہ، يوسف جکراڻي، عزيز ڀنگوار، نذر محمد جوڻيجو ڪي ٽن سالن لاءِ رسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيو. ان وقت سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جا هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا هئا.

**صدر:** يوسف جکراڻي
**جنرل سيڪريٽري:** عزيز ڀنگوار
**جوائنٽ سيڪريٽري:** نذر محمد جوڻيجو

انهن عهديدارن جي حلف برداري جي عظيم الشان تقريب ٿي جنهن ۾ سائين جي.ايم.سيد ڪانئن حلف ڪڻايو. ۽ اهو حلف نامو مدد علي سنڌي لکيو هو. اُن جي ابتدا هن ريت هئي:

"اسان اروڙ جي ڀنل مِٽي ۽ راجا ڏاهر جي خون جو قسم کڻي عهد ٿا ڪريون تہ سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪنداسين."

سائين جي.ايم.سيد شاگردن ڪي خطاب ڪندي کين پنهنجي تعليمي حاصلات ڏانهن خصوصي ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي. شاگردن جي هلچل چوٿين مارچ 1967ع ۾ چوٽ تي هئي. جڏهن حيدرآباد جي ڪمشنر مسرور الحسن سنڌي شاگردن تي لٺيون وسرايون هيون جنهن ۾ اُن وقت جي يونين جي صدر يوسف لغاري جو مٿو ڦاٽي پيو هو ۽ ڪيترائي شاگرد زخمي ٿيا هئا. انهي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف چوٿين مارچ 1969ع تي هڪ عظيم الشان جلوس بہ نڪتو هو ۽ اولڊ ڪئمپس ۾ جلسو بہ ٿيو هو جنهن ڪي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، رسول بخش پليجو، حفيظ قريشي (مرحوم) يوسف ٽالپر، مسعود نوراني ۽ اقبال ترين خطاب ڪيو هو. هن جلسي ۽ جلوس ۾ مدد علي سنڌي اسان سان گڏ پرجوش انداز ۾ شريڪ هو.

مدد علي سنڌي سٺ ۽ ستر وارن ڏهاڪن ۾ نهايت سرگرم شاگرد ڪارڪن ۽ اڳواڻ رهيو. ۽ سنڌ جي حق لاءِ آواز اُٿارڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ دوران هن ڪافي عذاب ڀوڳيا. پر ڪيرٽر جيئن اِسٽر رهيو. مدد علي ڪي 24 ڊسمبر 1972ع تي بغاوت جي ڪيس ۾ قلم A-124، A-123 ۽ A-153 تحت نوابشاهہ پوليس حيدرآباد مان گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو. اهو ڪيس هڪ پمفليٽ لکڻ جي ڏوهہ ۾ داخل ڪيو ويو جنهن جو عنوان هو، 'اسان سنڌي ڇا ڪريون؟' مون مدد علي سنڌي جي گرفتاريءَ تي هڪ آزاد نظم لکيو جيڪو 'اڳتي قدم' جنوري-فيبروري 1972ع جي بئڪ ٽائيٽل تي سندس تصوير سان گڏ ڇپيو ويو. اهو پرچو جي.ايم.سيد نمبر هو. جنهن ۾ منهنجو مضمون، 'سيد لکيو' بہ شايع ڪيو ويو. اهو آزاد نظم هيءُ آهي:

**مدد علي سنڌي جي گرفتاري تي...**

اي اهل فڪرو نظرِ اهل فن،
زهر جا ڍُڪ پيئو چُپ رهو
۽ چِپن ڪِي سُبو-
ڪجهہ ڪچو جي قصيِدا لکو
ورنہ فڪرو نظر ڪي ڌَريو ڌُوڙ ۾
ڪَچُ قبوليو ۽ سُوريءَ تي سچ چاڙهيو
اي اهلِ قلم، اڄ قلم جو ڀچو ڪنڌ هٿ سان
پنن تيِ سياهيءَ ڪي هاري ڇڏيو
خيالن ۽ جذبن ڪي ماري ڇڏيو
جيئو پر جنازن جيان
چُرو جي تہ پاڇن جيان
ورنہ هر چوڪ تي چوڪسي



هر ڳليءِ دار هوندي
۽ اهلِ نظر پابجولان
قطارَن ۾ ايندا
۽ زندان کُلندا
۽ زندان ڀربا.

مدد علي سنڌي جيئي سنڌ تحريڪ جو هڪ اهم، ذميدار فرض شناس رُڪن رهيو. ۽ انهي ڪري سدائين حليم باغي چواٽي،

**اسان جئين ڪوئي جيئي هن جهان ۾**
**سدائين نشان تي سدا امتحان ۾.**

17 جنوري 1974ع تي انٽرنيشنل هاسٽل سنڌ يونيورسٽي ۾ سائين جي.ايم.سيد جي سالگره واري تقريب ۾ بہ مدد پيش پيش رهيو. چوٿين مارچ 1973ع واري تقريب مسلم هاسٽل حيدرآباد ۾ ٿي جنهن جي صدارت سائين جي.ايم سيد ڪئي. اُنهي جي انتظام ۾ بہ هيءَ اڳڀرو رهيو.

7 آڪٽوبر 1973ع جو انٽرنيشنل هاسٽل ۾ شاگردن درميان جهيڙي جي نتيجي ۾ ٻہ شاگرد قتل ٿي ويا تہ انهي الزام ۾ يوسف جکراڻي، مدد علي سنڌي، شاهنواز شاهہ عبدالحڪيم لاکو، ديدار بلوچ ۽ ٻين کي پنجن سالن لاءِ رسٽيڪيٽ ڪيو ويو ۽ مدد علي جي گهر تي گرفتاري لاءِ پوليس ڇاپو هنيو. پر هو هٿ نہ چڙهي سگهيو. مدد علي سنڌي جو گهر اسٽيشن روڊ تي واقع هو. جنهن کي هو مجيب محل سڏيندا هئا. سائين جي.ايم.سيد سال 1969ع ۾ سنڌ متحده محاذ ٺاهيو جُنهن ۾ سنڌ جي مکيہ سياسي شخصيتن شموليت ڪئي ۽ اُهو اجتماع مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي بنگلي تي حيدرآباد ۾ ٿيو هئو ۽ مدد علي ڀهريون ماڻهو هئو جنهن پنهنجي گهر تي جيئي سنڌ متحده محاذ جو ٽہ-رنگو جهنڊو هڻي حڪمرانن کي للڪاريو هو.

انهيءَ دؤر ۾ ايوب خان خلاف تحريڪ بہ عروج تي هئي ۽ جنرل يحيىٰ خان 25 مارچ 1969ع تي ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي چونڊن جو اعلان ڪيو. چونڊن جي مهم دوران عوامي ليگ جي سربراهہ شيخ مجيب الرحمان ڇهہ نقاطي پروگرام پيش ڪيو جنهن ۾ سواءِ پنجاب جي باقي سيني صوبن جي حقن جي حاصلات بہ هئي تہ سلامتي بہ. سنڌي قوم پرستن کي مجيب جي ڪاميابيءَ ۾ سندن پنهنجي پلاٽي ۽ فتح نظر آئي. سائين جي.ايم.سيد سنڌ متحده محاذ طرفان ڇهہ نقاطي پروگرام جي نہ رڳو زباني حمايت ڪئي پر سائين هڪ پمفليٽ ذريعي ڇهن نقطن جي وضاحت بہ ڪئي. مدد علي سنڌي انهي پروگرام جي دل و جان سان حمايت ڪئي. سال 1970ع ۾ عوامي ليگ جو مرڪزي سيڪريٽري قمرالزمان سنڌ جي دوري تي آيو تہ مدد جي وڏي ڀاءُ ممتاز علي قريشي (مرحوم) جي دعوت تي محترم قاضي فيض محمد سان گڏ مدد وارن جي گهر ڊنر Dinner ڪيائين. مدد علي عوامي ليگ حيدرآباد جو ڊويزنل آرگنائيزر ۽ عوامي ليگ سنڌ جي ورڪنگ ڪميٽي جو ميمبر بہ رهيو. سنڌ جي مهانَ شاعر شيخ اياز بہ عوامي ليگ ۾ شرڪت ڪئي. سال 1970ع واري عام چونڊن ۾ بنگال مان شيخ مجيب کي ايڏي وڏي اڪثريت حاصل ٿي جو هُو اڪيلي سر اڪثريت سان پاڪستان جو وزيراعظم ٿي رهيو هو جيڪا ڳالهہ پنجابي فوجي اسٽيبلشمنٽ کي نہ آئڙي ۽ هُنن ذوالفقار علي ڀٽي کي پاڻ سان ملهائي بنگال ۾ فوجي آپريشن ڪيو. ۽ 30 لک بنگالين کي قتل ڪيائون (تازي ڪوجنا موجب هڪ لک ماڻهو-ايڊيٽر) جنهن جي نتيجي ۾ اوڀر پاڪستان بنگلاديش بنجي ويو. ۽ گرفتار ٿيل مجيب الرحمان کي آزاد ڪري بنگلاديش روانو ڪيو ويو ۽ باقي بچيل پاڪستان يعني پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت ٺهرائي ويئي. ڀٽي اقتدار ماڻڻ کانپوءِ پنهنجو ڀهريون نشانو سنڌي ۽ بلوچ قوم پرستن کي بنايو. هُن سنڌي رسالن ۽ ڪتابن تي پابنديون مڙهيون ۽ قوم پرستن کي بغاوت جي ڪيسن ۾ جيل پيڙو ڪيو.

جيئن تہ سنڌ ۽ مرڪز ۾ ڀٽي جي پارٽي اقتدار ۾ هئي تہ سرحد ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت العلماءِ (هزاردي) جون گڏيل حڪومتون هيون. ڀٽي بلوچستان ۾ سردار عطاءُ الله مينگل جي حڪومت ختم ڪئي تہ سرحد ۾ مفتي محمود بہ وزارتِ اعلىٰ تان احتجاجاً استعيفىٰ ڏيئي ڇڏي تہ سرحد اسيمبلي بہ ٽوڙي ويئي. ۽ نعپ تي 10 فيبروري 1975ع تي بندش وجهي ولي خان ۽ سندس ساٿين تي بغاوت جو مقدمو داخل ڪيو ويو. جنهن جو سربستو احوال ولي خان جي ڪتاب 'اور بيان اپنا' ۾ موجود آهي. نعپ تي بندش وجهڻ کان پوءِ اُن جي آفيسن کي سيل ڪيو ويو. ۽ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ هن موقعي تي بہ مدد علي جي گرفتاري لاءِ سندس گهر تي رات جي وقت ڇاپو هنيو ويو.

انهي کان پوءِ پيپلز پارٽي جي هڪ مهاجر وزير بديع الحسن زيدي جي مبينہ اغوا جي واقعي ۾ مدد علي کي شامل ڄاڻائي رات جو بہ ڇاپو هنيو ويو. جيڪو ناڪام رهيو تہ ٻي ڏينهن صبح جو 8 وڳي ٻيهر ڇاپو هنيو ويو ۽ مدد علي جي غير موجودگيءَ ۾ سندس 86 سالا پيرسن پيءُ الهہ بخش کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو ويو. پوليس سندس والده کي بہ گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اُها گهر ۾ موجود نہ هئڻ سبب گرفتار نہ ٿي سگهي ۽ پوليس گهر جو الو تلهو ٻُهاري سڀ سامان کڻي ويئي. جولاءِ 1976ع ۾ پوليس خفيہ اطلاع تي انن ٽرڪن سان گهر جو گهيرو ڪري تلاشي ورتي پر مدد علي هٿ نہ چڙهي سگهيو.

**مدد علي اديب ۽ صحافي جي حيثيت ۾:**

مدد علي جي سُڃاڻپ فقط سياست نہ آهي. هو هڪ صاحب فڪر ۽ اهلِ دل بہ آهي. سندس گهر جي پاسي واري گهٽي ۾ هڪَ ڪمري واري ننڍڙي اوطاق هئي جنهن کي اسان 'مدد علي آشرم' جو نالو ڏيئي ڇڏيو هو. جتي سدائين شاگردن، سياسي ڪارڪنن، اديبن، صحافين ۽ شاعرن جا ميڙ لڳا پيا هوندا هئا. مون جهڙا ڪيترا دوست حيدرآباد ايندا هئا تہ رات بہ اتي ٽِڪندا هئا.

مدد علي 'اڳتي قدم' رسالو 1970ع کان جاري ڪيو جيڪو ادبي ۽ سياسي نوعيت جي لکڻين تي مشتمل هوندو هو. انهي کان اڳ 'اڳتي قدم' جي نالي سان 1946ع ۾ شيخ اياز رسالو ڪڍيو هو. هيءُ رسالو سائين جي.ايم.سيد جي قومي فڪر جي ترجماني جو ڪردار ادا ڪندو هو ۽ انهيءَ دؤر ۾ محترم عبدالواحد آريسر رسالو 'پيغام' ڪيندو هو. اهي ٻئي رسالا فڪر سيد جا ترجمان رهيا. مدد علي جا لائق ڀائر ممتاز علي ۽ مشتاق علي نہ رڳو مدد جي مالي سهائتا ڪندا هئا پر سندس دوستن کي بہ گهڻي عزت ڏيندا هئا.

ادبي لحاظ کان مدد ڪهاڻيڪار، شاعر، مترجم ۽ اديب رهيو آهي. صحافت جي دنيا جو بہ سير ڪيو اٿس. ان جو بہ وڏو تجربو اٿس. سندس هيٺان ڪتاب شايع ٿيل آهن:

1. ڪهاڻين جو ڪتاب، 'دل اندر دريا' سال 1980ع ۾ ڇپيو.
2. نثري نظمن جو ڪتاب، 'پُنر ملن' سال 1982ع شايع ٿيو.
3. قراة العين حيدر جي ڪتاب جو ترجمو، 'قلندر' بہ ڇپيل آهي.
4. سندس سفرنامو 'شهر صحرا پانيان' بہ مارڪيٽ ۾ آيل آهي.

تازو سنڌي ادبي بورڊ سندس مڙني لکڻين کي گڏي هڪ ڪتاب 'دل اندر دريا' جي نالي سان شايع ڪرايو آهي.


مدد علي سنڌي اهو ليکڪ آهي. جيڪو عملي انسان بہ آهي ۽ جاکوڙ سندس فطرت ۾ شامل آهي. وقت جي لاهن چاڙهن کان اجان هارِ نہ مڃي اٿس،

**هي ماڻهو وهہ جو ڏُکَ ٿيا، جئن لڪَ لڳي ٿئن رُڪَٽيا**
**اڄ آزاديءَ جي نعري سان، سڀ درد ويا دلگيرن جا.**

مدد علي سنڌي جڏهن اخبار 'بختور' جو چيف ايڊيٽر هو تہ هڪڙي ڀيري ٺٽورو آيو ۽ چيائين، 'مون کي سومرن جي تختگاهہ 'محمد طور' جو سير ڪرائي. آئون ساڻس گڏجي ڪيس ڳوٺ شاهہ ڪپور جيڪو جاتي چوڪ کان جاتي ويندڙ رستي جي اوڀر ۾ واقع آهي، وٺي ويس جتي جي شاهن اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ هن محمد طور (ڪِن مورخن چواڻي اهو اصل ۾ 'مهاتم تور' نالو هو) جا ميلن ۾ ڦهليل ڪنڊر ڏٺا ۽ شاهہ ڪپور ۾ اهي اُڀيون قبرون بہ ڏٺيون جهڙيون چوکنڊي ۾ آهن. اهي آثار آرڪيالاجي کاتي جي عدم توجهي سبب مِٽجندا پيا وڃن.


مدد صحافتي ميدان ۾ اخبار سنڌ نيوز جو بہ شروع ۾ ايڊيٽر رهيو ۽ اُنهي کان علاوه اخبار عبرت ۽ عبرت مئگزين سان بہ لاڳاپيل رهيو.

هن جا دروازا دوستن احبابن لاءِ هميشہ کليل رهندا هئا. اسان ڪڏهن ڪڏهن رات جو حيدرآباد جي مُشڪبو هوائن جو مزو ماڻڻ لاءِ ٻاهر گهمڻ ڦرڻ نڪرندا هئاسين ۽ اڪثر هندن جي ڇڏيل جاين جي ڏاڪڻين تي ويهي ورهاڱي جي الميہ تي رت روئندا هئاسين. مدد علي هڪ دريا جيئن وشال دل جو مالڪ آهي، اهوئي ڪارڻ آهي تہ هُن پنهنجي ڪتاب جو نالو ئي 'دل اندر دريا' رکيو. ■









# ڪڏهن نه ڪٽندڙ سفر جو آغاز...

امداد حسيني

طوفان لڳو،
۽ ڪري پيا
وڻن مان ساوا ۽ سڪل پن.

ٻاهرين طوفانن جي ڊونڊاڙ سان پن ٽار سڀ اچيو پٽ پون. ٽڙ ۽ پاڙان پٽجيو وڃن، اهڙا ئي طوفان اندر ۾ به لڳندا آهن.

تيز ڪيڏي نه هوا،
من بن ۾
رڳو ٽڙڪاٽ هئا
سڀ تن ۾.

ٻاهريان/اندريان طوفان. ڏک/سک. لڙڪ/ مرڪ. آشا /نراشا ۽ ائين داخلي/خارجي ميلاپ سان ئي ڪلا جو سرجڻ ٿئي ٿو. شمشير جي آفاقي 'لاٽ' جي هيءَ پهرين سٽ منهنجي مقصد کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿي.

حقيقتن کي طبيعت جي روشني پهتي
۽ داخلي/خارجي رت ريت متجندي/متجندي رهي ٿي.
بهار (جي مند) ايندي ئي
رابيل جا گل ٽڙي پيا آهن

ائين روايتن سان به ساڳي ڪار ٿيندي رهي ٿي. متجڻ/متجڻ واري، پر هڪ ريت/روايت، جيڪا ڪهن به سچي ڪلاڪار لاءِ ڪڏهن به نٿي متجي/متجي سا آهي، پن ڇڻ ۾ بسنت رت جي ورڻ جو اَمٽ ويساهه- اڻٽيهينءَ جي گهگهه اونداهين ۾ به اوشا جي آشا.

پر اجهامي نه سگهيا،
تنهنجا ۽ منهنجا،
اجايل نيڻ.

'پنرملن' جي رچنائن لاءِ هڪ سڌي سنواٽي سٽ ته اهائي آهي ته، 'اهي وڇوڙي جا ورلاپ آهن ۽ اڪيلائيءَ جي احساس انهن کي جنميو آهي. توهان انهن رچنائن کي شعري- نثر/نثري- شعر سڏي سگهو ٿا. هونئن سنڌي ادب ۾ اها ڪا نئين شيءِ نه آهي، ورهاڱي کان اڳ 'سدا گلاب' ۾ اچي چڪي آهي.'

ورهاڱي کان پوءِ ان قسم جي رچنائن کي هڪ صنف جي طور ٻيهر رواج ۾ آڻڻ جو سهرو اياز جي سر سونهي ٿو ۽ اياز جون اهي رچنائون سڀ کان پهرين 'نئين دنيا' ۾ ڇپيون هيون. تڏهن دادا ملڪاڻيءَ انهن کي شاعريءَ مڃڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ انهن رچنائن کي 'نظماڻو نثر' سڏيو هو پر ائين چوڻ سان انهن رچنائن جي اهميت گهٽي نٿي، نه ئي دادا ملڪاڻيءَ جو ڪو اهو مقصد هو.

موجوده دور ۾ به ڪيترائي نالا آهن، جيڪي ان صنف ۾ لکي رهيا آهن، پر انهن جي گهڻائي 'سهل پسنديءَ' ۽ 'فيشن پرستيءَ' جو شڪار آهي- ان صنف جو وڪاس (Evolution)، نئين ڪهاڻيءَ وانگر وري به هند ۾ ئي ٿيو آهي. ان ڏس ۾ هريش واسواڻيءَ ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ گهرا ۽ گنڀير تجربا ڪيا آهن ۽ اهي ڪتابي روپ ۾ پڻ اچي چڪا آهن ۽ هتي سنڌ ۾ مدد سنڌيءَ جو 'پنرملن' ان صنف تي پهريون مڪمل ڪتاب آهي.

هتي منڍ ۾ ئي هڪ سوال ٿو اڀري ته جڏهن ڪنهن به ليکڪ/ڪلاڪار وٽ اظهار لاءِ نثر جهڙو وسيلو موجود آهي ۽ اهو به ڪهاڻيءَ جهڙو سگهارو وسيلو، تڏهن هن کي نثري-شعر/شعري- نثر ۾ لکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جڏهن ته نثر ۾ به شعري تاثر هڪڙو هوندو آهي، خاص طور تي مدد جهڙي لکيڪ وٽ. تڏهن اهڙي صنف ۾ لکڻ، جيڪا بهرحال نثر کي وڌيڪ ويجهي آهي، جي ڪهڙي ضرورت پيش آئي آهي؟ هتي منهنجو مقصد اهو ڪڏهن به نه آهي، ته ڪلا جي هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ صنفن سان نڀائڻ ڪا اڻ ٿيڻي آهي. پر ان کي ٿيڻي ٻڌائڻ جو ڪم جو ڪم ضرور آهي. سنڌ ۾، هند جي سنڌي ڪوتا (نثري- شعر/شعري-نثر) جي روايت سان ئي سلسلو جوڙيو ويو آهي. (سنڌ جي نئين ڪهاڻيءَ سان به ساڳيو مسئلو آهي)

جيڪڏهن ڪنهن به رچنا (نثري توڙي شعري) ۾ لفظن/گهاڙيٽي/معنا (تاثر) جو رچاءُ/سنگم آهي ته پوءِ اسان جون اکيون ٺڏيون.

سپنا سمورا
ساپيا جي پنڌ ۾
ڪٽو ڪٽو ٿي ويا.

۽ انهن لفظن جو جڙاءُ نج نثر کان نج شعر کي وڌيڪ ويجهو آهي.

هتي هڪ ٻي ڳالهه به ڪري سگهجي ٿي ته، نثري- شعر/شعري-نثر ڪٿي پابند شاعريءَ (عروض/ ڇند تي) کان اڻ ڇاڻائيءَ جو نتيجو ته نه آهي، ڇوته سنڌي اتهاس جون پاڙون ته وري به پاتال ۾ ڪتل آهن. ساڳي وقت ڇند/بحر تي آڌار رکندڙ شعر خيال/جذبي فڪر تي پابنديون مڙهي ٿو. ڪڏهن قافيي/رديف کي نڀائڻو آهي ته ڪڏهن وري رڪنن/ماترائن جي ڳڻتي... ۽ لئين ان روايت سان بغاوت ڪري سگهجي ٿي. ۽ جڏهن توهان اهو جوکم کڻو ٿا، بي قافيي نظم ۽ آزاد نظم کي به ٻرانگهه سان اورانگهڻ چاهيو ٿا. تڏهن توهان جون ذميواريون به وڌي وڃن ٿيون. پابند شاعري ۾ ته وزن/ ردم /ليءَ کي برقرار رکڻ لاءِ زائد اکر اچي ئي ويندا آهن. پر نثري-ڪوتا ۾ ائين نه ٿيڻ گهرجي. جيئن مون ص17 جي رچنا ۾ 'ڪن' لفظ ۽ ص16 تي ' جي مند ڏنگين ( ) ۾ ڏنا آهن.

مدد جون هي رچنائون گهٽي پاڳي تاثراتي ۽ ذاتي انڀو تي آڌارڪ آهن. بنيادي ڪيفيت ساڳي آهي. ڏک. وڇوڙي کان پوءِ جو ڏک ۽ وڇوڙو ضروري آهي ٻيهر ملڻ لاءِ- هي رچنائون مختلف ڏسن کان ان جي روپ- ريکا آهن.

مدد 'ملاقات' کي هڪ پيانڪ وڇوڙي جي شروعات ٿو سڏي پر مون وٽ، ان رچنا جي ناتي، اهو پيانڪ وڇوڙو ڪنهن مڌر ملن جي اوسيئڙي جو آرنڀ آهي. يادگيرين جي ڪڏهن نه ڪٽندڙ سفر جو آغاز.

مٿي آڪاس ۾ چمڪي پيو
سرءُ جي مند جو زرد چنڊ
۽ منهنجي اندر ۾ ٻري پيو
يادگيرين جو اداس چنڊ.

مدد جي هنن رچنائن تي هئڊ رنگ هاريل آهي. اداسيءَ جو رنگ.

۽ منهنجي هستيءَ مٿان
ڏيري ڏيري ڇانئجي رهي آهي
صدين جي ڪائي پراچين شام.

۽ اهڙي ئي شام، جڏهن سورج اجهامي ويندو آهي. تڏهن 'پنرملن' جو ڪوي ڦلهار مان ڇٽڪون ڦلهورڻ لڳندو آهي. ۽ پوءِ اهي ئي ڇٽنگون لفظ لفظ تي سِٽون ٻڻجنديون آهن جيڪي تيز هوائن ۾ به نه اجهامنديون آهن نيڻ وانگي اجايل نيڻ. اهوئي ڪارڻ آهي، جو ٽڪائيندڙ ڏينهن ۽ اداس سانجهين ۾ به مدد وٽ روشنين جي پياس جو گهرو شعور موجود آهي.

اداسيءَ جي هن گهري رات ۾
سنڌو جي ڪناري
نرت ڪندا رهنداسين
۽
سوجهري جو انتظار
ڪندا رهنداسين.

ان ڏس ۾ مدد جي رچنا 'صبح' جو مثال ڏيئي سگهجي ٿو. پنهنجي دور/ذات جي ڏک جو ورنن ضروري آهي. پر ان کي وشال/آفاقي بنائڻ ان کان به وڌيڪ ضروري آهي. خاص طور تي سنڌي قوم لاءِ. ڪنهن به ڪلاڪار جو بنيادي ڪردار وري به باک جي ساک ڏيڻ واري جوئي هوندو آهي ۽ مدد ان ڳالهه کان واقف آهي:


اهو وقت به ايندو
اهو صبح به ٿيندو
۽ 'شام غريبان' ۾ به هو:
۽ دليون
روشن آهن
حسين جي غم جيان

'پنرملن' جي هر رچنا هيٺان ڪانه ڪا تاريخ درج ٿيل آهي. جنهن مان ڪن خاص حالتن/واقعن/حلتن جو ڏس ملي ٿو. پر هتي جيڪا ڳالهه چوڻ پئي چاهيم. سا اها آهي، ته اهي حادثا/واقعا/احساس/ڪيفيتون جيترو شديد آهن. مدد انهن کي اوترو ئي سهج سڀاءَ سان چوڻ چاهيو آهي. ■





# هستيءَ جي اجاڙ ايوان جو ڪهاڻيڪار...



لياقت رضوي

سپ کان پهريائين تہ سنڌ جي مشهور ۽ منفرد، ليڪن گهٽ سمجهيو ويندڙ يا غلط سمجهيو ويندڙ ڪهانيڪار مدد علي سنڌي کي سندس جنم ڏينهن جي نسبت سان گهڻيون گهڻيون واڌايون ۽ انهيءَ سان گڏ ’سوجهرو‘ کي بہ جس هجي جو هڪ ليکڪ کي سندس جيون ۾ ئي اهڙي ادبي پيٽا جو بندوبست ڪيو آهي. مدد علي انهيءَ مانَ ۽ مرتبي جو مستحق بہ آهي. جيڪو ذري گهٽ اڌ صديءَ کان سنڌي ٻولي جي ادبي آبياري ڪري رهيو آهي.

مدد عليءَ جي فن، ڪهاڻين يا ٻين تخليقن جي ادبي، تنقيد ۽ اوک ڊوک ڪرڻ مشڪل عمل آهي.

منهنجي خيال ۾ سنڌي ادبي تاريخ مدد جي شخصيت غير تڪراري آهي. حقيقت آهي تہ هو سنڌي ڪهاڻي جي ڪيتر ۾ هڪ اهم جاءِ والاري ٿو. سندس سموريون لکڻيون عام طرح ۽ سندس ڪهاڻيون خاص طرح هڪ ادبي انفراديت رکن ٿيون. جن ۾ مدد علي جو هڪ ليکڪ يا تخليقار طور پنهنجو نرالو ۽ يگانو آواز آهي. پيار ۽ پيڙا، اداسي ۽ ابديت، مقصد ۽ بي معنويت، محبت ۽ مايوسي يا درد ۽ دلربا، سندس ڪهاڻين جا ڪئنواس آهن. جن ۾ لفظن جي جديد ترتيب، ابهام ۽ رمزيت سان ڀريل فني سِٽاءُ، اهڙا نوان تجربا آهن جيڪي مدد عليءَ کان اڳ سنڌي ادب ۾ اڻلڀ آهن. مدد علي سنڌي ڪهاڻي کي، پيڙا، درد، ويڳاڻپ، اڪيلائي ۽ بي معنويت ۾ پوڪيندڙ فرد جي زبان ڏني. ۽ ائين سنڌي ڪهاڻيءَ کي روايت جي ڏٻڻ مان ڪڍي، نئين جماليلتي جذبي ۽ اندروني احساسن جي ٺهندڙ- ڊهندڙ ساختيات کي ڪهاڻيءَ جو موضوع بنايو.

انهيءَ ڳالهہ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي تہ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر جي تاريخ ۾ مدد علي سنڌيءَ جو نالو هميشہ اعتماد سان ورتو ويندو. انهيءَ ڳالهہ سان ڪوبہ فرق ڪونہ ٿو پوي تہ هاڻي مدد علي ڪهاڻيون لکي ٿو يا نہ؟

پر سندس اڳ لکيل سموريون ڪهاڻيون، سنڌي ڪهاڻي جي روايت ۾ نہ رڳو نئون بااعتماد آوازٿي ڀريون، بلڪہ ان آواز اڄ بہ گهڻو بااعتماد، گهڻو نِنر، گهڻو نااميد ۽ بلڪل انفرادي آواز آهي. مدد عليءَ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ماحول ٻولي، ٿيم، سِٽاءُ ۽ رويي کي نواڻ ڏيڻ سان گڏ، ان جي ڪهاڻي پٽي ۾ پڻ جدت آندي. 1980ع ۾ جڏهن مدد علي سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب، ’دل اندر درياءُ‘ ڇپيو هو، تڏهن مدد جون ڪهاڻيون، اسان دوستن جي بحث جو، هفتن تائين موضوع رهيون.


سندس ان مجموعي ۽ ان کانپوءِ ڇپجندڙ ڪهاڻين، مون کي ڪهاڻي لکڻ ۾، انمول اتساهہ ڏنو. مان ڪنهن بہ ليکڪ کي ڪنهن بہ نظرياتي فريم ۾ ڏسڻ جي حق ۾ ڪونهيان پوءِ بہ هستيواد جي نظرئي جي اثرن کان، ادب کي بچائڻ يا ان جي مخالفت ڪرڻ جي بہ حق ۾ ناهيان. ڇاڪاڻ جو منهنجي نظر ۾، سمورو انساني ادب ۽ ادبي ورثو، رڳو اظهار جو بيان آهي. جنهن ۾ جيڪڏهن تاريخ جو مددي مواد، زندگيءَ جي تخليقي ترجماني، ٻولي جي سونهن ۽ نزاڪت جي اوسر ۽ خيال يا تصور جو جادو ئي طسلم شامل آهن تہ اهو سڀ ثقافتي سطح تائين اڻتر آهي. ۽ اسان جي تهذيبي ورثي جي تقدير آهي . تنهن ڪري مدد علي سنڌيءَ جي ڪهاڻين تي بہ اهڙا فلاسافيڪل اثر، سڌيءَ طرح يا اڻسڌي طرح محسوس ٿين ٿا. ليڪن سندس ڪهاڻين کي ڪنهن نظريي يا مايوسيءَ جي سانچي سان سوچڻ سراسر ادبي زيادتي ڇئبي. ڇاڪاڻ تہ مدد علي سنڌيءَ کي نہ ڪافڪا سان ڀيٽي سگهجي ٿو. نہ جئمس جوائس سان. توڙي جو مدد علي ۽ ٻنهي مٿين اديبن ۾ هڪجهڙايون ٿي سگهن ٿيون. جيئن ڪافڪا جي ويڳاڻپ يا جوائس جهڙي هڪڙي ساعت کي ننڍڙيءَ ابديت ۾ تبديل ڪري سگهڻ جي طاقت. پوءِ بہ مدد علي سنڌي جي ڪهاڻين تي. مدد علي سنڌيءَ جي شخصت حاوي آهي. مون کي مدد علي جون ڪهاڻيون نہ تہ ڪافڪا جي نثر جهڙيون ٿيون لڳن نہ وري جوائس جي اثر هيٺ نظر اچن ٿيون. انهن جي پنهنجي انفراديت آهي. جن جي ٻولي شاعراڻي، سِٽاءُ رومانوي ۽ تاثر اهڙي بيباڪ ويڳاڻپ سان ڀريل آهي. جو پڙهندڙ، مدد علي سنڌيءَ جي هر ڪهاڻي پڙهندي پاڻ کي هڪ ابدي اداسي جي تجربي مان گذرندي محسوس ڪري ٿو. سندس ڪهاڻيون پڙهندڙ کي، عشق ۽ آجپي جو اهڙو انوکو ڇار محسوس ٿينديون جنهن کي انتهائي مهارت سان اُڻيو ويو آهي.

انهن ۾ درد ۽ اداسيءَ جو ايڏو عروج آهي جو يقين ٿيڻ لڳي ٿو تہ انهن ڪهاڻين کي لکيو وڃڻ دوران ليکڪ ڪيترو گهڻو ڀوڳيو هوندو. ۽ اها ڀوڳنا ٽيٽيهہ سال اڳ اسان لاءِ، يعني مون ۽ منير شاهہ جي لاءِ ڄڻ تخليق جو آبشار هوندي هئي. مان ۽ منير تڏهن مدد علي سنڌيءَ، نور الهديٰ شاهہ، امرجليل ۽ خيرالنساءِ جعفري جو نہ رڳو گڏيل مطالعو ڪندا هئاسين. بلڪہ انهن مان پنهنجي پنهنجي پسند جا جملا لکي هڪ ٻئي سان ڀيٽائيندا هئاسين. هيءَ بہ اٽڪل 1979ع جي شروعاتي مهينن جي ڳالهہ آهي تہ منير وٽ مون اهو مهراڻ پڙهيو هو، جنهن ۾ مدد علي سنڌي جي ڪهاڻي، ’ڪنڊر‘ ڇپي هئي. مون منير کي چيو هو، ’جهڙيءَ طرح نٽشيءَ فن (آرٽ) کي فلسفي ۾ مرڪزي حيثيت ڏني هئي ۽ هيڊگر اها حيثيت شاعريءَ کي ڏني هئي. مان اها حيثيت نثر کي بہ ڏيان ٿو. جنهن جي شاهديءَ ۾ مان ’ڪنڊر‘ ڪهاڻي پيش ڪيان ٿو.‘ تڏهن منير نہ رڳو مون سان متفق ٿيو هو بلڪہ چيو هئائين، ’ڪهاڻيءَ (ڪنڊر) ۾ مدد نہ رڳو لفظن کي ڪيترن ئي معنائن ۾ ڪتب آندو آهي، بلڪہ؟ ، ! ۽ + جي نشانين کي پڻ هڪ بامعنيٰ اهڃاڻ طور ڪتب آندو آهي. جيڪا ڳالهہ ڪيس ٻين ڪهاڻيڪارن کان منفرد ڪري ٿي.‘ پوءِ اسان ٻنهي ’ڪنڊر‘ ڪهاڻي وري پڙهي هئي ۽ عادت موجب، ان مان الڳ الڳ پنهنجي پسند جا پنج جملا چونڊيا هئا ۽ پوءِ اهي جڏهن ڀيٽايا هئاسين تہ اتفاق سان ٻنهي ساڳيا جملا چونڊيا هئا. يا پسند ڪيا هئا. ’ڪنڊر‘ ڪهاڻيءَ جا اهي پنج جملا هن ريت هئا:

1. نہ هئڻ جو احساس بہ تہ ڪجهہ هئڻ جو احساس آهي.
2. هر شام پاڇي جيان اسان سان گڏ آهي
3. موت بہ ائين اچي ٿو جيئن تون اچي وئي آهين.
4. چريائپ جي حقيقت جي بہ تہ ڪنهن کي خبر ناهي.
5. مان منتظر هئس پر انتظار ڪنهن جو ڪونهي.

پوءِ انهن پنجن جملن کي ڪٽي، اسين ٻئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنڌي، اردو ۽ هندي ادب کي لتاڙي، اچي فلاسافيءَ ۾ ڦهتا هئاسين. اسپنوزا، هيڊگر، شوپنهائر، سارتر ۽ رجنيش (منير جي تن ڏينهن ۾ تازي دريافت. پوءِ جيڪو گرو ۽ ڀڳوان رجنيش ٿيڻ کان پوءِ اوشو طور مشهور ٿيو ) کي اسان اهي پنج جملا ٻڌايا هئا ۽ پوءِ انهن کي ويهي ٻڌو هوسين.

اها تہ هئي هڪ پراڻي ياد- هاڻي جي حقيقت هيءَ آهي تہ (شايد) مدد علي سنڌيءَ ڪهاڻي لکڻ ڇڏي ڏني آهي . ليڪن پوءِ بہ منهنجي نظر ۾ هو نہ رڳو پلو ڪهاڻيڪار، ناول نگار يا برجستو صحافي آهي، بلڪہ هو هڪ بهترين سياحت نگار بہ آهي يا ائين ڪٺي چئو تہ سفرنامي لکڻ ۾ بہ ڪيس هڪ ادبي انفراديت حاصل آهي . ’شهرُ صحرا پانيان‘ سندس سفرنامي جو عنوان آهي . پڙهندڙ ڏسي سگهي ٿو تہ ان عنوان ۾ ڪيڏي اداسي ۽ اُٻاڻڪائي ڀريل آهي. شهر کي صحرا سمجهڻ، منٽ کي مهينا سمجهڻ يا ساعت کي صدي سمجهڻ، نٽشي جو پسنديده مشغلو هو. ليڪن مدد علي سنڌيءَ هڪ سفرنامي جو اهڙو اداس عنوان رکي، ڄڻ تہ پنهنجي ادبي تخليقيت جو تسلسل برقرار رکيو آهي. انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ مدد علي سنڌي جي نالي کانسواءِ سنڌي ادبي اوسر جي تاريخ اڌوري رهندي. ■





# مدد جو تخليقي عمل...

شوڪت شورو

مدد علي سنڌي افسانوي ادب ۾ پنهنجو منفرد اسلوب رکندڙ ڪهاڻيڪار آهي. هن جو اسلوب جهرڻن ۾ وهندڙ پاڻيءَ وانگر مڌر ۽ ستار تي وڄندڙ هڪ اهڙي ڌيمي سُر وانگر آهي، جنهن ۾ لطف بہ آهي تہ من کي اداس ڪري ڇڏيندڙ ڪيفيت بہ آهي. سندس اڪثر ڪهاڻين ۾ وڇوڙي جي درد جو چُڀندڙ احساس ڪوهيڙي وانگر ڇانيل هوندو آهي. شاعريءَ ۾ بہ وصال کان وڌيڪ وڇوڙي کي اهميت آهي. ڪو محبوب کي ڳولڻ تہ چاهي ٿو، پر نہ ملڻ جي دعا پڻ گهري ٿو، ڇوتہ من اندر جيڪا لوچ آهي، اها ملڻ سان ماڻي ٿي ويندي.



مدد علي جي نثري نظمن واري ڪتاب 'پنرملن' مان پڻ هڪ نثري نظم جون سٽون ياد ٿيون اچن:

**تنهنجي ۽ منهنجي ملاقات آ**
**ڪنهن وڇوڙي جي شروعات**

مون کي ياد ٿو اچي، تہ مدد علي جي پهرين ڪهاڻي 1969ع ۾ 'سهڻي' رسالي ۾ ۽ ٻي ڪهاڻي سندس ئي رسالي 'اڳتي قدم' ۾ 1970ع ڌاري شايع ٿي. سندس ٻي ڪهاڻي 'پکا پکن سامنهڙا، اوري اچي اڏ' ان وقت نہ رڳو سنڌ، بلڪہ هند ۾ بہ ڏاڍي مشهوري ماڻي. ان ڪهانيءَ جو هنديءَ ۾ ترجمو پڻ ساڳئي سال مشهور هندي رسالي 'ساريڪا' ۾ شايع ٿيو. سندس ٽين ڪهاڻي 1976ع ۾ ظفر حسن جي مخزن 'ڌرتيءَ' ۾، ۽ چوٿين ڪهاڻي، 'هستيءَ جي اجاڙ ايوان ۾' 1978ع ۾ 'سهڻي' ۾ شايع ٿي. جنهن سان هن جديد ڪهاڻيءَ ڏانهن موٽ ڪاڏي.

مدد جون ڪهاڻيون، خاص طرح شعور جي وهڪري (Stream of Consciousness) ۾ لکيل، زمان ۽ مڪان جي وهڪري کان مٿانهون هونديون آهن. سندس نثري شاعري، جيڪا 1981ع ۾ 'پنر ملن' جي نالي سان ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿي. ورهاڱي کان پوءِ نثري نظمن جو پهريون ڪتاب هو. اصل ۾ مون وانگر مدد کي پنهنجا ڪتاب شايع ڪرائڻ جي هابي ڪانهي. ان ڪري سندس ڪهاڻين جو ڪتاب 'دل اندر درياو' ۽ 'پنر ملن' 32 سالن کان آئوٽ آف اسٽاڪ هو. سندس لکيل شاندار ناوليٽ 'هو جي مئا ماڳ ۾' 15 ورهين کان مختلف رسالن ۾ قسطن جي شڪل ۾ ڇپائيءَ لاءِ انتظار پئي ڪيو آخرڪار اهو سڀ مواد ڪتابي شڪل ۾ اچي چڪو آهي.

مدد جو سفرنامو 'شهر صحرا پانيان' مصر ۾ هڪ رات جي ڳالهہ آهي. هن سفرنامي تي هن جي ڪهاڻيءَ شاعريءَ جو پرتو پيل آهي. سندس ڪهاڻين وانگر هن سفرنامي 'شهر صحرا پانيان' جي پڄاڻي بہ وڇوڙي تي ٿئي ٿي. بلڪہ ڪلوپيٽرا سان ملاقات ئي وڇوڙي جي شروعات آهي. هي سفرنامو ليکڪ ۽ ڪلوپيٽرا جي پيار جي ڪهاڻي ڪانهي. ليکڪ جي پنهنجي وچليل دنيا آهي. پنهنجا ڏک آهن ۽ پنهنجون محروميون آهن. ڪلوپيٽرا، جيڪا هڪ وڏي گهراڻي جي سکي ڇوڪري آهي. ان لاءِ هر سک ۾ اندر جو سک سمايل ڪونهي. هن جا پنهنجا مسئلا آهن. پنهنجو درد آهي ۽ حياتيءَ جو ويراڳ آهي، جنهن کي پوکڻ هوءَ آمريڪا پئي ويئي. ليکڪ ۽ ڪلوپيٽرا جي سفر جي دوران ڪجهہ گهڙين جي اتفاقي ملاقات هئي. پر مدد جي لفظن ۾ "ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪجهہ گذاريل پل سدائين ڪنهن ٻڙ جي گهاٽي وڻ جي ڇانوَ جيان ساٿ پيا ڏيندا آهن ۽ ڪڏهن تہ وري ورهين تائين گڏ گذاريل گهڙيون، نٿهڻ اس جيان ماڻهوءَ کي پيون ساڙينديون آهن."

ليکڪ ۽ ڪلوپيٽرا بہ بيچين روح آهن. جيڪي گهڙي ڪن لاءِ مليا ئي هئا وري هميشہ لاءِ وڇڙي وڃڻ ڪاڻ. ڪلوپيٽرا هن جي ڪائي وڃايل محبوبا بہ ڪانہ هئي. جنهن جي وڃڻ تي هو ويهي هنجون هاري ها. اهو هڪ چند گهڙين جو ساٿ هو. گونگو ۽ ٻوڙو! پر چند گهڙين جو ساٿ ۽ پوءِ دائمي وڇوڙي جو مدد جي مخصوص اسٽائل ۾ بيان پڙهندڙ جي من تي درد جي هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي ٿو. ڄڻ پڙهندڙ پاڻ مدد جي جاءِ تي هجي.

هڪ تخليقڪار جي سفرنامي جي اها ئي خوبي آهي تہ ان ۾ رڳو فوٽو گرافيل بيان ڪونہ هوندو آهي ۽ نہ ان ۾ ڪنهن ملڪ، شهر يا تاريخي جاءِ تي ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ پاران ڇپايل بروشر مان هٿ ڪيل معلومات ۽ انگ اکر هوندا آهن. بلڪہ سفر جي دوران ليکڪ جا جيڪي احساس هوندا آهن. انهن جي تخليقي انداز ۾ اپٽار ئي ڪنهن سفرنامي کي ادب ۾ جوڳي حيثيت ڏياري ٿي.

مصر يا قاهره جي نالي سان گڏ هڪدم پرئمڊ يا اهرام مصر ذهن ۾ اچن ٿا. مدد کي پرئمڊ ڏسڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو. ان جو ڏک مدد کي تہ رهيو ئي، پر پڙهندڙ ب ان کوٽ کي ضرور محسوس ڪندا

مدد علي سنڌي بنيادي طور سفرنامن جو ليکڪ ڪونهي. 'شهر صحرا پانيان' عام سفرنامن کان بنهہ مختلف هڪ ادبي سفرنامو آهي. ■

## حنيف عاطر

پنهنجي وچ ۾ فاصلو ناهي رهيو
ڪو بہ هاڻي مسئلو ناهي رهيو
تنهنجي گهر جو ڏيئي ڦيرو ٿي اچي
سوچ جو ٻيو مشغلو ناهي رهيو
نيٺ ڪنهن احساس ٻاريا روئينديءَ
گهر ۾ جڏهين ڪو ڏيئو ناهي رهيو
درد، ڇا لئہ پنڌ ٿو مون ڏي ڪرين
توسان جڏهين واسطو ناهي رهيو
آر.سي.سي جا بہ گهر ٿميو پون
بارشن تي پروَسو ناهي رهيو
مُون سجايو تنهنجي تصويرن سان ڇا
دِل جو البم ساڳيو ناهي رهيو
ختم تو تي مئڪشي ٿيو ٿي وڃي
زندگي جو ٻيو نشو ناهي رهيو
ڇوڪري ڦاهي جڏهن کان آ چڙهي
ڳوٺ ۾ ڪو وَڻ ڏِگهو ناهي رهيو

❋

## حسن وساڻ

پاڻ هياسين تنها رات
روئندي گذريا لمحا رات
سپنا سپ ڪري ويا اغوا
نيڻن ۾ اوجاڳا رات
ان ۾ سار اوهانجي آهي
پلئي جا آهي ورشا رات
هوائن ويٺي پڙهيا نوحہ
مقتل ۾ ها لاشا رات
پنهنجي پيرن ڳوليا مومل
تنهنيج ڪاڪ جا رستا رات
جهول پري هوءَ آئي هئي
ڏات ڏئي وئي نغما رات
لڙڪن سان گڏ وهي ويا
نيڻن مان کي سپنا رات


❋

## فراخ جانوري

تنهنجو هر روپ دلربا آهي
سونهن آهين سڳنڌ آهين تون
درد ۾ پيي قرار بخشين ٿي
ها، محبت جو منڊ آهين تون
سِرَ جهڪائي ڪنول ڇڏيندا هِن
مرڪي کٽندي جو ڪنڊ آهين تون
مان وڃي غم جتي پلايان ٿو
بس اهو هڪ ئي هنڌ آهين تون
مونکي پنهنجي نگاهہ کان ٿيڙي
ڪيڏو ڪندي هي انڌ آهين تون
توڏي ايندي ڪڏهن نٿو ٿڪجان
سِڪ خوشي سُک جو پنڌ آهين تون. ■



# اتهاس جي کنڌرن ۾ رهندڙ آهين تون!!



**گنوسامتاڻي**

مدد پيارا، دل اندر درياءُ پهتو. خاصو پڙهيم. ڪتاب موڪلڻ لاءِ ٿورا تنهنجي ڪهاڻين ۾ به ڪوئي روح ٿو پٽڪندو رهي. ڪنهن پراچين آتما جي ڳولا ۾، من جي ايڪانت لاءِ پن پن ڳولا ۾ تڙقندو ٿو رهي. اتهاس جي کنڌرن ۾ وقت جي لهرن ۾ رهين ٿو تون. توکي ڏنو ته نه اٿم. پر ڄاڻان ٿو تون به هر ان ڪلاڪار وانگر آهين جن جي ڪلا ۾ سچائيءَ /شڪتيءَ ۾ وشواس آهي. گهڻو سمو گذري ويو آهي. سمو گذري وڃڻ ڪانپوءِ وشواس ۾ اوشواس جي پَڌ شروع ٿي ويندي آهي. اها يُڌ تو ۾ به آهي. نٿو ڄاڻان ته ڪڏهن ڪلايگ بدلائي سگهندي؟ پر اڃان به سمجهان ٿو، 'ڪلايگ بدلائي سگهي ٿي. نئين يگ کي جنم ڏيئي سگهي ٿي. نئون يگ، جيڪو اتهاس جي هڪ يڪي سلسلي ۾ جڪڙيل آهي.'

تنهنجون ڪهاڻيون درد جي ڏاڍي ۾ پوتل، اڇي ڪير جهڙي (اهو لفظ تنهنجي خط مان اڌار ڪنيو اٿم.) ڪنهن ڦول مالها جيان آهن ۽ تون، جنم جنم جي پٽڪيل ڪنهن اشانت آتما جيان آهين. تنهنجن خطن مان تون پنهنجو پريچيه پيو ڪرائيندو آهين. نه ملندي به لڳو ٿو. ڪيترن جنمن ڪان هڪ ٻئي کي سڃاڻون ٿا. ڪنهن به نه مليا آهيون. پر پوءِ به سڃاڻون ٿا هڪٻئي کي پيارا. تو وانگر ئي ليکڪ آهيان. ۽ ڪلپنا ۾ گهڻو وشواس اٿم. لکڻ گهڻو وقت اڳ ڇڏي ڏنو اٿم. خطن جا جواب نه ڏيندو آهيان. ڄاڻان ٿو، انهيءَ مان مون لاءِ گهڻو انومان ڪيندا آهن. ڪيتريون ڳالهيون ڪندا آهن پڪ اٿم. تون مون کي ائين نه سمجهندو هوندين. اهڙي ڳالهه موهن ڪلپنا به ڪئي. هو ڪالهه موٺ آيو هو. ڪلاڪ توتي ڳالهائيندو رهيو. ويندي ويندي توکي خط لکڻ جي تاڪيد ڪندو ويو خبر اٿم، هو توکي ڪيڏو نه پيار ڪندو آهي. پر مان پلجي ويندو آهيان. خط لکڻ مون کي ڀاري پٿر وانگر لڳندو آهي. ان ڪري دل ۾ اصل ۾ نه ڪجائين.

تنهنجي ڪهاڻين ۾ ويدنا آهي. ان ويدنا جو پڙاڏو ٻڌو اٿم تنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪيترا پيرا، ان کي دهرئنيداسين ڪونه. تنهنجون پاونائون ڪهاڻين ۾ موجود آهن. نر مان به ڪا هڪ ضرور آهي، جا موجود ڪونهي. تنهنجي من ۾ انڌوڪار ويٺل آهي. ها ان انڌوڪار ۾ تون اڳتي هلي پاڻ ڪڏهن ضرور محسوس ڪندين (تنهنجون ڪهاڻيون 'ڪرانتيڪار'، احساسن ۽ جذبن جو موت' ۽ سپريان جي ڳالهڙي' ان پڙلاءَ جو اهڃاڻ آهن. تازو موڪليل هاڻي 'اڌوري پنڌ جا آخري سپنا' شاهڪار ڪهاڻي آهي.)

وشواس اٿم هر سچي ڪلاڪار وانگر تون به پنهنجي رچنا کي ڪلپنا جي زور تي هلائيندو رهندين. ڪلپنا جو اهو زور تنهنجي ڪهاڻين ۾ موجود آهن اهوئي توکي اڳتي وڌائيندو رهندو.

توکي نه وڏن وڏن ليکڪن جا نالا لکي ڪجهه وڌيڪ چوندس،

"اهو چاهيندس، تون به ڪافڪا وانگر بنا ڪنهن ڏوهه جي زندگي جي ڪنهن ٽرائل کي چڙهين. نه البيئر ڪاموجي 'مٿ آن سيسفس جيان ٻار ڀوئي نرارٿ پهاڙ تي چڙهڻ لهڻ جي سزا ڀوڳيندو رهين، نه سيموئيل بيڪيٽ جيان، جيڪو ڪڏهن به نه اچڻو آهي ان گوڊوٽ جو انتظار رکندو رهين، پر الائي ڇو لڳي ٿو، چاهيندي به ڀانيان ٿو، تون به مون وانگر ڪهاڻيءَ جي ڪراس کي بار بار چڙهندو رهندين."

گهڻو اڳي لکيم:

"ڪهاڻي منهنجو ڪراس آهي بار بار مان ان تي چڙهندو آهيان. بار بار مرندو آهيان. لڳندو اٿم، ليکڪ جيان ڪهاڻي به ڪراس (صليب) تي چڙهي چڪي آهي. پوءِ به ليکڪن ۽ ڪلاڪارن انساني ڪنڌر کي اتهاسڪ ڪنڌر جيان لائق بڻائي رکيو آهي."

مدد، چاهيندس تون به سدائين لکندو رهين. ان لاءِ من جي دري سدائين کولي رکج. ڪيترا پيرا يا ڪڏهن ڪڏهن من جي ان کليل دريءَ مان ٻاهر ضرور نهارج. ڪنهن سانتيڪي پل ۾، سرءُ جي چنڊ کي ڏسندين ته گهڻو ڪجهه سمجهي ويندين. مڃان ٿو جيون جئه ديوَ جي گيت گووند جيان نه آهي. (ڄاڻان ٿو، اهو گيت توکي ڏاڍو وڻندو آهي) اتهاس جو تون به وديارٿي آهين. ۽ مان به گذري ويل چار پل ڇا آهي؟ ماضي مايا آهي پر اهو رهي ٿو سدان لاءِ. ان ماضيءَ کي نٿو وساري سگهجي. تون منهنجي حيدرآباد واري گهر جي ڳالهه لکي. منهنجي ماضيءَ جا انيڪ وساريل پنا ياد ڏياري ڇڏيا. منهنجي شهر حيدرآباد، هاڻ منهنجو شهر ناهي رهيو. هاڻي اهو شهر شهر آهي. جڏهن به لنگهين منهنجي گهر وٽان، ڪڏهن ڪڏهن مون کي ضرور ياد ڪج. سپنا مان نه ڏسندو آهيان. پر سپنا، سپنا هوندا آهن. اهي بند اکين ۾ پاڻهي لهي ايندا آهن. ڪيترا سپنا پلجي ويندو آهيان. پر نه پلجي سگهندو آهيان. ننڍپڻ جي اوسٿا جا سپنا، حيدرآباد جون گهٽيون، شاهي رستا، وڻ، چاڙهيون، مقبرا، رات جي ٿڌڙي هوا، چنڊ ول پکيءَ جا آواز، صبح، سانجهي، ڏنڌلي ڏنڌلي. ياد، ڄڻ ڪنهن پهاڙيءَ تي ڏنڌ ۾ لڪل هر چيز.


بار بار مان ان ڏنڌ لکي ۾ ويڙهيل سپنن ۾ ڊوڙندو آهيان. چاڙهين تي چڙهندو آهيان. ان ڏنڌ لکي ۾ حيدرآباد جي آڪاش تي بيٺل زرد چنڊ جي چانڊوڪيءَ چنڊول پکيءَ جيان ڪوئجي ويندو آهيان. پر يار، ڇڏ ان ڳالهه و ڪوئي ارٿ ڪونهي. ارٿ صرف تنهنجي هٿ جي اُن ڇُهاءُ جو آهي، جيڪو تون منهنجي حيدرآباد واري گهر جي در کي ڇُهيو هو. ان ڇهاءُ کي مان هٿ سان محسوس ڪريان پيو. ماضي، حال، مستقبل ڪجه به نه آهي. صرف پل اپل جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي.

وشواس ڪر، من جي سموري سچ سان. مان گنوسامتاڻي. جيڪو اڳ ڪڏهن جذباتي نه ٿيو آهيان. مڃان ٿو، منهنجي من ۾ منهنجي جنم ڀومي جو شهر حيدرآباد جاڳندو آهي. ۽ جاڳائيندو آهي. پنهنجي ان ماضي ۾، ننڍپڻ جي اوسٿا ۾ روزانو گهمندو آهيان ۽ رُٺل ٻار وانگر پوءِ رُسي سمهي پوندو آهيان. ڄاڻان ٿو، بلڪه پڪ اٿم. ٻيهر وري ڪڏهن به ايڏانهن اچي نه سگهندس. حيدرآباد ڪڏهن وري ڏسي نه سگهندس. بس سڀ ڪجهه ڀلائي ڇڏيو اٿم. پر ڇا وساري سگهي ٿو ڪوئي اهو سڀ ڪجهه؟ جيڪو سڀ ڪجهه آهي، جنهن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. فقط موت ئي سڀ وساري سگهي ٿو. مرتيو جي ڇايا ۾ پلجندڙ انسان. ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي ويهي رهندو. منهنجو سواس به رڪجي ويندو. ڇاڪاڻ جيون جو مها ڏک آهي موت ۽ مون اهو سڀ ڪجهه ۽ گهڻو ڪجهه ڄاڻي ورتو آهي.

شال خوش هجين، سدا خوش هجين. ■



# اسٽيل جا پنج گلاس...



شيشي جي گلاسن جي ان وقت سخت ضرورت محسوس ٿي جڏهن اها خبر پئي ته مخدوم شهاب الدين سکر اچي رهيو آهي. مخدوم سکر ايندو هيو ته اسان جي ويڙهي ۾ ضرور ايندو هيو. اسان جي گهر سميت سڀ پاڙي وارا غوث بهاؤ الدين ذڪريا ملتاني جا مريد هيا. اسان جا وڏڙا ڪنهن وقت غوث جي هٿ تي بعيت ڪري مسلمان ٿيا هيا. ڏاڏو هر سال غوث جي مزار تي حاضري ڀرڻ ويندو هيو ۽ موٽ تي ايڏو ته مزيدار حلوو وٺي ايندو هيو جو اسان سڀ ٻار ۽ پينرون سياري ۾ سوڙ پائي کائيندا هياسون. جڏهن مان ڄايو هيس ته ڇهه مهينا منهنجي جهنڊ انڪري نه لهرائي وئي هئي جو انتظار ڪيو ويو ته پاڙي اوڙي ۾ ٻيا ٻار به ڄمن ته سيني کي گڏ ڪري ملتان وڃي غوث جي مزار تي جهنڊا لهرائي اچون.

مخدوم شهاب الدين ايندو هيو ته اسان جي گهر جو اڱڻ ماڻهن سان ڀرجي ويندو هيو. سامهون هڪ ڪرسيءَ تي غوث کي ويهاري ان جو ديدار ڪيو ويندو هو. ان ڪانپوءِ غوث ڪينچيءَ سان عورتن جي وارن جون چڳون ڪٽيندو هيو.

ان جا فقير جن جو تعداد ڏهه پندرنهن هوندو هيو، هر ڇهين اٺين مهيني وڏيون پڳون پائي ساوا جهنڊا ڪٽي پاڙي ۾ هر در تي ويندا هيا ۽ ٻئي هٿ هوا ۾ هلائي زور سان چوندا هيا، 'ها ها ها... ها هاها ... ها ها ها'

انهن جي ٽي دفعا 'ها' چوڻ سان ڄڻ آوازن جو اهڙو طوفان ايرندو هيو جيڪو هر 'انڪار' کي وهائي ويندو هيو. هر گهر مان انهن کي جهليل پاند ۾ ايڏا ته روپيا، اناج ۽ زيور ملندا هيا جو پاند ڳورو ٿي ويندو هيو ۽ ان جا فقير جهلي نه سگهندا هيا.

پلو ٽئي مخدوم شهاب الدين جو جيڪو اسان جي گهر آيو ۽ بابي کي شيشي جا ڇهه گلاس وٺڻا پيا.

هن دفعي هو سکر جي بازار ويو ۽ شيشي جي ڇهن گلاسن جو سيٽ وٺي آيو. هڪ گلاس ته ان ڏينهن ئي ڀڄي پيو جڏهن مخدوم صاحب ڪرسيءَ تي اڱڻ ۾ ويٺو هيو. ماڻهن جي پيهه ايڏي هئي جو ٻاهرين در وٽ چيپاٽجڻ ڪري ٻارن جا ريهڻَ هيا.

مخدوم کي گلاس ۾ برمي جو پاڻي پيئاريو ويو. جيڪو هن کي صفا نه وڻيو. سکر به عجيب شهر آهي. سنڌوءَ ڪناري هجڻ باوجود هن شهر ۾ پاڻيءَ جو مسئلو ڪڏهن حل نه ٿيو. هتي جَرَ جو پاڻي ٻاڙو آهي. جيڪو اسان پيئندا هئاسين ته ٻاڙو محسوس نه ٿيندو هيو پر جڏهن ڪو ٻاهريون ماڻهو ايندو هيو ته اهو پهرين ڍُڪ سان منهن خراب ڪندو هيو. شڪر هيو جو ميونسپل واٽر سپلاءِ جو نانءُ نشان نه هيو نه ته گٽر جو پاڻي پيئڻو پوي ها. هر گهر ۾ برمو لڳل هوندو هيو



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

جنهن هيٺان وهنجڻ سان صابڻ جي گج نه هجڻ برابر ٺهندي هئي. ۽ وار ائين هوندا هيا جيئن پنجاهه سٺ وارن ملي هڪ وار ٺاهيو هجي.

مخدوم شهاب الدين به پاڻيءَ جو هڪ ڍُڪ ڀري گلاس پاسي سان رکي ڇڏيو. بابي کي گلاس کڻڻ جي جرئت نه ٿي ته مٿان مخدوم ٿوري دير ڪانپوءِ وري ڍُڪ ڀري. گلاس اتي ئي پيو هيو. ماڻهن جي پيهه ۾ ڪنهن جو ٺڏو لڳي ويو. گلاس اونڌو ٿي ڀڄي ٽُڪر ٿي ويو. رهيل پاڻي ائين هارجي ويو جيئن اٽويهه سؤ پنجهٺ جي جنگ ۾ شهيد ٿيل سپاهيءَ جو رَت هجي.

شهادت جي ذڪر تي ياد ٿو اچي ته اٽويهه سؤ پنجهٺ جي جنگ به عجيب هئي. بليڪ آئوٽ جي راتين ۾ جڏهن ريڊيي تي ايوب خان جي تقرير جو خوفناڪ آواز ايرندو هيو ته چور ان گهر ڪان ڀري ڀڄندا هيا جنهن گهر ۾ ريڊيو هوندو هيو.

مون کي ياد آهي شهر جي هر چوڪ تي ڀونپوءَ جهڙا لائوڊ لڳل هوندا هيا. انهن تي قومي نغما هلندا هيا . هر شخص قومي جذبي سان سرشار هوندو هيو. سندس دل ۾ تمنا هوندي هئي ته جيڪر بارڊر تي وڃي شهادت حاصل ڪيان. خاڪسار خاڪي وردي پائي ڪلهن ۾ بندوقن بجاءِ بيلچا پائي گهمندا هيا. مون اهڙي خاڪسار جي ليوڪس پارڪ، جنهن کي محمدبن قاسم جي نالي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. اتي هڪ اهڙي تقرير ٻڌي جنهن ۾ هو فرمائي رهيو هو:

”بيلچو به ڪم ڪندو آهي. هڪ ته اهو مورچا کوٽيندو آهي جيئن سپاهي دفاع ڪري پاڻ کي شهادت کان بچائين. ٻيو ڪم اهو ته جيڪڏهن ڪو شهيد ٿي وڃي ته ان کي قبر کوٽي دفنائڻ ۾ مدد ڪندو آهي. پر ياد رکو شهيد جيئرا آهن.“

ماڻهن کي جنگ ۾ شامل ٿيندڙن جي لسٽ ۾ پاڻ کي شامل ڪرئڻ لاءِ ٽاڻي تي وڃڻو پوندو هيو جيڪا ڳالهه سمجهه کان ٻاهر هئي. شهري دفاع جي مشق ڪرڻ لاءِ شهرين کي مورچن ۾ لڪڻ ۽ بمباريءَ وقت وات ۾ رومال وجهي اونڌو سمهي ڪنن کي آڱرين سان بند ڪري بم ڪرڻ جي انتظار جي مشق ڪرائي ويندي هئي ۽ انهن کي ڀڳل بندوقون ڏئي وڙهڻ جي تربيت ڏني ويندي هئي. اسان پاڙي جا ڇوڪرا به اهڙي ئي قومي جذبي سان سرشار هوندا هياسين. رات جو نڪري اڪثر گشت ڪندا هياسين ته برابر بليڪ آئوٽ تي عمل ٿئي ٿو يا نه. هڪ دفعي ڏٺوسين ته ڇُهارا بازار ۾ ديوان گهنشلم ڪاٺ جو وڏو در بند ڪري گاسليٽ واري بتيءَ تي نوٽ ڳڻي رهيو هيو. روشني در جي وٿين کان ٻاهر نظر اچي رهي هئي. اسان سيني پٿر ڪنيا ۽ ديوان جي در تي وسايا. ديوان جي در اندر بتي بند ٿي وئي.

ماڻهن جو جذبو ڏسڻ جهڙو هيو. چوراهن تي لڳل لائوڊ اسپيڪرز ۾ جڏهن ملڪ جي فوجن جي فتح جون خبرون نشر ٿينديون هيون ته ماڻهو تحسين جا نعرا بلند ڪندا هيا. مون ڪڏهن راجستان ۽ گجرات ۾ وڙهندڙ حرن جون خبرون ريڊيي تي نه ٻڌيون ۽ اهي پاڙي ۾ مائي زوار حقو ڇڪي ٻڌائيندي هئي. مائي زوار سدائين ڪارا ڪپڙا پائيندي هئي ۽ ڪيس ٻانهن ۾ قلندر جا ڪنگڻ پاتل هوندا هيا. اها ٻڌائيندي هئي، 'حر هندستان ۾ اندر گهڙي ويا آهن. انهن کي ڪوبه ٻائو نظر اچي ٿو ته ان کي چوٽيءَ کان وٺي ديگ ۾ وجهن ٿا ۽ پوءِ پچائي کائي ٿا وڃن.'

مون کي ننڍي هوندي حرن کان خوف محسوس ٿيندو هيو. سڀ کان گهڻو خوف پير پاڳاري جي تصور کان ٿيندو هيو. ڇو جو چوندا هيا ته هڪ دري آهي ۽ دريءَ هيٺان کوهه آهي. دريءَ ۾ ويهي پير صاحب ديدار ڪرائيندو آهي. مايون مرد ڳهه ڳٺا، روپيا پئسا پير صاحب جو ديدار ڪري کوهه ۾ اڇلائيندا آهن. پير صاحب پنج منٽ ديدار ڪرائيندو آهي ۽ کوهه خزاني سان ڀرجي ويندو آهي. پير صاحب متعلق ڪيتريون ڪوڙيون ڳالهيون هر طرف ڦهليل هونديون هيون. ڪنهن شخص اها ڳالهه ٻڌائي، 'پير صاحب ڳوٺ جي هڪ ڇوڪري کي ڀڄري ۾ پڪيءَ جيان قيد ڪيو آهي ۽ اهو ان کي ساوا مرچ کارائيدو آهي.'

جنگ ۾ وڙهندو حرن جون خبرون ريڊئي تي ته نه اينديون هيون پر انهن سپاهين ۽ پائليٽن جون خبرون هونديون هيون جن بم ٻڌي ٽيڪن هيٺان سمهي انهن کي تباهه ڪيو يا جهاز جن هندستان ۾ گهڙي حملا ڪيا.

اها بليڪ آئوٽ جي رات هئي جڏهن آسمان ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙيل هو. اهو ساڳيو چنڊ هيو جيڪو هندستان ۽ پاڪستان مٿان چانڊوڪي ڦهلائي رهيو هو. چانڊوڪيءَ بليڪ آئوٽ جا سڀ قانون ٽوڙي وڌا هيا. چنڊ تي حڪمرانن جا حڪم نه هلندا آهن. چانڊوڪيءَ ۾ تاج محل چمڪي پوندو آهي. پليون ۽ ٻئرجون صاف ڏسڻ ۾ اينديون آهن. چانڊوڪي محبوب جي ملڻ وقت وڻندي آهي پر جنگ جي ڏينهن ۾ ساڳي رات خوفائتي ٿي پوندي آهي. اها چانڊوڪي رات هئي جڏهن اسان اونڌاهي ڪوٺيءَ ۾ ريڊيو ٻڌي رهيا هئاسين. ريڊئي تي خبرن ڪانپوءِ لاهور ۽ سيالڪوٽ جي تعريف ۾ قومي نغما شروع ٿي ويا. اسان خوف ۾ ورتل هئاسين. ڇو جو ٻڌايو ويو هيو ته چانڊوڪي رات ڪري هندستان جا جهاز حملو ڪري سگهن ٿا. پنجهٺ واري جنگ ۾ هندستان جي جهازن سکر ۽ روهڙيءَ تي ڪوبه حملو نه ڪيو هيو. اها چانڊوڪي رات ڏاڍي خوفناڪ هئي. اسان سڀ گهر ڀاتي ڄڻ گهر جي اڱڻ ۾ بم ڪرڻ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين.


ريڊيو تي اهو ٻڌايو ويو هو ته جيڪڏهن گهگهو گهٽ وڌ ٿي وڄڻ لڳي ته سمجهڻ گهر کي خطرو آهي ۽ ريڊار تي حملو ڪندڙ جهاز نظر آيا آهن پر جيڪڏهن گهگهو هڪ ڪدو ٿي وڄڻ لڳي ته ان جو مطلب خطرو

ٽري ويو آهي.

ان رات اوچتو چانڊوڪيءَ ۾ گهگهو گهٽ وڌ ٿي وڃڻ لڳو. گهٽيءَ ۾ ٻن چئن ماڻهن جي ڊڪڻ جو آواز آيو. اهو اسان جو پاڙ گلڻ هيو جيڪو ڪٽ تي ويڙهيل سوڙين مٿان ويٺل هيو. گهٽيءَ ۾ ڊوڙندڙ ماڻهن جي قدمن جا آواز ٻُڌي ان سمجهيو ته بم ڪريو آهي. اهو ٻنه سوچيائين ته جي بم ڪرندو ته پهريون جهازن جي اچڻ جا آواز ايندا ۽ پوءِ ڌماڪو ٿيندو. گلڻ اوندهه ۾ چرڪ ڀري جيئن سڌو ٿيو ته سندس مٿو وڃي تختي سان لڳو. شيشي جا گلاس ڪريا ۽ اوندهه ۾ آواز آيو 'ياالله بچاءِ.'

گهڙي گذري ته گهگهوءَ جو هڪ ڪرو آواز اڀريو. بابي ماچيس جي تيلي ٻاري تختي تي ڏٺو. سڀ گلاس اونڌا پيا هيا. ۽ هڪ گلاس شهيد ٿي چڪو هيو. پوءِ بابي جنگ تي تبصرو ڪيو، 'هڪ گلاس جي شهيد ڪرڻ لاءِ ايڏي جاڪوڙ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ بليڪ آئوٽ ۽ گهگهن وڄائڻ جي ڪهڙي لوڙ هئي؟ جيڪڏهن جنگ شروع ڪرڻ کان پهريون ٻنهي ملڪن جون حڪومتون هن کي حڪم ڪن ها ته هو اهو گلاس پنهنجن هٿن سان ڀڃي پئي سگهيو. امن لاءِ هو هڪ گلاس جي قرباني ضرور پيش ڪري ها.'

بابي جي ڳالهه سؤ سيڪڙو صحيح هئي. پنجهٺ جي جنگ جو آخر ڪهڙو سبب هيو؟ اها جنگ وڙهي پاڪستان ڪهڙو ڪشمير حاصل ڪيو؟ اسان دوستبجاءِ اهڙو دشمن پيدا ڪيو جنهن اسان جي ملڪ کي وڏو نقصان پهچايو. ايوب ون يونٽ ٺاهي نفرت جو ٻج ڇٽيو. ٻج ڦٽي ٻوٽو ٿيو ۽ وڏي وڻ ٿيو. نفرت جو وڻ اَس جهڙي




غزل جي خوبصورت شاعر رجب پگهيو جو
نئون شعري مجموعو
صفحا: 240، قيمت: 250 روپيا
**ناشر: سليت اشاعتي شعبو، دانشگاهه**
**منصوريه اشرم، ٽنڊو قيصر.**
رابطي لاءِ: 0301-3591923

ڇانوَ ڪندو آهي. نفرت جون وڻ پاڙيءَ تي نه ٽُڪ تي ڦٽندو آهي. صدين جي تهذيبن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ننڍين قومن جي عوام ۾ عليحدگيءَ جو لاڙو تن ڏينهن کان ئي شامل ٿي چڪو هيو.

اسٽيل جا پنج گلاس ايڏا پراڻا به نه هيا پر پوءِ به هرڪو انهن کي استعمال ڪرڻ کان لنوائيندا هيو. اهي تختي جي هڪ ڪنڊ ۾ رکيل هوندا هيا. اسٽيل جي گلاسن جي قسمت سٺي نه هئي. اهي ڪنهن کي وڻندا نه هيا پر ڪرندا هيا ته شيشي جي گلاسن جيان ڀڄندا نه هيا. اهي اسٽيل جا گلاس امر هيا. انهن هوندي شيشي جا گلاس گهر ۾ آيا ۽ موڪلائي ويا. هڪ دفعي امڙ بابي کي صلاح ڏني ته انهن کي وڪٽي کو ڏينگ جو برتن وٺي اچي پر بابي کيس ٺپ جواب ڏنو.

'اهي اسان جي وڏڙن جي نشاني آهن.' پوءِ هن وري پنهنجو فڪر انگيز جملو ورجهايو. 'مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اسٽيل جي گلاسن هوندي، شيشي جي گلاسن جو ڪهڙو ضرور آهي؟'

تن ڏينهن جست جا گلاس سبيلن تي استعمال ٿيندا هيا. هر چوسول تي پٿر جون بروقار سبيلون هونديون هيون جن جي ٽانڪيءَ ۾ صاف ٿڌو پاڻي ڀريل هوندو هيو. هيٺ نلڪي وٽ سنهي زنجير سان جست جو گلاس ٻڌل هوندو هيو. منهنجين نظرن ۾ جست جي گلاس جو قدر تڏهن وڌي ويندو هيو جڏهن زنجير سان ٻڌل ڏسندو هيس. جست جا گلاس وڏن وڏن هيٺان انهن سبيلن وٽ به رکيل هوندا هيا جتي مٽيءَ جا مٽ اجاين جو انتظار ڪندا هيا. مونکي ڇُهارا مارڪيٽ ۾ هڪ هندوءَ جي دڪان اندر اها سبيل ياد آهي جنهن ۾ گهڙا منجيءَ تي به مٽ رکيل هوندا هيا. مٿن مٿان تختيون لڳل هونديون هيون. هڪ تي لکيل هوندو هيو، 'هندن لاءِ' ٻئيءَ تي 'مسلمان لاءِ'. اهي جملا مون کي سُٺا نه لڳندا هئا. مون سدائين هندن کي سُٺو پائنيو آهي. اهي صوفيت کي وڌيڪ ويجهو آهن جنهن ڪري انسان دوست آهن پر نندي هوندي محسوس ٿيندو هيو منهنجا ڪجهه هندو دوست ان گلاس ۾ پاڻي پيئڻ کان لهرائيندا هيا جنهن ۾ مان پاڻي پيئندو هيس. اهي چوندا هيا، 'مسلمان گائو ماتا کائين ٿا، جنهن ڪري اسان انهن جي وات هاڻيون شيون استعمال نٿا ڪري سگهون.'

مذهب وڏي طاقتور شيءِ آهي. اهو قومن جي تهذيب بدلائي وجهي ٿو. مون کي ڪٽي بازار جي نارائڻ جو ويڙهو ياد آهي. مان بابي سان لوٽو ڪٽي نارائڻ جي دڪان تي ويندو هيس. ناني کي هڪ حڪيم ڳائو کير واپرائڻ جي صلاح ڏني هئي. شهر ۾ ڳئون جو سٺو کير نارائڻ وٽ ئي ملندو هيو. جنهن جو ڪٽي بازار ۾ دڪان هيو. نارائڻ جي دڪان اندر تيل جو گهاڻو هوندو هيو. ان گهاڻي ۾ ڏاند ٻڌل هوندو هيو. ڏاند کي اکين تي پٽي چڙهيل هوندي هئي. اهو ڏاند گول ڦرندو هيو ۽ گهاڻي مان سرنهن جو تيل پيڙجي هيٺ رکيل ٽين جي دٻي ۾ ڪرندو هيو. بابو پٽل جو لوٽو نارائڻ جي نوڪر کي ڏيندو هيو. اهو دڪان جي پاسي کان ڏاڪڻ ۾ مٿي وڃي کير ڪٽي ايندو هيو. ڪڏهن نوڪر نه هوندو هيو ته نارائڻ بابا کي چوندو هيو، 'لوٽو ڇوڪر کي ڏي ته مٿان وڃي وٺي ايندو.'

مان لوٽو ڪٽي مٿي ويندو هيس. چئن پاسن کان ويڪرو ڪوٺو ۽ وچ تي هيٺ سڄو ميدان ڳئن سان ڀريل هوندو هيو. ڪوٺي تي ڪٽ ڪٽ جي ڀرسان پيل هوندي هئي. جڏهن مان ڪٽن جي وچان لنگهيندو ان نوجوان عورت وٽ پهچندو هيس جيڪا لوٽي ۾ کير وجهي ڏيندي ته اها مونکي ڏسي رئي ۾ منهن جي لڪائيندي هئي. مون کي ڏاڍي شرمساري ٿيندي هئي. ان وقت منهنجي عمر اٺ سال هئي. اها عورت هڪ لفظ به نه ڳالهائيندي هئي. منهن رئي سان ڍڪي لوٽو وٺي کير هٿ ۾ ڏيندي هئي. مان ندامت جي احساس کان گهٻرائي تيز وکون کڻندو ڪٽن جي وچ مان واپس لنگهي ويندو هيس. هڪ دفعي بابي سان کير ڪٽي گهر موٽي رهيو هيس ته رستي تي اميرو ٽانگي وارو مليو. اهو پاڙي جو ماڻهو هيو ۽ مائي پٺاڻيءَ کان ڪرائي تي وٺي بگي گهوڙو هلائيندو هيو. ان چيو، 'ويهو مان پاڙي وڃي رهيو آهيان.'


بابو ۽ مان لوٽي سوڌا بگيءَ جي پوئين سيٽ تي ويٺاسين گهوڙو هليو ته پوئين سيٽ تي لوٽو سنڀالڻ ڏکيو ٿي ويو. بگيءَ جا ڦيٿا پڪل روڊ تي ڪڏهن هڪ پاسي ته ڪڏهن ٻي پاسي کامن ۾ هيٺ مٿي ٿي هلڻ لڳا. جهاڪن ڪري لوٽي مان کير ڇلڪي هر هر هيٺ پئي ڪريو. گهر پهتاسين ته لوٽو اڌ ٿي چڪو هيو. گهر پهچي جڏهن بابي امڙ کي کير ڏنو ۽ ان شيشي جي گلاس ۾ وڌو ته اهو اڌ کان به هيٺ هيو. امڙ کي حال احوال وٺي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ سوچڻ لڳي ته هوءَ اها کير ذري ناني کي ڪهڙي منهن سان پيش ڪندي؟ ناني جي طبيعت جي سيني کي خبر هئي. وڏو توائي باز ماڻهو هيو. چوندا آهن جڏهن جوان هيو ته ڳوٺ ۾ ڪو هن جو نالو ڪٽي نه سگهندو هيو. ان ڪٺ کي ڍال جيان اڳيان ڏئي ڪهاڙيءَ سان اهو ڪتو ماريو هيو جنهن جي چڪ پائڻ سبب سندس ويجهي عزيز جو موت واقع ٿيو هيو. ناني کي منهن تي وڏيون وڪڙدار مڇون هونديون هيون. مان جڏهن ٽئين ڪلاس ۾ پڙهندو هيس ته اتي هڪ اهڙي پينٽنگ لڳل هوندي هئي جنهن ۾ راجا پورس هاٿيءَ تي هيو ۽ سڪندر ان سامهون گهوڙي تي تلوار جهلي ويٺل هيو. ان تصوير ۾ راجا پورس جون وڪڙوار مڇون صفا ناني جهڙيون هيون. مونکي راجا پورس وڌيڪ سگهارو ۽ بهادر لڳندو هيو جنهن سامهون ويٺل سڪندر ڪمزور ۽ هيڻو لڳندو هيو. ان جي شڪل اهڙي ڇوڪري سان ملندي هئي جيڪو سينيمائن تي ٽڪيٽون بليڪ ڪندڙ دلوڪ مڪراڻيءَ سان گڏ گهمندو هيو.

نانو بيمار ٿيو ته صفا هيڻو ٿي ويو. توائيباز ته پهريون ئي هيو، بيماريءَ وڌيڪ چيڙاڪ ڪري وڌس.امڙ جڏهن کيس شيشي جي گلاس ۾ اهو کير ڇڪو وجهي ڏنو ته کير ڏسي سندس منهن وڌيڪ هيڊو ٿي ويو.

'هاڻي توهان مذاق شروع ڪئي آهي.' ان چيو، 'سڌو سنئون ڇو نٿا چئو ته بيزار ٿيا آهيو. واپس ڳوٺ موٽي وڃان.' امڙ کيس کير جي گهٽ هجڻ جو سبب بيان ڪيو جيڪو هن غور سان نه ٻڌو. منهن ڀري ڪري وِيهي رهيو. امڙ کيس زور ڀريو ته جيڪي آهي ان مان ٻه ڍُڪ ڀَري سياڻي احتياط سان کير آندو ويندو. هو نه مڙيو. زور ڀرڻ تي امڙ کي گلاس وٺي ڀري اڇلايائين. گلاس کير سوڌو پَٽَ تي پيو ۽ ائين ڀڄي پيو جيئن ڪو کير جون الٽيون ڪري مري ويو هجي. (هلندڙ)

# ويڳاڻپ...

محمد علي پٺاڻ



”هوءَ اسانجي ابي جو ننگ آ. هن جي باري ۾ اهڙي ڳالهہ سوچڻ بہ گناهہ آ.“ ننڍي ڀاءُ نيم اونداهي ڪمري ۾ پنهنجي کٽ تي ليٽيل وڏي ڀاءُ ڏانهن منهن ڪندي چيو.

”تون اڃا ننڍو آن. زماني جي لاهي چاڙهي جي خبر ڪونهئي. پر مان گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئون ويٺو آهيان. سياڻي هوءَ اسان کي اهڙو ڳچيءَ ۾ پوندي، جو تون سوچي ئي نہ ٿو سگهين.“ وڏو ڀاءُ هڪ ساهہ ۾ چئي ويو.

”ڪيئن؟“

”چوندي تہ توهان جو ابو سيوڪجهہ مونکي ڏئي ويو آ. ويندي هن جاءِ جي ٽڪريءَ تان اهڙا پير پٽائيندي، جو ڍهئي آڱريون ڏندن ۾ ڪري، مٿو پٽ سان لڳائي ويهي رهندين.“

”نہ هوءَ اهڙي ناهي.“ ننڍي کٽ تي ٿورو مٿي پر سرڪندي وراڻيو، ”امان مئي کان پوءِ پورا ڏهہ سال تو ڏٺو تہ ماءُ جي ڪمي محسوس ٿيڻ ڏنئين؟ رکي سکي، جيڪا بہ رڌي، اڳ ۾ اسان جي آڏو اچي رکي. ٻڌاءِ، اسان کان اڳ ۾ ان سڄي عرصي ۾ ڪڏهن ڪو گرهہ ڪن بہ کاڌئين؟ لٽا ڪپڙا سدائين ڌوئي ۽ استري ڪري رکندي. هلڪو مٿي ۾ سور هوندو، تہ سؤ سؤ ڀيرا اچي پڇندي ۽ دعائون ڪندي. ڪڏهن بہ سڳي امڙ کان ڪو گهٽ ڀانيئين؟ يا مان ڪوڙ ٿو چوان؟“

”نہ نہ، اهو تہ بلڪل سچ آ. پر ابي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ هاڻي هوءَ ماٺ ميٺ ۾، تون ڏسجانءِ ويٺو ترڳو هي عدت وارا ڏينهن گذاريندي. ان کان پوءِ پڪي ڪونج چواڻي، هر شيءِ جي وارث پاڻ ٿي ويهندي ۽ اسان کي هميشہ لاءِ روهي رلا ۽ مٿي ڪلا ٻڇي ڇڏيندي.“

”ائين نہ ٿيندو ڀائو.“ ننڍي ڀاءُ آواز کي ٿورو وڏو ڪندي چيو، ”پڪي آهي مت جي موڙهي. هن غلط اندازو لڳايو آ. هي ويچاري تہ فقيرياڻي آ. ابي کان اول نوري ڪاسائي سان اپاهجيءَ ۾ ڪيڏا نہ ڳن وڍ ڏنائين ۽ جڏهن اهو ويچارو راهہ رباني وڃي ويو، تہ ان جي ڏيءُ گهر تي قبضو ڪري اچي ويهي رهيس. چئو تہ اتي ڪو ڪيو هئائين گوڙ گهمسان. چپڙي ڪري نڪري وڃي پياءُ وٽ ويٺي هئي نہ. جتان ابو ٻنا ٽڪو ٽڪر ڏيڻ جي نڪاح ڪري وٺي آيو هئس.“

”نوري ڪاسائيءَ جي ڌيءَ ارڏي مڙس جي زال هئي، جنهن جون اکيون ڏسي هوءَ ماٺ ڪري اتان نڪري وئي هئي. جڏهن تہ نوري جي نانيءَ جي پيٽ ۾ اسان جي پاڙ ٽڪريءَ تي آ. ان ڪري هوءَ اسانکي گرڙي ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪندي.“

”تون ٿو چئين؟“ ننڍي ڀاءُ ڪيس رد ڏنو.

”صحيح ٿو چوان. تون منهنجي ڳالهہ تي يقين ڪر ۽ جيئن مون طئہ ڪيو آ، ائين ڪرڻ ڏي.“

”ائين ڪندي تہ اسان بہ ٻچي ڪو نہ هلنداسي. سمجهي ڇڏ. هن جو ڀاءُ پلي ڪيترو بہ ڪمزور آ، پر اسان کي ان جا ٽوٽا ضرور چبرائيندو.“

”اصلي نہ. مان هن کي موڪليان ئي اهڙي ذات وارن ۾ ٿو، جن جي هڪ ئي هڪل سان ماڻهو گهر ۽ ڳوٺ ڇڏي، وڃي جهنگ وسائيندا آهن.“

”مونکي سٺو نہ ٿو لڳي.“

”مجبوري آ.“

”ڳالهہ پڪي ڪري ڇڏي ٿئي چا؟“

”ها.“

”گهٽن ۾؟“

”ويهن هزارن ۾. جن مان هن ڪونيءَ جي جهميل چت بہ ٺهرائينداسين، تہ آڏو منهہ کي بہ ٻہ هٿ هڻائي، جهڙي ڦڙيءَ ڪنئون پڪو ڪنداسين. جنهن کان پوءِ مان ترت پنهنجي وهانوَ جي سنبت ڪندس. جيئن گهر جي ڪم ڪار لاءِ زائفان جي ڏکيائي نہ ٿئي.“

”اهي هن کي وٺڻ ڪڏهن ايندا؟“


”سياڻي ڪچڙي منجهند جو چيو ٿئون.“

”هون...“


ڪونيءَ سان لڳ ٻاهر منهہ ۾ کٽ تي ليٽيل ڪراڙي صدوران ڪنن جي سرلاٽپ سبب ٻنهي ڀائرن جي اها ٻولاچاري ٻڌي ورتي. جنهن کان پوءِ هو ڪيتري دير تائين ڊيڄهڙي واري ڌٻڻ مان پاڻ ڇڏائي نہ سگهي. ۽ جڏهن ڪڪڙن ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيون، تہ هو آهستي آهستي پاڻ سنڀالي اٿي بيٺي. پيرن ۾ جتي پائي بي آواز قدمن سان هوريان هوريان هلندي، اندرئين ڪونيءَ ڏانهن وئي. ٻنهي ڀائرن کي اگهور ننڊ ۾ ڏسي ساڳئي نموني ٻاهرين در ڏانهن سري وئي.

خبرداريءَ سان ٻنا ڪڙڪو ٿيڻ جي ڪڙو کولي، در جي هڪ طاق کي سيري، ان مان پاڻ سرڪائي ٻاهر ٿي بيٺي. پوءِ ٻاهرين در جو ڪڙو ڪنڍي ۾ اٽڪائي هن پنهنجي قدمن کي تيز ڪري ڇڏيو. جن جو رخ هن جي ڀاءُ جي گهر طرف هو. ■




# گيت



ساٿي محبوب زنگيجو

وڻ وڻ آيا گُل
تو ۾ ايڏي ڀُل
ڪاٿان آئي جاٿان آئي
ڪول نہ ان کي
رول نہ ان کي
آءُ سگهو ٿي رات سڻائي
ميندي جا پن
منهنجا ساجن
منهنجي لاءِ وٺي جي آڻي
گهوري اک ڏي سرمي داڻي
سرمي جي مان
ڪالهونڪر ڪان
ڪاني اک ۾ ڪانہ گهمائي
ٻيپهريءَ جو
ٽيپهريءَ جو
سج وڃي ٿو پوڙهو ٿيندو
هاڻُ وڃي ٿو سوڙهو ٿيندو
من مرجهايل
تنهنجي گهايل
توکي رحم نہ پئسو پائي
ڌوئي ڌوئي
نور نچوئي
جئن ڪو شاعر راتيون جاڳي
مون ۾ آهي عادت ساڳي
ليئا پايان
چنڊ لڪايان
وارن ۾ ٿي اوهر جائي
آءُ سگهو ٿي رات سڻائي

❊

ليلم پاتم، سيني لاتم
سوني دهري جنهن جا داڻا
منهنجي ڇاتي سان ڪن ماڻا
ماڻا جنهن جا، ناهن سنهنجا
ڪير سنڀالي جوڀن ڄر کي
منهنجي سرتي، آ دل پرتي
تنهنجا روز نياپا آڻي
منهنجا لاءِ جياپا آڻي
مان ٿي ڇاڻيان، ٻير اماڻيان
سرتي سان گڏ تنهنجي گهر کي
ٽم ٽم تارو، ڪڙڪي پارو
پاري ۾ مون گيت پرايا
سارا سُر سنگيت پرايا
آسڻ منهنجو، آهي ماندو
ڪونہ ڏٺو مون ڪنڌو در کي
پور پڇايان، سور سايان
ٻالجتيءَ کان هيسيتائين
تنهنجي سڌٻي آيس سائين
آءُ نشانو، تنهنجو طعبو
ڪير جهلي هن ڏينگي ترکي. ■

# ڪائونسلنگ...



منظور ڪلهوڙو

ڊپٽي ڪمشنر جي وسيع ۽ ڪشادي آفيس ۾ فيروز آرامده روالونگ چيئر تي ويٺي پنهنجي اڳيان پيل شاندار ٽيبل تي رکيل سنگ مرمر جي ويٽ پيپرس سان کيڏي رهيو آهي. ٻاهر سج اولهہ طرف لڙڻ سان ئي ٿڌ واسو ڪري چڪي آهي. ڪرسيءَ جي پرسان گيس ميٽر هلي رهيو آهي.

فل سوٽ پهريل فيروز پاڻ کي اڄ ان ڊريس ۾ تنگ محسوس ڪيو. اڄ هن کي ڳچيءَ ۾ ٽاءِ سرڪڻ ڦاهيءَ وانگر محسوس ٿي. ڪالر جو بٽڻ کولي ٽاءِ کي ڍرو ڪري ڇڏيائين. گرمي ٿيڻ لڳس. ساڄو هٿ کڻي نرڙ تي رکيائين تہ ٿڌ جي باوجود نرڙ پگهريل لڳس. ڪرسيءَ تان اُٿي ڪوٽ لاهي هئنگر ۾ ٽنگيائين. وڏو ساهہ کڻي جسم کي ڍُرڪائي ڇڏيائين.

گهڙي کن آفيس ۾ ڇهل قدمي ڪندي سائيڊ ۾ رکيل صوفي تي پاڻ ڦٽو ڪندي اکيون ٻُوٽي دماغ کي رليڪس موڊ ۾ آڻڻ ٿئي چاهيائين تہ جيئن سڀ ڪجهہ گهڙيءَ کن لاءِ وساري سڪون حاصل ڪري سگهي.

اوچتو انٽر ڪام جي ڌيمي رِنگ ۽ ريڊ لائيٽ وجڻ ۽ ٻرڻ لڳي. فيروز ڪوبہ ريسپانس نہ ڏنو. رِنگ مسلسل وڄي رهي هئي. هن جا خيال منتشر منتشر هئا. جنهنڪري اڄ هن جي ذهن جي دنيا ۾ ڪابہ حدبندي ۽ سرحد نہ هئي. ڇوتہ هو اڄ پنهنجي آپي ۾ نہ هيو. رنگ ۽ لائيٽ هڪ لمحي لاءِ بند ٿي وري وڄڻ ۽ ٻرڻ لڳي. فيروز صوفي تي ٻي ست لڳو سُتو پيو هو. پر اندر ۾ لڙ تڙ ۽ آنڌمانڌ هيس. بي چينيءَ وڻ ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي ورتو هوس. بي ترتيب خيالن ٽينشن ۽ اسٽريس ڪري دماغ سُورَ سان ٻرڻ لڳس. اوچتو دروازي تي هلڪي انداز ۾ هڪ ٻہ دفعا ناڪ ٿيو. فيروز صوفي تان ڪنڌ کڻي نظرون دروازي تي کپائي ڇڏيون. سنڌس پي.اي جو چهرو نمودار ٿيو.

”سر، انٽر ڪام تہ ٺيڪ ڪم پئي ڪري نہ؟“ پي .اي نماڻو انداز اختيار ڪندي ڊڄندي ڊڄندي پڇي ورتو.

”ها.“ فيروز روايتي بيوروڪريٽڪ جواب ڏنو.

”سر، مون سمجهيو تہ انٽرڪام خراب ٿي پئي آهي. ان ڪري اوهان ڪال اٽينڊ نہ پيا ڪيو.“

”ڇو؟“

”سر، لائين تي ڊائريڪٽر انفارميشن آهي. ڪافي ڀيرا فون ڪيو اٿائون. چون پيا ڪو امپارٽنٽ ميٽر ڊسڪس ڪرڻو آهي. شايد ڪا ايمرجنسي انفارميشن آهي.“

فيروز پي.اي کي گهوري ڏٺو. هن جي گهور جو عجيب و غريب تاب پي.اي برداشت ڪري نہ سگهيو. هن نظرون جهڪائي ڇڏيون. ڪنبندي چيائين،

”سر، ڊائريڪٽر صاحب لائين تي آهي. مان هولڊ ڪرائي آيو آهيانس. جيئن سائين جن جو حڪم ٿئي.“

”ملاءِ.“ ساڳيو روايتي بيوروڪريٽڪ جواب.

”جي سر.“ پي.اي دروازو کولي پنهنجي آفيس ڏانهن هليو ويو.

”جي ڊائريڪٽر صاحب؟“

”سر، ٽيليويزن ڏسو پيا؟“

”نہ، ڇو؟“

”سر، چينلس تي بريڪنگ سلائيڊس پيون هلن. اڄ منجهند واري گڏجاڻيءَ جي متعلق.“

”ڪنهن جي حوالي سان. ڇا منسٽر صاحب موقف ڏنو آهي؟“

”نہ نہ سر، ميڊيا وارن نيوز بريڪ ڪئي آهي. باقي منسٽر صاحب جو هن وقت تائين ڪوبہ موقف يا پريس نوٽ اشو نہ ٿيو آهي.“

”پوءِ ڇا ڪجي؟“ فيروز بيزاريءَ مان ڊائريڪٽر کان پڇيو.

”سر، ميڊيا اوهان سان confect ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي. پليز انهن کي انٽرٽين نہ ڪجو. آئون ڪوشش ڪيان ٿو تہ اهو معاملو وڌيڪ هاءِ لائيٽ نہ ٿئي.“

”ٺيڪ آهي.“ روايتي جواب ڏئي فيروز رسيور رکي ڇڏيو. ۽ هڪدم انٽرڪام کڻي پي.اي کي چيائين،

”ڪنهن بہ رپورٽر جي ڪال پاس نہ ڪري ۽ نہ ئي ڪا انفارميشن شيئر ڪري.“

بيل ڏنائين. نائڪ هڪدم اندر هليو آيو. ٽي. وي آن ڪرڻ جو چئي رموٽ هٿ ۾ کڻي حڪم ڏنائين تہ پي.اي ۽ توکان سواءِ ڪوبہ آفيس ۾ اندر نہ اچي.

چينلس مٽائيندو، سلائيڊس پڙهندو رهيو. ٽيليويزن جو آواز گهٽ ڪري ڇڏيائين. تڏهن بہ گوڙ محسوس ڪيائين. بيقراري ۽ بي چينيءَ وچان واليم Mute ڪري ٽي.وي آڏو رکيل صوفي تي ڍُرڪي پيو. نظرون ٽي.وي اسڪرين تي کتل هيس پر ذهن جي اسڪرين تي اڄ منجهند واري ڊسٽرڪٽ ڊويلپمينٽ ڪاميٽي (ڊي.ڊي.سي) جي گڏجاڻيءَ واري فلم هلي رهي هيس تہ ڪيئن نہ اڄ هُن پريل ميٽنگ ۾ ضلعي جي سمورن عملدارن اڳيان منسٽر جي اڪثر ڊويلپمينٽ اسڪيمن کي رد ڪندي ان جي خلاف کُلي ڳالهايو. ۽ موٽ ۾ منسٽر ڪيئن منيون پڪوڙي، ڏند ڪرٽي هن جي خلاف پنهنجي سموري ڪاوڙ سان ڳالهائي پنهنجو، عوام جو ۽ حڪومت جو دشمن قرار ڏئي اڌ ميٽنگ مان صدارتي ڪرسي ڇڏيون ڪاوڙ مان اٿيو هليو ويو. ۽ ويندي ويندي هُن کي سيني جي سامهون چيون ويو، ’ڏسان ڪيئن تون هاڻي هن ضلعي ۾ وڌيڪ رهين ٿو.‘ اوچتو پرسنل سيل فون جي رنگ ٽون وڄڻ لڳس. رنگ ٽُن مان ئي سمجهي ويو تہ سنڌس گهر واري شيرين جو فون آهي. اها رنگ ٽون ان جي ئي نمبر تي سيٽ ٿيل هيس.

”تون ڪٿي آهين فيروز؟“

”آفيس ۾ آهيان.“

”هي ڇا پيو هلي چينلن تي؟“

”ڇا؟“

”سمورن چينلن تي بريڪنگ سلائيڊس پيون هلن تنهنجي ۽ منسٽر صاحب جي اڄوڪي ميٽنگ ۾ ٿيل جهيڙي جون. ڇا اهو سچ آهي؟“

”...“

”مون کي تہ ڊيڊي ڪال ڪري ٿي. وي ڏسڻ لاءِ چيو.“ شيرين ڳالهائيندي پئي وئي.

”...“

”ڊيڊي بہ ڏاڍو پريشان هو. مون کي تہ ڪلب مان بہ ڪالون آيون آهن، فيروز.“

شيرين لاڏ سان ڳالهائيندي پئي وئي ۽ پريشاني ان جي لهجي مان جهلڪي رهي هئي.

”مان گهر اچان ٿو شيرين، توکي سڀ ڪجهہ ٻڌايانءِ ٿو. ڪا ڳالهہ نہ آهي تون پريشان نہ ٿي.“

”مان پريشان نہ ٿيندس تہ ٻيو ڪير ٿيندو. تون جلدي گهر اچ.“

❊

انٽرڪام جي رِنگ ۽ لائيٽ آن ٿيون تہ ساڳئي وقت سيل فون جي رِنگ وجڻ لڳس. دماغ ۾ درد واسو ڪري ويس. ٽينشن جي شدت ۾ اڃان وڌيڪ اضافو ٿيس. ندامت جو احساس، شرمندگي ۽ ايڪسپلينيشن جي عذاب جي ڀوڳنا جي شروعات هاڻي کان ئي محسوس ڪيائين. اٿي انٽرڪام کنيائين.

”سر، صحافين جون ڪالون پيون اچن. سيني کي چيو آهي تہ صاحب بزي آهن. هڪ ٻن ايم.پي.ايز جون بہ ڪالون آيون آهن. ڪراچي سيڪريٽريٽ ۽ مختلف ضلعن مان اوهان جي دوستن جون بہ ڪالون پيون اچن.“

”ٺيڪ آهي ڪنهن جي بہ ڪال پاس نہ ڪر. گاڏي لڳراءِ، مان هائوس تي پيو وڃان.“

انٽرڪام جو ريسيور رکي، اڌ رس نمبر جي سيل فون آف ڪري ڇڏيائين. نائڪ اندر آيو اڃي سامان کڻڻ لڳو. فيروز هينگر ۾ ٽنگيل ڪوٽ لاهي هٿ ۾ کڻي رف انداز سان آفيس مان نڪري گاڏيءَ ۾ ويهي گهر طرف روانو ٿيو.

ٻاهر سج لهي چڪو هو. رات جي اونداهيءَ پنهنجا پر پکيڙي ڇڏيا هئا. ٿڌ جي ڪري جسم مان سيسرات نڪري ويس.

❊

”تنهنجو ڇا وڃي فيروز. تون پنهنجي ڊيوٽي ڪر.“ ڊپٽي ڪمشنر هائوس جي ڊرائينگ روم ۾ شيرين رڙ ڪندي ٻانهون ڦهلائيندي چيو.

”منهنجو ڇا وڃي؟ ڏاڍي عجيب ڳالهہ پئي ڪرين مان پنهنجي ڊيوٽي ڪرڻ تہ چاهيان ٿو، جيڪا مون کي ڪرڻ نہ پئي ڏني وڃي.“

”...“

”شيري، سڀ ڊويلپمينٽ اسڪيمون بوگس ۽ گهوسٽ آهن. اهڙن هنڌن تي اسڪيمون پاس ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو وڃي ٿو جتي ڪا آبادي ۽ وسنو نہ آهي.

گورنمينٽ جا اربين روپيا ٻُڏي ويندا. عوام کي ٽَڪي جو بہ فائدو نہ ٿيندو.“

شيرين فيروز کي عجب وچان گهوريندي ان جي ڳالهہ ٻڌندي رهي.

”مون سيني اسڪيمن کي رد ڪرڻ جو نہ چيو. پر انهن مان ڪجهہ کي پاس ڪرڻ جو وزير صاحب کي ٻڌايم. پر هن جو ضد هو تہ اڄ هن گڏجاڻيءَ ۾ سڀ اسڪيمون Approve ڪيو. انجنيئرس اڳ ئي مون کي انهن اسڪيمن متعلق بريف ڪيو هو. اڄ جڏهن موصوف وزير صاحب جو ميٽنگ ۾ موڊ ڏٺائون تہ ڊبيل انداز ۾ انهن بہ منهنجي حمايت ڪئي. ۽ وري جو مون ڳالهايو تہ وزير صاحب جو موڊ ويتر خراب ٿي ويو. هن اوور ريئڪٽ ڪيو.“

”...“

”مون تہ ان جي ڌمڪي ۽ توهين آميز رويي باوجود بہ خاموشي اختيار ڪري نارمل رهيس.“

”فيروز، تون ان کي نارمل انداز ٿو چوين، نيوز بليٽينس ڏنيون اٿئي. تو جيڪا ميٽنگ ۾ تقرير ڪئي ان جا حوالا ڏنا پيا وڃن. اجا تہ شڪر آهي جو گڏجاڻيءَ جا فوٽيجز نہ آهن. ۽ تون اهو ٻڌاءِ فيروز تنهنجي ڪَريئر ۾ اهو پهريون دفعو ائين پيو ٿئي جو اهڙين اسڪيمن پاس ڪرڻ لاءِ توکي پريشرائيز ڪيو پيو وڃي. اهو تہ ٿيندو رهيو آهي. هو انهن حلقن جا عوام نمائيندا آهن هو جتي چاهين اسڪيمون ڏين. پوءِ اعتراض ڇو فيروز؟“

”شيري پليز، مون کي انڊر اسٽيئنڊ ڪر. هي نسورو ناحق پيو ٿئي.“

”او فيروز، بس ڪر. گهڻو تماشو ڪيو تو.“

”تماشو، مون ڪيو؟“ فيروز وائڙو ٿيندي چيو.

”مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي فيروز، هي ڪڏهن ڪڏهن توکي ڇا ٿي وڃي ٿو. توسان ڪو نفسياتي پرابلم آهي. ڪڏهن ڪڏهن تون پنهنجي انا هٿان ايترو تہ مجبور ٿي وڃين ٿو جو ڪنهن جي بہ پرواهہ نٿو ڪرين. سڀ ڪجهہ تباهہ برباد ڪري ڇڏين ٿو.“

”...“

”اڄ ڏس پاڻ کي، تون ايئن پيو فيل ڪرين ڄڻ تون وڏو ايماندار آفيسر آهين ۽ تو ڪڏهن بہ ڪو گناهہ جو ڪم ناهي ڪيو.“

”...“

”مسٽر فيروز، حقيقت پسند ٿي، توکي جنهن ڪم لاءِ چيو پيو وڃي اهو تون پهريون دفعو نہ پيو ڪرين. تو اڳ ۾ ئي اهڙا بيشمار ڪم ڪيا آهن. پر بيورو ڪريٽ واري انا تنهنجي نفسياتي ڪمزوري بڻجي پئي آهي. جو سال ڪن کان پوءِ تون اهڙو تماشو ضرور ڪندو آهين.“

فيروز خاموش رهيو ۽ شيرين جي چهري کي تڪيندو رهيو. ڳچيءَ مان ٽاءِ لاهي ڦٽي ڪيائين. شرٽ جا بہ اڳيان بٽڻ ۽ ڪفلنگ کولي ڇڏيائين.

”تون ڳالهائين ڇونہ ٿو فيروز؟“ شيرين پڇيو.

”مان ڇا ڳالهايان شيري، تو هميشہ جيان اڄ بہ سڀ ڪجهہ ڳالهائي ڇڏيو. پر اڄ ڪجهہ سرس ئي اضافو ڪري ڇڏئي تہ مون سان نفسياتي پرابلم آهي.“ اهو چوندي ڪنڌ جهڪائي ٻئي ٻانهون گوڏن تي رکي ٻنهي هٿن سان دماغ کي پڪڙي سُور جي شدت کي محسوس ڪيائين.

”الائي ڇا ڏنو ڊيڊي تو ۾ نہ تہ تنهنجي بئنچ ۾ تہ ٻيا بہ ڪيترائي ڊي.ايم جي گروپ ۾ ڪامياب ٿيا هئا.بس منهنجو نصيب.“ شيرين اڳ کان وڌيڪ رڙ ڪندي فيروز کي چئي ڏنو.

فيروز ڪنڌ ڪٽي شيرين ڏانهن نهاريو.

”ڇا پيو ڏسين؟ سچ ٿي چوانءِ. تون ايماندار آهين ۽ نہ وري ڪير جو ڏوتل تون بہ ٻين جيان ڪرپٽ آهين، تو وٽ ناجائز دولت آهي. پيٽرول پمپ، سي.اين جيز آهن. تنهنجا ٻار مڊل ڪلاس ۾ هوندي يو.ڪي ۾ پڙهن ٿا. ۽ هيءَ جيڪا تون شاهي زندگي پيو گذارين اها تنهنجي 19 گريڊ واري نوڪريءَ جي پگهار مان تہ هرگز گذري نہ ٿي سگهجي. هي ڪراچي ڊفينس ۾ بنگلو، ڪلفٽن ۾ فليٽ، هي نئين نئين ماڊلز جون گاڏيون. تنهنجي مالڪن ۽ پائرن کي ماهوار امدادون... اهو سڀ ڪجهہ تنهنجي پگهار مان ادا ٿين ٿا؟“

”...“

”هي جو تون ٻن ٽن سالن کان پوءِ يورپ ۽ States جا ٽوئر ٿو ڪرين، اها عياشي تنهنجي سيلري افورڊ ڪري سگهي ٿي؟“

”...“

”فيروز ڳالهاءِ چپ ڇو آهين؟ ٻڌاءِ تہ انشورنس پاليسيون تنهنجي پگهار مان هر سال Pay ٿين ٿيون. هي جو نوان پيٽرول پمپ ۽ سي.اين.جيز جا پراجيڪٽ اسٽارٽ ڪيا اٿئي اهي تنهنجي T.A,D.A مان ٿهي تيار ٿيندا؟“

”...“

”فيروز، تنهنجي پگهار تہ تنهنجن ڇئن بهتر فو سوٽس ۾ ئي ختم ٿي ويندي. پوءِ ايڏو ايماندار... حق ناحق... ظلم ۽ ناانصافيءَ جو ڀوت ڇو توتي سوار ٿي وڃي ٿو؟“

”توکي تہ هاڻي احساس ڪرڻ گهرجي تہ ڊيڊي هاڻي سيڪريٽري ناهي رهيو هو رٽائرڊ ٿي ويو آهي ۽ رٽائرڊ بيوروڪريٽ جي ڇا وڃي حيثيت رهندي آهي. اهو توکي تڏهن احساس ٿيندو جڏهن تون پاڻ رٽائرڊ ٿيندين.“

”ادا ويچارو اڃان ايڊيشنل سيڪريٽري آهي. تسليم جو مڙس سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ سال کان وٺي رپورٽ ڪرايو ويو آهي. ۽ تون آهين جو وينو تماشا پيو ڪرين؟“

”...“

”فيروز اسان جا ٻار ٻاهر آهن. هزارين ڊالرس ساليانو انهن جا خرچ آهن. اڃان انهن کي اتي سالن جا سال پڙهڻو آهي. پيٽرول پمپس ۽ سي. اين. جي جا منصوبا اڌورا پيا آهن. حيدرآباد وارو بنگلو انڊرڪنسٽرڪشن آهن. فارم هائوس کي جديد بڻائڻو آهي. توکي مئنيجمينٽ ڪورس تي وڃڻو آهي. تنهنجو اڃان ڪيريئر پيو آهي. تون سڀاڻي جو سيڪريٽري آهين. منهنجو تہ خواب آهي تہ تون ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، وفاقي سيڪريٽري يا چيف سيڪريٽري ٿي رٽائر ڪر. پر تون آهين جو پنهنجي انا هٿان شڪست کائي ٿو وڃين.“

”...“

”تورو سوچ فيروز، هي منسٽر سڀ پاور فل آهن. اسيمبليءَ ۾ انهن جي اڪثريت آهي. هو پنهنجن حلقن جا بي تاج بادشاهہ آهن. انهن وٽ پئسو آهي. پاور آهي. پٺ آهي. تو جهڙن بيورو ڪريٽس جون انهن جي دروازن تي قطارون لڳيون پيون آهن جيڪي پوسٽنگس لاءِ پئسا بہ ڏين ٿا، ايلاز بہ ڪن ٿا ۽ واعدا بہ ڪن ٿا تہ هر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. رڳو پوسٽنگس وٺرائي ڏيو.“

”...“

”پاڻ واري دوست شاهنواز کي ڏنو اٿئي جنهن کي تون گرو چڙو گرم چڙو چئي چيڙائيندو آهين. جنهن تي تنهنجي اک بہ نہ ٻُڏندي آهي. اهو ڪٿان ڪان وڃي ڪٿي پهتو آهي. جنهن بہ ضلعي ۾ ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿئي ٿو اتان جي حڪمرانن جي اکين جو تارو بڻجي رهي ٿو.“

”...“

”پر اڄ پاڻ کي ڏس فيروز، جنهن منسٽر سان تون اڄ وڙهيو آهين اهو ڪيڏو نہ بااثر آهي. هو پاڻ منسٽر، هڪ ڀاءُ ايم.اين.اي، ٻيو ڀاءُ ايس.ايس.پي. هڪ سؤٽ ايم.پي.اي، ٻيو ڪزن سينٽر. تون پُڇي سگهندين، انهن سان؟ سڀاڻي ڏسي وٺجاءِ پنهنجي رويي جو نتيجو. صبح سان ئي اچي فيڪس پهچندئي تہ ايس.اينڊ.جي.ڊي.اي ۾ رپورٽ ڪر. پوءِ ڪير ڪرائيندو تنهنجي پوسٽنگ. پوءِ ڪٿان ڪمپلينٽ ٿيندا اهي پراجيڪٽ؟ ڪٿان ايندا ڊالرس جو ٻارن جي پڙهائين جا خرچ پورا ٿيندا؟“

”خدا جي واسطي خاموش ٿي شيري، منهنجو سُور وچان دماغ ٿو ڦاٽي. پليز مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي.“

”مان چريو آهيان، بيوقوف آهيان. انا پرست آهيان. ڪرپٽ آهيان. نااهل آهيان. مس فٽ آهيان.“ فيروز رڙيون ڪرڻ لڳو.

”اچي وئين نہ پنهنجي ٿرڊ ڪلاس مينٽلٽي واري رڳ تي؟ فيروز، چوانءِ ٿي رڙيون نہ ڪر. شيرين بہ فيروز وانگر رڙيون ڪندي فيروز کي خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو،

”۽ جڏهن تون رڙيون ڪرين ٿي اتي توکي ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿئي. ڇوتہ تون اپرڪلاس جي آهين. مان ٿرڊ ريٽ مڊل ڪلاسي آهيان.“

”ها، ها. تون مڊل ڪلاسي آهين. تنهنجو سڀاءُ ئي مڊل ڪلاس وارو آهي. تون ڪڏهن بہ اسان جي ڪلاس ۾ داخل ٿي نہ ٿو سگهين. تو ۾ اهي گٽس ۽ ڪئپسِٽي ئي نہ آهي جو منهنجي ڪلاس ۾ پاڻ کي ائبسارو ڪري سگهين.“

”مون کي خبر آهي شيري، تنهنجي ڪلاس جي روين، ڀهيو، ائٽيٽيوڊ جي. اڙي توکي پنهنجي ڪلاس ۾ زنده هَڻ ۽ عياشيون ڪرڻ لاءِ مون جهڙي ٿرڊ ڪلاس، مڊل ڪلاس مينٽلٽي رڪنڊڙ سهاري جي ضرورت آهي.“

”شيرين بيگم، ڪن کولي ٻڌ. مون توکي چيو هو تہ انين ڪلاس جي ٻارن کي يو.ڪي موڪل. پنجويهہ پنجويهہ هزار ڊالرس ساليانو فيس جي مد ۾ ڀر. پر اهاتہ تون ئي هئين جنهن کي اسٽيٽس شو ڪرڻو هو. ڪلب ۾ صدارتون، مهمانِ خاص جو ڪرسيون سنڀالڻيون هيون. ۽ پارٽيون اٽينڊ ڪَرڻيون هيون. سيرسپاٽا ڪرڻا هئا. جنهنڪري ٻارن مان جند ڇڏائڻ لاءِ فارين بورڊنگ.

ايجوڪيشن جي بهاني ڪان وڌيڪ ڪو بيو بهتر بهانو تي نه پئي سگهيو؟ مون توکي چيو هو ته پيٽرول پمپ ۽ سي.اين.جيز خريد ڪر. يا نوان پراجيڪٽ اسٽارٽ ڪر. پر اها تون ئي هئين جنهن کي بيورو ڪريٽس جي سائيڊ بزنس جا قصا ٻڌائڻ کان واندڪائي ئي نه هوندي هئي. مون ڪڏهن چاهيو هو ته مون کي ڊفينس ۾ بنگلو هجي ۽ ڪلفٽن ۾ فليٽ هجي. ٻڌاءِ مون ڪي مان ڪڏهن استعمال ڪندو آهيان تنهنجو جي.ايل. آءِ ۽ ويگووينس. مون ڪڏهن چيو هو ته يورپ ۽ اسٽيٽس جا ٽوئر ڪيون؟ پر تون پنهنجي پاءُ ۽ پاڃائي جي فارين ٽرپس ۽ ٽوئرس کي ياد ڪري ڏينهن رات جهيڙا ۽ موڊ آف ڇو ڪندي هئين.

"ٻڌاءِ منهنجي هڪ به انشورنس پاليسي آهي؟ ٻڌاءِ اسلام آباد، ڪراچي ۽ لاهور جي بوتيڪس تان ڳرا ڳرا بل ڪنهن جا ايندا آهن. ڪنهن وٽ ڪريڊٽ ڪارڊس آهن ۽ ڪير ڊيبٽ ڪارڊس جو ستياناس ڪندو آهي؟ پوءِ به مان ٿرڊ ڪلاس... مڊل ڪلاس مينٽيلٽي رکندڙ آهيان. اڄ نفسياتي مريض ٺهرايو ويو آهيان. ڪرپٽ سڏيو ويو آهيان. نااهل چيو ويو آهيان. مسز شيرين؟"

"او اسٽاپ اٽ فيروز، اٽس ٽو مچ نائو."

"سچ ٻڌڻ تي توکي به ڪاوڙ لڳي ٿي منسٽر جيان، شيرين."

"بند ڪر اهي پنهنجا واهيات طعنا فيروز. منهنجو ڊيڊي سيڪريٽري رٽائرڊ آهي. مون ننڍپڻ کان وٺي جوانيءَ تائين ان ڊي.سي هائوسز ۽ سيڪريٽري هائوسز ۾ شاهاڻي انداز سان زندگي بسر ڪئي آهي. تون پنهنجو فڪر ڪر." شيرين جي رڙ دؤران هائوس جو آپريٽر فيروز کي ٻڌائڻ آيو،

"سر، لائين تي ڪمشنر صاحب آهي."

شيرين ڪاوڙ مان تکڙي تکڙي ڊرائينگ روم مان نڪرندي فيروز کي چوندي وئي،

"پاڻ تي به ماٺهو ڪلاڪيي ۽ مون کي به جڳ ۾ ڏنو ڪيئه. هاڻ ڀوڳ وينو."

❊

رات جا ڏهه ٿي ويا. فيروز ڪپڙا تبديل ڪري نائيٽ ڊريس ۽ گرم گائون پائي بيڊ روم ۾ وينو هو ته ملازم ڊنر ڪرڻ جو معلوم ڪيس. پر انڪار ڪيائين ته فلحال بک نه آهي. بيڊ جي اسٽول تي پيل سيل فون تي رِنگ آيس. سيل فون تي نسرين جو نالو ۽ نمبر ڏسي هڪدم ڪال اٽينڊ ڪيائين.

نسرين يونيورسٽي ۾ ساٿس گڏ پڙهي هئي.

فيروز سي.ايس.ايس ڪري سول سروس جوائن ڪئي ۽ نسرين پاس آئوٽ ڪرڻ کانپوءِ ميڊيا اسٽڊيز ۾ ڊپلوما ڪري پرنٽ ۽ اليڪٽرونڪ ميڊيا جي وڏي گروپ کي جوائن ڪري ورتو هو.

"ها ڊي سي صاحب، اڄ ته اوهان هيڊلائينز ۾ آهيو. وڏا پاور پيا ايڪسرسائيز ڪيو. منسٽر به اوهان جي زيرعتاب آهن."

نسرين رليڪس موڊ ۾ هئي. پر فيروز جي گفتگو جو لهجو ۽ انداز ٻڌي حيران، پريشان ۽ سنجيده ٿي وئي. فيروز به اندر جو اوبر ڪڍي اڄ منسٽر سان ميٽنگ، شيرين سان ٿيل سخت جهيڙي ۽ پنهنجي پريشاني جي متعلق سڀ ڪجهه هميشه جيان نسرين سان شيئر ڪري ڇڏيو. اها نسرين ئي هئي جنهن سان فيروز گهڻو ڪجهه شيئر ڪندو هو. ۽ انهن جي صلاحن تي عمل پڻ ڪندو هو.

"فيروز تون پريشان نه ٿي. آئون ڏسان ٿي سي.ايم. هائوس، ايس.اينڊ.جي.ڊي.اي ۽ چيف سيڪريٽري آفيس ۾ کهڙي چرپر آهي. باقي شيرين کي تون پاڻ هينڊل ڪر. فلحال ميڊيا سان ڪانٽيڪٽ ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. جڏهن منسٽر ڪجهه ڪيو ته پوءِ صلاح ڪري آئون ان اشوءَ کي ڪٽنديس."

"نسرين، مان هاڻي خاموش نه ويهندس. مان پنهنجي مستقبل سان به کيڏي ويندس. پر ان منسٽر کي هرگز نه ڇڏيندس. مان ان کي ايڪسپوز نه ڪيو ته منهنجو نالو مٽائي ڇڏجاءِ."

"او ڪي فيروز، رليڪس. فلحال هي وقت نه آهي اهڙين ڳالهين ڪرڻ جو. ٺيڪ آ، مان ڏسان ٿي پوءِ رابطو ڪيانءِ ٿي."

فيروز کي ياد آيو ته سي.ايس. ايس ڪرڻ کان پوءِ نسرين هن جي آڏو ڪيڏو نه اسرار ڪيو هو ته مون سان شادي ڪر. اسين هڪٻئي کي انڊراسٽئنڊ ڪيون ٿا. پر فيروز ان کي سٺو دوست ٿي رهڻ جو چئي نسرين جي خواهشن جو قتل عام ڪري سيڪريٽري سروسز جي ڌيءُ شيرين سان شادي ڪئي. پر نسرين فيروز جي چوڻ مطابق هميشه لاءِ ان جي سٺي دوست رهندي پئي آئي. پر شيرين سان نسرين جي ڪڏهن به نه پئي.

سيل فون جي رِنگ وڳي پريان نسرين هئي.

"تنهنجو اندازو درست نڪتو فيروز. پاور انهن حڪمرانن کي انڌو ڪري ڇڏيو آهي. ڪابه گورنس نه رهي آهي. سي. ايم. توکي رپورٽ ڪرائڻ لاءِ ڊئريڪٽوز پيو جاري ڪري. سڀاڻي چيف سيڪريٽري ۽ ايس.اينڊ.جي.ڊي.اي مان به ائپرول ٿي ويندي."

"ڪو الزام هنيو اٿائون نسرين؟"

"نه نه صرف رپورٽ ڪرائڻ لاءِ چيو اٿائين."

"ڪٿان ڪنفرم ٿيو نسرين؟"

"سيڪريٽري ٽو سي.ايم. پر چيائين سيڪريٽ."

"Thank you نسرين."

"ڪا ڳالهه نه آهي فيروز، هاڻي تون آرام ڪر. سڀاڻي پل ڪاروائي ٿي بيهي پوءِ پاڻ ان تي ڊسڪس ڪنداسين."

"او.ڪي نسرين." فيروز مايوسيءَ وچان چيو.

"ها ٻڌ ٻڌ فيروز شيرين ڪٿي آهي؟"

فيروز ٿڌو ساهه ڀريندي چيو، "گهر نه آهي شايد ڪلب هلي وئي آهي."

"اڄ به؟"

"ها نسرين، اڄ به. ڪٿي شيرين، ڪٿي آئون. هوءَ اپر ڪلاس، آئون ٿرڊ ڪلاس، مڊل ڪلاسي." فيروز نسرين کان بنا مڪلائڻ جي ڪال ڊسڪنيڪيٽ ڪري ڇڏي.

بيڊ روم جو بتيون وسائي فيروز سمهي پيو. پر ننڊ اڄ هن کان ڪوهين ڏور هئي. اڪيلائي، پريشاني، بي عزتيءَ جو احساس. شيرين جو رويو، طعنا ۽ مهڻا. رڙيون، گوڙ ۽ شور هن جو سڪون ئي ڦٽائي ڇڏيو هو.

هو بيڊ تي پاسا ورائيندو رهيو. ذهني ڪوفت ۾ مڪمل طور جڪڙجي چڪو هو. ايس اينڊ جي.ڊي.اي ۾ رپورٽ جا سين، OSD آفيسرن جا حال، سيڪريٽري ۽ چيف سيڪريٽري اڳيان پيشيءَ جا منظر هاڻي ئي فيروز جي اکين اندر هلڻ شروع ٿي ويا.

ٻاهر ٿڌ جي ٿڌ هئي. پر هو گرمي جي وڏي پد ۾ ورتل هو. مٿو چڪرائجڻ لڳس. درد وچان هلڪي دانهن نڪري ويس. اڪيلائي ۽ خاموشي گهڻي رهي هيس ته اوچتو سيل فون جي ٽون وڳي، ٽيبل ليمپ بٽڻ آن ڪري روشني ڪيائين. سيل فون تي نسرين جو نالو ۽ نمبر آيو. هڪدم ڪال اٽينڊ ڪيائين،

"فيروز ٽي.وي آن ڪر جلدي."

اٿي تڪڙ تڪڙ ۾ ڊرائنگ روم ۾ آيو ۽ ٽي. وي آن ڪيائين. منسٽر رات جو هڪ وڳي نيوز بليٽن ۾ لائيو انٽرويو ڏيندي چئي رهيو هو،

"ڊپٽي ڪمشنر فيروز صاحب ۽ منهنجا ڪي به اختلاف نه آهن. ميڊيا جا ڪجهه دوست هرويرو ڊي.سي صاحب ۽ منهنجي وچ ۾ دوريون پيدا ڪري رهيا آهن. اسان جي ضلعي لاءِ جيترو فيروز صاحب ڪم ڪيو آهي تاريخ ۾ ٻئي ڪنهن به ڊپٽي ڪمشنر نه ڪيو آهي. جن ڊيولپمينٽ اسڪيمن جي ميڊيا جا دوست ڳالهه ڪن ٿا، انهن اسڪيمن تي اسان جا ڪي به اختلاف نه آهن. فيروز صاحب تا حال مون اڳيان True Picture پيش ڪئي آهي. مان انهن اسڪيمن تي پڻ نظرثانيءَ لاءِ فيروز صاحب سان اڳواٽ ئي اتفاق ڪري چڪو آهيان. مان واضح ٿو ڪيان ته مان ڊي.سي صاحب کي ٽرانسفر ڪرائڻ جي ڪابه ڌمڪي نه ڏني آهي. فيروز صاحب جي اسان جي ضلعي کي ضرورت آهي، هو ڪاڏي نه پيو وڃي ۽ فيروز صاحب ئي اسان جي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر رهندو."

فيروز هَڪو ٻَڪو ٿي ويو. هن جي سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته آخرڪار هي سڀ ڪجهه ڪيئن ممڪن ٿيو. ايڏو طاقتور ضدي وزير ڪيئن هن تي اڌ رات جو ايترو مهربان ٿيو جو پاڻ ميڊيا تي اچي سڀ ترديدون ڪري ڇڏيائين.

سيل فون تي نسرين هئي. هڪدم ڪال اٽينڊ ڪيائين.

"فيروز معجزو ٿي ويو. ان معجزي جو موجد ڪير آهي؟ فيروز ايڏي سرپرائيز؟" نسرين خوشي ۽ حيرت وچان ڳالهائيندي پئي وئي.

"نسرين، مون کي خدا جي ذات جو قسم آهي ته مون کي پاڻ خبر نه آهي ته هي سڀ ڪجهه ڪيئن ممڪن ٿي ويو؟"

فيروز هڪدم سيني پريشانين مان پاڻ کي آجو محسوس ڪندي خوشيءَ سان ٽمٽار ٿيل لهجي ۾ نسرين سان ڳالهايو ئي ڪونه ته اوچتو شيرين ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿي ويئي.

"ٺيڪ آهي پاڻ سڀاڻي وڌيڪ ڳالهائينداسين. رات به گهڻي ٿي وئي آهي. شيرين به اچي وئي آهي. چڱو موڪلاڻي نه آهي. سدائين گڏ. گڊنائيٽ." هن سيل فون ڊائينگ ٽيبل تي رکي ڇڏيو.

❊

"رحمت، هي وٺ جلدي ڪر ماني ٽيبل تي لڳراءِ. ڏاڍي بک لڳي آهي. وقت به گهڻو ٿي ويو آهي. صاحب به ماني نه ڪاڏي هوندي. انتظار ڪري صاحب جي پسنديده ڊشيز تيار ڪرائي آئي آهيان. ڪٿي اڄ ته ڪائون." شيرين شاپنگ بيگس ملازمه رحمت جي هٿ ۾ ڏيندي چيو.

"جي بيگم صاحبه. اوهان ويهو آئون جلديءَ ۾

# خفيه هٿ...



انور شيخ

مان جڏهن ڪان جيترو ٻه هوش سنڀاليو آهي ان هوش ملڻ واري وقت ۽ تاريخ ڪان وٺي ٻڌندوءِ پڙهندو پيو اچان،

”اسان جي ملڪ کي خفيه هٿ ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن.“

جيئن ته مان وطن پرست آهيان تنهنڪري مون کي پنهنجي پياري وطن جا دشمن، ’خفيه هٿ‘ پنهنجا دشمن لڳندا آهن. ٻه ٽي ڏينهن اڳ جڏهن وقت جي حاڪم صوبي جي اعليٰ آفيسرن سان ويهي اهو بيان ڏنو

” شهر ۾ ٿيندڙ هاٺوڪن تشدد وارن واقعن ۾ خفيه هٿ مُلوِثُ آهن ته مان تپي باهه ٿي ويس.“

مون سوچيو، ”جيڪڏهن اهي خفيه هٿ مون کي هٿ اچي وڃن ته مان انهن کي ڪپي ڪوري ڇڏيندس جن هٿن منهنجي وطن عزيز کي کوکلو ڪيو آهي. مان انهن کي کهاڙين سان قيمو ڪندس.“

اسان جي محترم و مڪرم شريف النفس الحاج حاڪم صاحب فرمايو،

”هنن واقعن ۾ انهن هٿن جو هٿ آهي جن اسان جي ملڪ کي وجود ۾ ئي نه پئي اچڻ ڏنو. ۽ هن ملڪ جي تخليق کان وٺي ان کي ڊي-اسٽيبلائيزڊ De-Stabilized ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. “

مون سوچيو مار، ’اهي مئا هٿ تڏهن کان تباهيون ڪري رهيا آهن.‘

محترم حاڪم صاحب جي اڳيان عالي جناب اعليٰ آفيسر اهو وچن ورجايو،

”اڄ نه ته سڀاڻي انهن خفيه هٿن تائين ضرور پهچنداسون.“ مان هڪ اخبار ۾ رپورٽر طور ڪجهه عرصو اڳ شامل ٿيو آهيان. هڪ دفعي هڪ پريس ڪانفرنس ۾ وقت جي حاڪم فرمايو،

”اسان دهشتگردن کي ڪڏهن به اجازت نه ڏينداسون.“

تڏهن مون ڪائن سوال ڪيو،

”سائين، دهشتگردن اوهان کي پرميشن لاءِ درخواست ڏني آهي ڇا؟“

ان سوال تي منهنجا ساٿي رپورٽر مون تي ناراض ٿيا . ۽ مون کي چيو هئائون، ’جيستائين تون صحافت سموري نه ٿو سمجهين وٺين تيستائين مهرباني ڪري سوال گهٽ ڪندو ڪر.‘

رات اسان جي عالي جناب اعليٰ آفيسر وڏي شان ۽ مان سان هڪ پريس ڪانفرنس ڪوٺائي. مان ٻه ٻين صحافين سان گڏ اتي وڃي پهتس، شاندار ڪرسين تي اعليٰ عملدار ويٺا هئا. سامهون رکيل ڊگهي ٽيبل تي ڪافي سارا هٿيار بم گولا، راڪيٽ لاچر، گوليون پيل هيون. آفيسر جي پويان ٻه چادرون جُهلن نما ٻن ٻُتَنِ تي پيل هيون جن جي پرسان چاڪ و چوبند جوان الرٽ بيٺل هئا. عالي جناب اعليٰ آفيسر انتهائي سرهائي مان چئي رهيو هو،

”هي اهي هٿ آهن جيڪي دهشتگردي ۾ مُلَوِثُ آهن جن کي اسان وڏي جفاڪشيءَ ۽ جوان مرديءَ ڪانپوءِ هٿ ڪيو آهي.“

مون ساٿي رپورٽر کان پڇيو،

”هي ته بُتَ آهن جن جي مٿان چادرن جون جُهلون ڏئي ڍڪيو اٿائون؟“

ساٿي رپورٽر منهنجي ڪن جي ويجهو اچي چيو،

”هي بُتَ نه آهن. پر ماڻهو آهن جن وٽ هَٿَ آهن. ۽ اهي ئي هٿ خفيه هٿ آهن جن کي اڄ هنن ظاهر ڪيو ويو آهي.“

مون به ساڳيئي سرباٽ ۾ چيو،

”جيڪڏهن اهي هٿ آهن. ۽ اهي خفيه هئا جن کي هنن ظاهر ڪيو آهي ته پوءِ هي انهن کي چادرن جون جُهلون ڏئي ڍڪيو لڪايو ڇو آهي؟“

”اڙي چريا، جيڪڏهن چادرون هٽائن ته پوءِ خفيه ڪيئن رهندا؟“ ساٿي رپورٽر منهنجي منهن ۾ تڪيندي چيو.

مان غور سان جُهلون پاتل بتن کي ڏسندو رهيس. آفيسر ڳالهائيندو رهيو. ڪا گهڙي بتن ۾ جنبش پيدا ٿي. چادرن مان هلڪا هتڪڙيون لڳل هٿ ظاهر ٿيا جن تي بوٽ پالش جا ڪارا نشان هئا. ڪارن، پورهيو ڪندڙ هٿن کي مون هڪ دم سڃاڻي ورتو. اهي هٿ، مون کي لياريءَ ۾ گڏهه گاڏا هلائيندي ۽ صاحب لوڪن جي بوٽن کي پالش ڪندي هر گهٽيءَ ۽ روڊ تي نظر ايندا رهندا آهن. ■




## شير هاليپوٽو

### پيار جي منزل . . .

مون ڏٺا ٻاريا ساحل تي
اڄ مونڌي تري توڪل تي
هي موجُون، موسم حُسناڪي
ڏس پوپٽ مڙيا گل، گل تي
ڪي پرهه ڦُٽي جي پنڇين جون
اڄ ٻوليون ٻهڪن پائل تي
اکر، اکر ۾ چاهت ٽانڪي
پُهچون پيار جي منزل تي
پيار مقدس جنهن آ سمجهيو
تنهن جيتي دنيا هر پل تي
دل جي آڳر تون نه وسين ٿو
پوءِ کهڙيون ميارون بادل تي
پٽر شهر ۾، ’شير‘ رهين ۽
ٿو گيت لکين ڪيئن بلبل تي.

❋

## وائي

### مور مغيري

من جي مستي مهڪي پئي
دل جي بستي مهڪي پئي
ڪانگ اچي ويو اڱر تي
نيڻ نظارا، چؤڏس چارا
قرب جي ڪشتي مهڪي پئي
ڪانگ اچي ويو اڱر تي
گيت، جمالا، خوشيون چاڪا
سوچ الستي مهڪي پئي
ڪانگ اچي ويو اڱر تي
ظلم وڌي ويو ڪيڏو آهي
ظالمَ هستي مهڪي پئي
ڪانگ اچي ويو اڱر تي
انسانيت جي قتل جي هاڻي
بازر سستي مهڪي پئي
ڪانگ اچي ويو اڱر تي
سنڌ جي سياست ’مور‘ سڻائي
سياسي پُستي مهڪي پئي
ڪانگ اچي ويو اڱر تي

❋


## غزل

### آٿم ارباب

ڏني سين جي عزت ڪڏهن ڄَٽ کي
جُتي سان چڙهي ويو سڏو ڪٽ تي.
اهو فيصلو ڪيئن قبولي ٿو سگهجي
ڀڄي پيو جو منصف رَسو وَٽ تي
ڪٽي دل جي سِڪٽي اگهاڻي ها ڪڏهين
ته وڪٽي اچون ها وڃي هَٽَ تي
پراڻي ڪٿا پيار جي ڪائي ڇيڙيو
رکي آهي آڳر ڇڏي ڦَٽَ تي
اجارا اجارا نه ڍاپيا نه ڍاپيا
اڪيون ميڪشن جون ڪتل مَٽَ تي
مليو سونهن جو ڪو خزانو اٿيئي
نه ’آٿم‘، لڳئي پير ٿو پَٽَ تي. ■

## ڪهاڻي

# اڪيچنپ…



حسيب ڪانهيو

اڪيون کوليم ته ڏٺم:

رڳو بک، بدحالي. ظلم، ڏاڍ، جبر. اٽبرابري، ناانصافي. نفرتون، ڪينو ۽ ڪدورتون.

ماڻهن وٽ ڪاڏا ناهن. ماڻهن وٽ ڪپڙا ناهن. ماڻهن وٽ گهرڙا ناهن . ماڻهو پيٽ ٻُڪايا. ماڻهو انگ اگهاڙا. ماڻهو، جڻ ڪيڙا ماڪوڙا.

ماڻهو وڙهي رهيا آهن. ماڻهو مري رهيا آهن. ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس کائي رهيا آهن. رڳو ڦڏا ۽ فساد آهن. نفرتون ۽ عداوتون آهن. ڪينو ۽ ڪلفتون آهن. ڪٿي به تحفظ ناهي. ڪٿي به جان جي امان ناهي. عام جايون ته ٺهيو پر عبادت گاهون به محفوظ ناهن.

مون جڏهن اهو ظلم جهڙو منظر ڏٺو ته اچرج ۾ پئجي ويس. سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته، اهو سڀ ڪجهه آخر ڪيئن صحيح ٿيندو؟ اهو سڀڪجهه آخر ڪيئن بدلبو؟ اهابک ۽ بدحالي آخر ڪيئن ختم ٿيندي؟ ۽ ڪڏهن ختم ٿيندي؟ ڪٿان ايندو ايترو اناج؟ ڪٿان ٿيندي انهن جي پيٽ جي پوري؟ سمجهه ۾ نٿي آيو ته، آخر ڪٿان ايندا ايترا ڪپڙا جو انهن جا اگهاڙا انگ ڍڪبا؟ ڪيئن اڏبا ايترا گهر جو اهي انهن سيني ڪي اجهو ملندو؟ اها ته دوزخ آهي دوزخ. پريي ئي ڪانه. نفرتون عداوتون، ڪينو ۽ ڪفلتون: اهي سڀ ته جڻ رنگ، نسل، ذات پات، قوم ۽ مذهب جي بُنياد تي ماڻهن جي فطرت ۾ شامل ٿيون نظر اچن. سو اهي پلا ڪهڙي نموني ختم ٿي سگهنديون؟

اهو نه ڏسي سگهڻ جهڙو منظر آئون گهڻي دير ڏسي نه سگهيس ۽ پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيم.

اکيون بند ڪيم ته ڏٺم:

خبر ناهي ته ڪو زُلزلو ٿو اچي يا ڪو طوفان ٿو اٿي. خبر ناهي ته ڌرتي ٿي ڏُبي يا آسمان ٿو ڦاٽي پر نظر ائين ٿو اچي ته ڌرتي سڄي اٿلجي پٿلجي وئي آهي. اوير اولهه ۽ اولهه اوير ٿي پيو آهي. ڪنهن به حد، سرحد جو نالو نشان نه رهيو آهي. آئون ڏسان ٿو ته دنيا تي ڪو به وجود زنده نه رهيو آهي. ماڻهو مِرون سڀ مري مات ٿي ويا آهن. ڪا به عمارت باقي نه رهي آهي. گهر ترُ، ڳوٺ شهر مُلڪ سڀ ختم ٿي پيا آهن. مقدس جايون ۽ عبادت گاهون به مٽي جو ڍير بڻجي پيون آهن. مٿاهون هيٺاهون تي ڦهلجي هموار ٿي پيون آهن. صحرا سمندن سان رلي ملي ويا آهن. اها قيامت، جنهن جو ذڪر ڪيل آهي، سا قيامت برپا ٿي چڪي آهي شايد.

نظر ٿو اچي ته، ڪوڙ سارا انگ اگهاڙن جا لاشا آهن، جن تي انهن جي تعداد کان به ٻيڻا ٽيڻا ڪپڙا سٽيا پيا آهن. اهي پيٽ، جن تي اٽي نه هئڻ ڪري سدائين پٽ ٻتل رهيا، انهن جي خالي پيٽ تي ايتريون ته اناج اڇليل ٿو نظر اچي جو اهي ته انهي اناج جي وزن ڪري ئي مري چُڪا. ايترا ته ڪاڏا ٿا نظر اچن، جو ايترا وات به نٿا ڏسجن. انگ اگهاڙا، پيٽ ٻُڪيا ۽ بي گهر ماڻهو وڏين وڏين عاليشان محلن جي هيٺيان دٻيل ٿا ڏسجن.

اهي منظر ڏسي يقين ئي نٿو اچي ته هي اها ئي پيٽ ٻُڪيل ۽ انگ اگهاڙن ماڻهن واري دنيا آهي، جنهن ۾ ايترو اناج هو ۽ ايترا ڪپڙا هئا. هڪ لمحي جي لاءِ خيال ٿو اچي ته ڪيڏي نه افسوس جهڙي ڳالهه آهي جو دنيا ۾ ايترو ڪاڏو هئڻ جي باوجود به ماڻهو ويچارا پيٽ سان پٿر ٻڌي جئيندا رهيا. ايترا ڪپڙا هوندي به انسان انگ اگهاڙا ئي رهيا.

جڏهن اولهه اوير ۽ اوير اولهه ٿي پيو، ڪنهن به حد، سرحد جو نالو نشان باقي نه رهيو تڏهن مٽي جا ذرڙا هم ڪلام ٿيا:

”تون ڪٿي هئين؟“

”آئون اولهه ۾ هئس. ۽ تون؟“

”آئون اوير ۾ هئس.“

”تنهنجو وقت ڪيئن گذريو؟“

”ڏاڍو بيڪار ۽ بي سڪون. مون تي الائي ته ڪهڙا ڪهڙا نالا رکيا ويا. مون تي الاءِ ته ڪهڙا ڪهڙا نشان ڪيا ويا. منهنجي ڇهري ڪي ٻڪاڙيو ويو. منهنجي فطرت ڪي نِنديو ويو. احمقن جي اڻ ڳُڻ مخلوق هئي، جيڪا مون ڪي ملڪيت سمجهندي رهي ۽ منهنجي حصول جي خاطر درحقيقت پنهنجي ئي نسل ڪشي ڪندي رهي. ۽ تون ٻُڌاءِ.“

”بس منهنجو وقت به تو جهڙو ئي گذريو. دلي سُڪون ۽ اطمينان مون وٽ به نه رهيو. ڪتن ٻلن هڪٻئي ڪي ايترو نه ماريو، جيترو ماڻهن. هي دنيا ماڻهن جي لاءِ جنت هئي پر ماڻهو هتي وڙهندا مرندا رهيا ۽ گڏهه گهوڙا، ڪتا ٻلا خوش رهيا. ايترا ظلم هتي جانورن نه ڪيا، جيترا ماڻهن. ڪيڏا نه احمق هئا ماڻهو جو خوامخواهه ذليل ٿيندا رهيا. هروڀرو جنت ڪي جهنم ڪندا رهيا. رنگ نسل، قومن قبيلن ۽ مذهبن ۽ طاقتن جي بُنياد تي پنهنجي ئي تباهي پاڻ ڪندا رهيا“

هڪ پاسي ڏٺم ته ٻه پٿر هئا، جي پاڻ ۾ ائين ٻڪيل ٿي نظر آيا جيئن عيد جي ڏينهن ٻه يائر پاڻ ۾ ٻکبا آهن، پيار پاڻ ۾ ٻکبا آهن. اهي پٿر ائين مليا پيا هئا جيئن ڪي وڇڙيل ملندا آهن. اهي ائين پئي نظر آيا، جڻ هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا.

پٿر ڳالهائڻ لڳا ته ٻُڌم:

”تون ڪٿي هئين ايترو عرصو؟“

”مون ڪي هڪ مسجد ۾ لڳايو ويو هو. ۽ تون ٻُڌاءِ ڪٿي هئين؟“

”مون ڪي هڪ مندر ۾ لڳايو ويو هو.“

”تو وٽ ته امن هوندو؟“

”نه، رڳو مسجدن جي گِلا هوندي هئي. رڳو فتني ۽ فساد جون ڳالهيون. پر تون ٻُڌاءِ؟“

”مان ڇا ٻُڌايان. مون ڪي پهاڙ مان ڪٽي مسجد ۾ لڳايو ويو. پر اوچتو ڪنهن پل اهڙو ته ڌماڪو ٿيو جو آئون اڇلائجي وڃي پري ڪِريس. منهنجي مٿان ماڻهن لاش سٽجي ويا. ان ڪان پوءِ آئون يڪو اتي ئي رهجي ويس.“

”اڙي يار، پاڻ ته هڪ ئي پهاڙ مان ڪٽيا ويا هئاسين. ياد اٿئي نه.“

”ها.“

آئون ڇرڪ ڀري جاڳي پيس.


وري اکيون کوليم ته ڏٺم:

اُها ئي ساڳي. رڳو بک، بدحالي. ظلم، ڏاڍ، جبر. اٽبرابري، ناانصافي. نفرتون، ڪينو ۽ ڪلفتون. ماڻهن وٽ ڪاڏا ناهن. ماڻهن وٽ ڪپڙا ناهن. ماڻهن وٽ گهرڙا ناهن. ماڻهو پيٽ ٻُڪايا. ماڻهو انگ اگهاڙا. ماڻهو، جڻ ڪيڙا ماڪوڙا.

ڪليل اکين ۽ بند اکين وارن اڪيچنپ جي انهن ٻنهي منظرن ۾ توڙي جو ڏينهن رات جو فاصلو ٿو نظر اچي پر پوءِ به هاڻي جڏهن اکيون کليون آهن ته سمجهه ۾ اچي ٿو ته جيڪڏهن برابر ڪجي ته اڪيچنپ جي ڳالهه آهي، باقي اگر ڏسجي ته قيامت تائين ممڪن ناهي.

fb: haseebkanio@yahoo.com

## غزل



### ساحر راهو

مٽيءَ کي ڳوڙهن ۾ ڳوهي، خوشبو خوشبو خواب ڪجي ها
زيان نه ٿي ها، درد جي موسم، ذرڙي کي مهتاب ڪجي ها
دل جي ڪينوس تي اُپاري، ڳيرو ڇهرن جي ڇلبوڪي
نيٽڻ جي واديءَ ۾ برپا، رنگن جو سيلاب ڪجي ها
وقت جا گهوڙا جي جهلجن ها، سچ جي ميري سيڏ نه ٿي ها
ساونڻ رُت ۾ ويل وصل جي، ماڻي پل ناياب ڪجي ها
نيري جل ۾ ڌوئي ڪنول کي، ڇلبوڪيءَ جو ويس ڍڪائي
شهرت جي واديءَ ۾ ڪوئي، برپا انقلاب ڪجي ها
هرڻي ساڻي ٿي نه مري ها، ۽ نه سُڪي ها ٽڄ ٿوهر جي
صحرا جي سانجهيءَ کي سپرين، اڻمٽ ڪوئي باب ڪجي ها
مقتل هو هر چوڪ تي چارڻ، ڇيڙي سچ جي تند کي چارڻ
خوف جي ڪن مان سپناتاري، وس پنهنجي گرداب ڪجي ها
يادن جي پُرڪيف سڙڪ تي، اکيون پوري پنڌ ڪجي ها
پل ڪن خواب کي سليان سمجهي، خودسان ئي دولاب ڪجي ها
تنهنجي قدمن ۾ رکجي ها، ڌرتيءَ جي هر شهرت عظمت
تاج محل کي چاهت سامهون، آڻي سونهن ثواب ڪجي ها
باک جي ڌوتل آئيني ۾، پاڪيزه احساس اُجاري
ڇهرن جي تازاڻ ۾ ساحر، سرهو دل تالاب ڪجي ها.

⁕

پيار جو ڪومل سفر هو، سانوري ڪا سُکبان هُئي
موسمون کهڙيون به آيون، زندگي پر مهربان هُئي
چنڊ ڪنهن محبوب وانگي، رات پر چمندو هُيو
رات ڪاري ساهڙيءَ جيان، باوفا ۽ رازدان هُئي
ڳوٺ ڪان ٿورو و ٿوري، ياد آ جهوني حويلي
شام جي سُرمئي پلن ۾، ٻن دلين جو آستان هُئي
سچ جو آتش فشان ٿي، سانوڻيءَ ٺاري ڇڏيو
بارشن ڪانپوءِ ٻارن، جي گلين ۾ ڪهڪشان هُئي
پوهه ۾ ڪوسي بدن تي، ساعتون سيڪيون هُيون
راتين جو رُڪ ڳاريندي، سڳنڌ جي داستان هُئي
ڪائناتون موهه جا، چشما هُيون، جهرڻا هُيون
دلربائي عشق جي هُئي، سونهن دل سان آشنا هُئي
پيءُ جهڙا پيچرا هئا، ماءُ جهڙا چانورا
پيڻ جهڙيون انتظاريون، ياءُ جهڙي آجيان هُئي
مُرڪ جي ڪاشيگريءَ سان، هو رنگين نيڻ ننگر
زندگي رابيل ’ساحر‘ چاهتن ۾ گلستان هُئي

⁕

### مختيار سهتو

هار لکي وٽ جيت لکي وٽ
درد گڏاڙي گيت لکي وٽ
سُک لئه سودو ڪونه ڪيو تو
ڏُک جي هر هڪ ڳيت لکي وٽ
غير ڳڻي تون ٺڪجي پوندين
پنهنجا سارا ميت لکي وٽ
احساسن ۾ مَچ مچائي
اهڙو ڪوئي گيت لکي وٽ
خيال گهڻن جا ڪُرڙيون هٽندا
زم زم جهڙي زيست لکي وٽ
بازارن جي گوڙ مان اُڪري
من جي مات مسيت لکي وٽ. ■

# سورٺ جي صدا...

اوچا گدِ گرنار جا، چڙهي چانوَ وٽن،
گلن رٽا رنگڙا، وئو واس ولين،
اجا تون اپن سان ٿو ڪرين ڳالهيون!

اوچا گدِ گرنار جا، جانَ جمڪين تِئان جھُڪ،
سُر ڪي ڪيو سجدو، جو جاڙو جيان رُڪ،
پائي ڍڪڻ ڍڪ، ٻڏين تہ ٻاجھہ لهين!

اوچا گدِ گرنار جا، هجي تو شاباس،
پڳين نہ پريين، نڪي ٿيئن ناس،
پرين پريين پاس، جھُر تہ جھوري لهين!

اوچا گدِ گرنار جا، ايو تون اوناءِ
راڄن رهيون ڪيون، ڳارا ڳچيءَ پاءِ
”راڄا نہ ڪس راڄ ڪان، جو چاهين سوچاءِ“،
سر جي سٽ سواءِ، لنگهو ريڍو ڪينڪي.

اوچا گدِ گرنار جا، توريءَ ڪو ڄاڻي؟
روح منهنجو ريون ٿئو، راڄا جي رساٽي،
گهڙ تہ گهمون گهاٽي، متان محب ميار ڏي!

اوچا گدِ گرنار جا، موڙهي تنهنجي مت،
ريءَ راڄا راڄ ۾، جيئڻ جلاوت،
پاري پنهنجي پت، پرزا نہ ٿيئن پٽ تي!

اوچا گدِ گرنار جا، ايو ڪيچين آڪاس،
پرَ پون پرين پوريو، تو ڪيئن راحت راس،
ڪهڙي بچي آس، ريءَ راڄا راڄ ۾؟

اوچا گدِ گرنار جا، ٿاٽا ٿئڙم ٿوهہ،
راڄا بنا راڄ ۾، ريجهي نہ منهنجو روح،
اڪيون انڌا ڪوهہ، وِهہ وهائو جندڙو.

اوچار گدِ گرنار جا، تون ڪوري ۾ ڪپ،
راڄن ۾ رارو پيو، تون ڪين ماري مپ،
ريءَ راڄا راڄ ۾، مون من ڪاتيون ڪپ،
تو ڪي سنگهي سپ، مر تہ ماناتو ٿئين.

اوچا گدِ گرنار جا، ڪنهن سان ڪريان چاڳ،
جھري پيو جيئڙو، پري پيڙا پاڳ،
منزل نڪي ماڳ، ريءَ راڄا راڄ ۾.

اوچا گدِ گرنار جا، ڪنهن سان ڪريان چاڳ،
جھري پيو جيئڙو، پري پيڙا پاڳ،
منزل نڪي ماڳ، ريءَ راڄا راڄ ۾.

اوچا گدِ گرنار جا، ڪنهن سان ڪريان ماٺو؟
توڪي جنهن جوڙائيو، سو تان اپين اڏاٽو،
سرَن جَر مٿيا، ڪنڌيءَ ڪنور ڪوماٽو،
گهمئي ڪو گهاٽو، ٽٽ تہ ٽي ٽڪر ٿئين!

اوچا گدِ گرنار جا، ڪُهہ نہ پيائي ڏار؟
جاڙو جبل پائين، تون ڪڪر لڳي ڪپار،
سر پڻ سوڪڙي ڪري، ڏنو تہ ڏاتار،
توتي حيف هزار، ٽٽي ٽڪر نہ ٿئين!

اوچا گدِ گرنار جا، لڳي توڪي ٻاهہ،
ريءَ راڄا رتولن ۾، سڙي سندم ساهہ،
ڪانهي رهي راهہ، ريءَ راڄا راڄ ۾.


اوچا گدِ گرنار جا، ڍهہ ڍهہ پونئي ڏار،
منهن مٿو سٽرون، پٽي ڪيان پار،
مور نہ واسيان وار، وڃهان ٻڪ ٻهار جا.

اوچا گدِ گرنار جا، پري نہ ٿئين ٻُٽ،
جانب ريءَ جهان ۾، جيئڻ پايان جٽ،
پئين متان پٽ، پنهنجي سنبت سڄٽين.

اوچا گدِ گرنار جا، سُر، سڻ سماچار،
سُڌ پيئي سر ڪي، تہ مڱئو جو مڱٽهار،
سا ڪٿ پڻ راڄا ڪِي، ڪري هي گفتار،
”گهرين سو ڏيئين، مڱٽا! مٽيادار،“
وٽج ان وهنوار، پرزا ڪيو ساز ڪي!

ٻيجل توڪي ٻاجهہ، موران پيئي ڪانہ،
لالچ ڪهڙي لوپ ۾، تو سر وڍئو سلطان،
ڪير ڪريندو هاڻ، قدر دانيون ڪينري؟

سخيءَ جي سِر ڪي، لوڪ سڄو ليلائي،
راٽي تنهن راءِ جي، ايي اونائي،
لنگهو نہ لاهي، ڪٿ پنهنجي ڪينري.



## انب گوپانگ

ڪهڙي ڳٽي ڳالهہ، سُران، سِر ڪڙو ڪئو،
متان چئي: محال، سو ڏيڻ سِر ڏياچ ڪَي.

اهڙو ڪو سوال، جو نہ اگهامي در تي،
ڳٽي اها ڳالهہ، وڏو ڪرت ڪپار ۾.

اهڙي پَر پڙي، مهند ماڙ هوڙن،
مگتي جو ٿَئو مڙ نيان مان مٿن،
ٻنهي سخيئن، ڏنو ورتو، وچن تي!

مرٽان پوءِ جيئڻ، ماٺهن جي من ۾
راڄا انهيءَ ڳڻ، وڏو ڪرت ڪپار ۾.

اڙي راءِ ڪنڪهار! اڄ ڪِ سياڻ تون،
چڙهي ساري لوڪ ڪي، ويندين نيٺ پرار،
ڪِرت اهڙي ڪار، مرٽان مرين ڪينڪي.

جيجي راءِ ڏياچ جي، نہ روئي نہ رڙي،
ايي ڏئي انڪي، واڏايون مڙي،
”متان موٽائين منگتو“، دم دم ايئن دڙي،
اها ڳالهہ ڳٽي،، ڏواٽو سِر ڏياچ ڪي.
ٻيجلان ٻهون، مهند آيا منگتا،
سُر جي سٽ جي، اهڙي ڪٿ نہ ڪَئون،
نڪين ڏاتارئون، سري ڪنهن ڪي سوڪڙي.

ٻيجل سندي ٻائڙي، اياڳي اٽڄاڻ،
سو ٽي ڪري سوڪڙيون، ڪٽي آئي ساڻ،
ڪاٽي سِر ڏياچ جو، موجون اچي ماڻ،
وچن تنهن وراڻ، سِر وڃايو سينهن جو. ■




## ناز سنائي، ڄامشورو

سوجهرو پڙهيم. ڪوشش پئي ڪيم ته ڪجهه نه ڪجهه لکان پر يار اهڙن ڏنڌن ۾ قاسي ويا آهيون جو پيٽ هٽي پاٽي ڪيڊي ڇڏيا آهن. خطن واري صفحن ۾ مون وارو تفصيلي خط ڇاپڻ لاءِ مهرباني. گڏو گڏ نصير سومري جو خط به پڙهڻ لاءِ مليو. مان ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته ان يار مون بابت ڇا چوڻ گهريو آهي پر مان سمجهي نه سگهيس.

نصير سومرو اسان جو شاعر دوست آهي. ڪراچي آچر بازار ۾ ٻه ٽي دفعا وڃڻ ٿيو ته نصير جو ڪتاب هر دفعي هڪ هڪ ڪاپي ويهن روپين ۾ ملي وئي. پر حيران ڪُن ڳالهه اها ته انهن ٽنهي ڪتابن تي نصير طرفان مختلف دوستن کي لکي ڏنل هو. يعني اهي ڪاپيون سوکڙي طور ڏنل هيون. مون هڪ ڪاپي پنهنجي ذاتي لئبريري ۾ رکي ٻن جا لکيل پنا ڦاڙي پنهنجي دڪان تي وڪري لاءِ رکيون. اهي اڃا ائين ئي موجود آهن. هڪڙو بزرگ آچر بازار مان اهو ساڳيو ڪتاب پنجاهه کن ڪاپيون ڇڻ تور جي حساب سان وٺي مون وٽ ڪٺي آيو مان پنهنجي دڪان تي رکان. مون واري پاءُ جيڪو دڪان هلائيندو آهي اهو ان ڳالهه تي بضد هو ته اڳ ۾ پيل به ڪاپيون ئي نه هليون آهن ته هي ڇو رکجن. پوءِ به اهو بنڊل مون وٽ ئي ڇڏي ويو. مان نصير بابت سوچيندو ئي پئي رهيس ته هيءُ سنڌ جو ڪهڙو بدقسمت شاعر آهي جو جن ٽن مختلف دوستن کي ڪتاب مفت ۾ ڏنائين، انهن به رديءَ حوالي ڪري ڇڏيا ته اوچتو تازو هو بدر سومري سان گڏ منهنجي دڪان تي آيو ته بدر کيس ٻڌايو ته هيءُ ناز سنائي آهي. همراهه مونکي وڏو ياڪر پائي منهنجي پٺيءَ کي وٺي ڇڻ ڪُٽيو. وڏي خوشيءَ جو اظهار پيو ڪري ته هو مون سان مليو آهي. چي: هاڻي تازو سوجهري ۾ اوهان کي پڙهڻ جو موقعو مليو. بدر جو خوشيءَ جو اهڙو انداز ڏنو ته پوئتي وري چوڻ لڳو آهستي ناز، همراهه جو ٻاءِ پاس ٿيل آهي. هن سمجهيو ته ڪو مان هُن سان ايڏي گرمجوشيءَ سان ملي رهيو آهيان. الله نه ٿو ڀُلائي ته مان ماڻهوءَ سان پهريون دفعو ملڻ يا پڙهڻ سان ئي اُن بابت اندازو لڳائي ويندو آهيان ته همراهه ڇا آهي؟

سائين جي. ايم. سيد سان ويجهڙائي رهي. ان گهٽو سيڪاريو. هن کي اخبارن ۾ آيل مضمون خبرون پڙهي به ٻڌائيندو وس. هڪ دفعي اخبار کولي ته سائينءَ تي مضمون هو. ڪين چيم ته سائين اڄ اوهان تي مضمون ڇپيو آهي. پڙهان؟ چي ڪنهن لکيو آهي؟ مون چيو، 'حسن اسڪارپين'. سائينءَ چيو بس نه پڙهه. ضرورت ئي ناهي. ماٺ ٿي ويس. پاڻ پڇيائين 'اسڪارپين' جي معنيٰ اچئي ٿي؟ چيم نه. چي 'وڇون!' جيڪو ماڻهو پاڻ کي وڇون سڏائڻ ۾ فخر ٿو محسوس ڪري اُن مان چڱائيءَ جي ڪهڙي توقع ٿي رکي سگهجي؟

سو نصير جو خط پڙهڻ مان مون اندازو لڳائي ورتو، هن پبلشرن کي نشانو بڻائڻ چاهيو آهي. ٻيا دوست ته پاڻ جواب ڏين پر مان پنهنجي سلسلي ۾ گذارش ٿو ڪريان ته هن ڳالهه تي بحث ٿيڻ گهرجي ته اسان جا ليکڪ ته پبلشرن سان جُنيون ڪن يا پبلشر ٿا انهن کي تنگ ڪن. مونکي خبر ناهي ته نصير وٽ پبلشرن جا ڪهڙا تجربا آهن؟ سنڌن ڪتاب رديءَ حوالي ڪرڻ يا ٻيا ڪي ليکڪ جن کي معاوضو ملڻ گهرجي، هو محنت ٿو ڪري پر جتي نصير سومري جهڙا شاعر ليکڪ هوندا اهي پاڻ پئسا ڏئي جُڙتو ادارن کان ڪتاب ڇاپائيندا ته اُن جو ڪهڙو علاج ٿي سگهي ٿو؟

گهٽ ۾ گهٽ مان ته حساب ڪتاب ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هڪ هڪ الزام ۽ ڳالهه جو. مان پاڻ کي ٻڌل ٿو رکان. جيڪڏهن ڪو به دوست پروفن ۽ دليلن سان ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ چاهيندو ته مان پاڻ کي حاضر رکندس. آئون انهن پبلشرن مان ناهيان جو پئسا وٺي ڪتاب ڇاپيان. مون ڪيترن ئي ليکڪن کي معاوضو به ڏنو آهي جن جون مون وٽ رسيدون ۽ لکپڙهه موجود آهي.

هڪڙو نوجوان شاعر پنهنجي والد محترم سان گڏ مون وٽ پنهنجي ڪتاب جو مسودو ۽ پنجويهه هزار ڪٺي مون وٽ پهتو. هن کان پڇيم ته اوهان جو والد صاحب ڇا ٿو ڪري؟ چئي اسٽارٽر آهي. مون کي چيو ته بابا اوهان ڪتاب نه ڇپرايو. هڪ ته ڪتاب ڪونه هلندو، پئسا ڪونه ملندا، غريب پيءُ کي نقصان نه پهچايو ٻيو ته هڪدم ڪتاب ڇپرائيندا ته اوهان جي شاعريءَ تي تنقيد ٿيندي ۽ اوهان لکڻ تان ئي ارواهه ڪٽي ويندا. هُن منهنجي ڳالهه کي صحيح نه سمجهيو ۽ هڪ ٻئي پبلشر کي اُهي پئسا ڏئي ڪتاب ڇاپرائي وڌائين. هاڻي اهو ادبي دنيا مان گم آهي.

(2)

سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ تازو قائم ٿيل نئين پبلشنگ اداري My Publication طرفان پهريون ڪامريڊ سوڀي جو ڪتاب 2013ع ۾ سکر مان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ جيڪو ادارو جُڙيو آهي، ان اداري وارن جي ذهن ۾ اداري جو نالو به ڪو پنهنجو ٻوليءَ ۾ ناهي. يا ته سنڌي ٻولي ايتري يتيم ۽ ويچاري آهي يا انهن جو ذهن ايڏو ڪو ڪلائپ جو شڪار آهي.

ڪتاب ۾ آيل سمورا مضمون هن کان اڳ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ تاج بلوچ جي ادارت هيٺ ماهوار 'سوجهري' ۾ ڇپيل آهن. ڪتاب کولينڊؤ ته ان ۾ لکيل آهي، 'سهيڙيندڙ: محمد علي پنهور' ۽ شايد سڄي دنيا جو اهو پهريون ڪتاب آهي جو ڪتاب جنهن سهيڙيو آهي انتساب به ان جي نالي آهي. يعني جنهن سهيڙيو آهي اُن انتساب به پنهنجي ئي نالي ڪري ڇڏيو آهي.

سهيڙيندڙ (جڏهن ته ڪتاب جي اندرئين ٽائيٽل تي سهيڙيندڙ لکيل آهي ۽ هتي سهڙيندڙ) پاران ۾ لکيل آهي. ڪامريڊ کيس چيو، 'مان چاهيان ٿو تو کي خرچي ڏيان.' ائين سال سوا اڳ ۾ سوڀي گيانچندانيءَ جو ٻيو فرزند نرمل داس گيانچندانيءَ چيو هو، '... بابا کي ملڪ جو وڏي ۾ وڏو انعام ڪمال فن ايوارڊ مليو، مان چاهيان ٿو اوهان جي خدمت ڪجي.' (مدد) ان مان پڙهندڙ محسوس ڪندا ته محمد علي پنهور ڪامريڊ جي ٻڌايل ڳالهين کي لکندو ويو، اُن عيوض ان کي ڪامريڊ پاڻ ۽ سندس پٽ پئسن ڏو ڪڙن جي آڇ ڪئي پر هُن يار وڏي فراخدلي ئي سان ان کي ٺڪرائي ڇڏيو.

سوال هيءُ ٿو اٿي ته سڄي دنيا ۾ ڪيترائي اديب آهن جن پنهنجا مضمون/ ڪالم/ ڪتاب پنهنجي سيڪريٽريءَ کان يا ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کان تحرير ڪرايا آهن. ته ڇا ان جي قيمت ڪتاب جو انتساب ان لکندڙ جي نالي هوندو آهي ڇا؟ سڄي دنيا ڇڏيو، سنڌ ڇڏيو آڪاڻي جو ئي مثال وٺو. عبدالرزاق سومري جي طويل آتم ڪٿا وارو ڪتاب 'يادن جي ڳڙکيءَ مان' (جنهن ۾ هن ڪتاب جا چار آهن) عبدالرزاق آڊيو ڪيٽن تي رڪارڊ ڪيو. خالد چانڊئي ان کي اُهي ٻڌي ڪتاب تيار ڪيو، ڏکيو ڪم ڪهڙو؟ ڪامريڊ سوڀو، محمد علي پنهور جي روبرو ويٺو لکرائي. جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي اها وري وري پيو پڇي. خالد چانڊيو، ڪيسيٽون ٻُڌي ٻيو لکي پوءِ ان ڪتاب جو انتساب خالد چانڊئي پنهنجي نالي ڇو نه ڪيو؟

سوڀي گيانچندانيءَ جي تحريرن کي گڏي ڇپرائڻ وارو ڪم مون شروع ڪيو. پهرين ان جي ڪالمن جا ٻه ڪتاب 'تاريخ جا وسريل ورق' ۽ 'تاريخ ڳالهائي ٿي' ڇاپايا ۽ پوءِ وري ان جي ڇئن پنجن ڪتابن کي گڏي 'سوڀي گيانچداڻيءَ جون تحريرون' (ڀاڱو پهريون) پنهنجي اداري سنڌي ساهت گهر طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ۽ ان جون باقي تحريرن، جن ۾ هي آتم ڪٿا وارا مضمون به هئا، ٻئي ڀاڱي ۾ اچڻا هئا. پهرين جلد جون ڪاپيون ڪٺي مان لاڙڪاڻي پنهنجي دوست انجنيئر عبدالوهاب سهتي سان گڏ ڪامريڊ سوڀي وٽ ويس. کيس ڪتاب ڏنم ته هو ڏاڍو خوش ٿيو. هُن کان ٻئي مواد بابت پڇيم ته چئي اهو اڃا محمد عليءَ اوهان کي نه پهچايو آ ڇا؟' مون کيس چيو، 'هن سان ٿي چار ڀيرا رابطو ڪيم. هر دفعي چوي ٿو ته سڀاڻي ٿو روانو ڪريان پر موڪلي ڪونه ٿو.'

ڪامريڊ سوڀي چيو، 'هاڻي مون وٽ به ڪونه ٿو اچي. اصل ۾ هن جون مون وٽ اچڻ به ڪنهن مقصد تحت هو. جيڪي کيس لکرائيندو هوس. لکندو ويندو هو پر هن جون اکيون منهنجي ڪتابي ڪٻٽن ۾ هيون. جيڪي پراڻا بهترين ڪاٽ جا ٺهيل هئا. مون جو ڪتاب ڪپايا ته هن جون اکيون منهنجن انهن ڪٻٽن ۾ هيون ۽ جيستائين اهي کيس نه ڏنم، پيو ايندو هو. ڏنم ته وري 'منهن نه ڪيائين.'

اها ڳالهه مون ساڳي ڏينهن محمد علي پنهور کي چئي ۽ مواد جي گهر ڪئي ته هن چيو، 'ڪامريڊ آهي بادشاهه ماڻهو. مواد ته مون وٽ تيار پيو آهي پر يار سوڀي کي سوڀو مون ٻڌايو. ان جا مضمون ڪالم لکي اخبارن/ رسالن ۾ مون ڇپرايا. هاڻي اهو مواد تو کي هڪڙي شرط تي ڏيندو ته ان ڪتاب جو انتساب منهنجي نالي تي هوندو.' مون کيس چيو ته مونکي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو. سوڀو زنده ويٺو آهي، اهو چوندو ته حاضر. چوته ڪتاب ته ان جو آهي، تون ته ان جو ڪٺي مرتب وغيره ٿئين...'

محمد عليءَ جي ان شرط کي مان نه مڃي سگهيس ۽ ٻئي دنيا جو پهريون عجوبو ڪتاب نيٽ ظاهر ٿي پيو ته ڪتاب جو سهيڙيندڙ به محمد علي پنهور ۽ انتساب به اُن جي نالي.

هاڻي اچون ٿا ٻين ڳالهين تي ڪامريڊ سوڀي کي حڪومت پاڪستان 'ڪمال فن' ايوارڊ ان ڪري ڪونه ڏنو ته ڪو ان جو فن ڪمال جون حدون پار ڪري ويو هو. اهي سرڪار جون مصلحتون آهن. ڪڏهن پاڪستان سرڪار کيس سالن جا سال جيل ۾ ئي واڙي ۽ ڪڏهن ڪمال فن ايوارڊ سان ٿي نوازي. ۽ اهو جگر به اسان جي قلمڪارن اديبن ۽ شاعرن جو آهي جو جيڪي پادر هڻن، ايوارڊ به انهن کان وٺجن. پادرن تي به فخر ته اصولن تي ڪاڏائين. هر هر وڏائيءَ سان بيان ڪنداسين ته سرڪار اسان سان هيئن ڪيو، هوئن ڪيو. جُهڪائي نه سگهيا. لوڏي نه سگهيا. جتي بيٺا هئاسين، بيٺا ئي رهياسين پوءِ نيٺ سرڪار جُهڪي پئي ۽ ايوارڊن سان نوازيائين ۽ اهو ايوارڊ وارو ٻلو، سيني تي لڳائيندو آمرن، حڪمرانن کان خوشيءَ ۽ مُزي سان ايوارڊ وٺندي اوهان ڪيترين ئي تصويرون ڏٺيون هونديون.

پاڪستان سرڪار جي مصلحت اها هئي ته سوڀي کي هندستان ۾ ڪن ڳالهين لاءِ پنهنجو نمائندو ڪري پئي موڪليو. پر سوڀي کين احساس ڏياريو ته مان ته سدائين اوهان جي عتاب ۾ رهيو آهيان. هندستان وارا مون کان پڇندا ڪونه. ۽ موقعو به هو. ورنه ڪمال فن ايوارڊ ڏيڻ وارن ته اهي ڪتاب ڏٺا به ڪونه هئا. عين موقعي تي مونکان هڪ هڪ ڪاپي گهرائي، کيس 'ڪمال فن' واري ايوارڊ سان نوازيو ويو.

ڪامريڊ سان اسان کي لک محبتون آهن. ان جو احترام آهي. عزت آهي. پر اهو به پتو اٿئون ته هتي فن کان محروم ماڻهن کي 'ڪمال فن' ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي.

ڪامريڊ جي آتم ڪٿا ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون آهن. هن جي ڪيل جدوجهد ڪا گهٽ ناهي. ڪمال فن ايوارڊ نه وٺي ها تڏهن به اها هجي ها. اسان ان جي ڪمال فن ايوارڊ ملڻ ڪري عزت ڪونهي. سوڀو، اسان جي ماضيءَ واري ڪميونسٽ سياست جو اهم رڪن رهيو آهي. ڪميونسٽ سياست، سنڌ

جي آجپي ۽ خوشحالي واري جدوجهد ۾ ڪيتريون رڪاوٽون وڌيون. سڄي پنجاب، سڄي سرحد کي سنڌ تي قبضي ڪرڻ وقت جڏهن اسان جهڙا متي ڦريا قوم پرست نعرو هڻندا هئا ته سنڌ تي سنڌين جو حق آهي تَڏهن اسان جا ڪميونسٽ 'ديکهي مزدورو ايک هوجاؤ' جو نعرو هڻي، ڌرتيءَ تي والار ڪندڙن کي ڪيئن همٿائيندا هئا ۽ پنهنجيون سموريون صلاحيتون ڪيئن نه اسان کي ٽوڙڻ ۾ صرف ڪندا هئا. اهي ته وڏا داستان آهن، وڏي تاريخ آهي، ان کي ڪو بي جگر ماڻهو ئي لکي ٿو. سنڌ ۾ ته سمورا الڪندڙ وڏي جگر وارا آهن. هاڻي پاڻ کٽان آٽيون بي جگرو قلمڪار جيڪو اسان جي گهراجن کي پنهنجي قلم ۾ وجهي، اسان جي اها تاريخ تحرير ڪري.

ڪامريڊ سوڀو ص29 تي لکي ٿو: 'ٻنڌي جيڪو اڳ ۾ امن ۽ آشتيءَ جو مرڪز هو. اتي هينئر چند سالن کان ڌاڙيل اسانجي خوابن جي دنيا کي برباد ڪري چُڪا آهن ۽ اسانجي ڪٽنب جي اتان لڏپلاڻ ٿي چُڪي آهي... اهو بهشت جو ٽُڪرو هاڻي مون لاءِ نه رهيو آهي...' (ص29)

۽ هو اها ڳالهه تڏهن ٿو ڪري جڏهن نوي سالن (هاڻي چورانوي) کان ٿيپي چُڪو آهي ۽ چوي ٿو ته سنڌ اها ساڳي محبت ۽ پيار واري ماحول جي ناهي. پر شروع ۾ پهرئين مضمون ۾ پاڻ لکي ٿو:

"...بابو خاصو ڪڙڪ، خوبصورت ۽ اربيلو ماڻهو هو. هو چورن تي هٿ ٻر ڪندو هو. چوته چور اڄ تائين زميندارن ۽ وڏيرن جون زمينون سنڀاليندا آهن ۽ انهن جو ڪم پيرا ڪڻڻ ۽ زميندار جي هارين جي چرپُر تي نظر رکڻ ٻه هوندو آهي." (ص11-12)

اها ڳالهه اسي، پنجاسي سال اڳ جي آهي جيڪا سوڀو پڻ ٿو ڪري ته ان جو پيءُ چورن تي هٿ رکندو هو. معنيٰ پاتاري سنڀاليندو هو. چور ڪٿان چوري ڪري ايندو ته هيءُ انهن تي هٿ رکندو هو ته پوءِ اوهان کي خبر آهي ته اهڙين پاتارين تي، اهڙن هٿ رکندڙ ماڻهن سان اڳتي هلي اهي چور ڪهڙو رستو اختيار ڪندا آهن؟ خود انهن پاتارين جو انجام ڪهڙو ٿيندو آهي؟ اهي چور ئي هٿ رکندڙن جي جاسوسي ڪندي ڪندي اهي زمينون/ ملڪيتون ئي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندا آهن يا ته علائقي مان چوري ڪندڙ جي اچي ڪنهن جي پناهه ۾ رهن ته اهي ماڻهو ڪنهن کي ڪمزور ۽ هيٺو ڪندا؟ چورن کان اڳ ته چورن تي هٿ رکندڙ کي هو هيٺو ڪرڻ چاهيندا آهن ته جيئن اهو ڪمزور ٿئي ته چور جو ڪنڌ ڪَپي سگهجي. پوءِ اسي-پنجاسي سال اڳ ئي سوڀي جي ڳوٺ ٻنڌيءَ جو اهو ماحول هو ۽ اتي چور پيا پَلبا هئا ۽ انهن جي پالنا ۾ ٻيا نه پر خود سوڀي جو پيءُ شامل هو ته پوءِ هاڻي اهو چوڻ مناسب آهي ته ٻنڌي جو ماحول اهو محبت ۽ پيار وارو ناهي. اسان جو ڪٽنب ٻنڌي ڇڏيو ويو. اسان کان اهو بهشت جو ٽڪر ڦرجي ويو. ڇا بهشت جو تصور اهو ئي آهي جتي سوڀي جو پيءُ پاڻ چورن تي هٿ رکندو هو؟

سوڀي جي آتم ڪٿا ۾ هڪ نئين ڳالهه جيڪا مون پڙهي اها هئي:

"اسڪول ۾ ٻه مگڻهار ڇوڪريون به پڙهنديون هيون ۽ هندن جون ڇوڪريون اسڪول ۾ ڪونه پڙهنديون هيون. جيتوڻيڪ بگي جي ڳوٺ ۾ ڪافي هندو پڻ رهندا هئا." (ص15)

گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ اها ڳالهه نئين آهي جو هيستائين مون جيڪي به ڪتاب پڙهيا آهن. انهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته ان زماني ۾ مسلمانن جو علم سان ڪو تعلق ڪونه هو. ان ڪري ڪين ڇٽ سڏيو ويندو هو. هندن کي تعليم سان سلهاڙيل ڏيکاريل آهي. پر نوي سال اڳ جي عڪاسي ڪندي سوڀي حيران ڪُن ڳالهه ٻڌائي آهي ته هندن جون ڇوڪريون اسڪول ۾ ڪونه پڙهنديون هيون پر مسلمانن (مگڻهارن) جون ٻه ڇوڪريون اسڪول ۾ پڙهنديون هيون.

ڪامريڊ سوڀي لکيو آهي، 'استاد هيمنداس ڏاڍو سخت مزاج هوندو هو ان ڪري مون هن تي هڪ ڪافي لکي هئي جنهن جي پهرين سٽ هيئن هئي:

"هليو وڃ، هَليو وڃُ ڇڏي شهر قنبر تون هيمون هليو وڃ."

منهنجي ڪافين جو اهو نوٽ بُڪ هڪ ڏينهن اتفاق سان منهنجي وڏي ڀاءُ ڪيولرام جنهن سان وڙهندو رهندو هوس ته وڃي استاد هيمنداس کي ڏانهن ڏئي پڪڙايو. جيڪو استاد هيمنداس ڪٽي ويو ۽ ان جي هيڊ ماستر سان شڪايت ڪيائين ته سوڀو پنهنجي ڀاءُ سان ته وڙهي ٿو ۽ گاريون به ڏئي ٿو پر اسان استادن لاءِ ههڙيون ڪافيون به لکي ٿو." (ص17)

هاڻي جو قلمي ماحول يا هن کان ٿورو اڳ جيڪو ان جو ستياناس ٿيو، اهو سوڀي جو تسلسل ته ڪونهي؟

وڏي ڀاءُ سان روز جو جهيڙو، گار گند ۽ سني پڙهائڻ واري استاد کي ڌمڪيون ته هليو وڃ، هليو وڃ، قنبر جو شهر ئي ڇڏي هلي وڃ ۽ اهو هڪ شاگرد پنهنجي استاد کي ٿو چوي اهو شاگرد ڀلي ڪيڏو به پاڙهو ۽ هوشيار هجي پر باادب ناهي ۽ استاد کي ننڍيءَ ۾ ئي ڌمڪائي ٿو ۽ اهو رڳو ان ڪري ته هو هڪڙي زميندار جو پٽ هو؟ جڏهن ته هو لکي ٿو:

"...واٽر ڪورس ٽپندي (منهنجو وڏو ڀاءُ) ڪڳيون هڻندو هو ته مان سيٽ جو پٽ آهيان پر (مان) هن جي ابتڙ هوندو هوس." (ص15)

جڏهن پاڻ ئي لکي ٿو ته سندس وڏو ڀاءُ زميندار جي پٽ هئڻ جون ڪڳيون هڻندو هو، هي ان جي ابتڙ هو. ابتڙ لڳئن ته رڳو ڪڳيون ڪونه هڻندو هو وڏي ڀاءُ وانگر، هي ننڍي ڀاءُ هوندي به روز ان سان وڙهندو هو، ڪيس گاريون ڏيندو هو ۽ استاد کي ڌمڪيون ڏيندو هو ته رڳو اسڪول نه پر شهر ئي ڇڏي وڃ، ڇڏي وڃ. ۽ اُن جي هٿ سندس عمر رڳو ٻارنهن ورهه آهي. (ص17)

سوڀي کي ٽئگور جي شانتي نڪيتڻ ۾ پڙهڻ جو اعزاز حاصل آهي. هو اُتي پڙهيو، ٽئگور کي ڏٺائين. ٽئگور ان کي 'مهين جو ماڻهو' ڪوٺيو ۽ ان خطاب تي نه رڳو سوڀو پر ان جا سمورا دوست ۽ محبت ڪندڙ سدائين فخر محسوس ڪندا آهن. پر سوال هيءُ ٿو پيدا ٿئي ته اهو ڪهڙو خطاب آهي؟ مونکي جيڪڏهن ڪو سَنَ جو ماڻهو ڪوٺي، غلام مصطفيٰ دادوي ڪوٺي، وفا ناٿن شاهي سڏي ته اهو ڪو اعزاز ته ڪونهي؟ سوڀو موهن جي دڙي جو آهي ان کي 'مهين جو ماڻهو' سڏڻ ڪو اعزاز آهي ڇا؟

ٽئگور پنهنجي شانتي نڪيتن ۾ شاگردن جي سياسي سرگرمين تي پابندي لڳائي ڇڏي هئي. ان جو مقصد اهو هو ته اتي شاگرد پڙهائي ڪن، ڊگريون حاصل ڪري وڃن پوءِ ڀلي سياست ڪن. سوڀو لکي ٿو:

"شانتي نڪيتن ۾ رهڻ دوران مان ٽئگور جي شخصيت جو ويجهي کان ڳوڙهو مطالعو ڪيو. هو ان وقت 80 ورهين جو هو ۽ وقت به وقت جيڪي موسمي فنڪشن ٿيندا هئا تن ۾ ڪيس موجود ڏسندو هوس. هڪ دفعي 21 فيبروري 1940ع ۾ سازن تي سندس ئي ڪنهن ڌن تي ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جو ناچ ٿي رهيو هو ته 'هن اکين مان ڳوڙها ڳاريندي پنهنجي پڳل ٽٽل آواز ۾ گيت ڳائڻ شروع ڪيو. سڀ ساز ۽ ناچ بند ٿي ويا ۽ گرواديو سُڏڪن ۾ گيت ڳايو ۽ پوءِ هڪ ٻيو گيت به ڳايو جنهن سيني ٻڌندڙن کي ٻاتاڙي ڇڏيو. بعد ۾ پنهنجي بنگالي استادن کان پڇيم، 'اهو ڪهڙو گيت هو، جنهن ٽئگور کي ايڏي 'جنون سان ڳائڻ لاءِ آياريو؟' استادن ٻڌايو ته ان گيت جو حاصل مطلب اهو هو، 'بهار جا وسڪارا آيا' آهن ۽ مان ايڏو نظر کان ويهي ويو آهيان جو صرف هير کي ئي محسوس ڪري سگهان ٿو ته بهار اچي ويو آهي پر آسمان تي هلندڙ ڦرندڙ ککرن کي ۽ انهن جي رنگن کي ڏسي نٿو سگهان.' (ص27)

جنهن ماڻهو جي جسماني حالت اها هجي اهو چاهيندو ته جنهن محبت ۽ پيار مان هن شانتي نڪيتن جهڙو ادارو جوڙيو ته اهو اهڙن هل هنگامن جي ور چڙهي وڃي ۽ پاڻ ئي لکي ٿو، 'ٽئگور جو چوڻ آهي ته هن اها بندش شاگردن کي سي آءِ ڊي وارن کان بچائڻ لاءِ ئي 1932ع کان لاڳو ڪئي هئي ڇو ته هونئن ٿو چاهي ته شاگردن جي پويان سي آءِ ڊي وارا نوس نوس ڪندا وتن ۽ انهن جي تعليم ۾ خلل نه پوي؟ بهرحال جيڪڏهن شاگرد بضد آهن ته اهي جلسو ڀلي ڪن، پر ڪين ڇتاءُ ڏنو وڃي ته جيڪي تڪليفون ان جلسي جي نتيجي ۾ ڪين درپيش ايندي‌ون ته هن جا ذميوار هو خود پاڻ هوندا." (ص35)

سوڀي ڪان ان سياسي جلسي لاءِ اجازت وٺڻ جي سلسلي ۾ جڏهن رابطو ڪيو ويو ته هن چيو، 'مان انيل چندا وٽ ويس ته اسان کي گرواديو کان اجازت وٺي ڏئي ته اسان اهو جلسو ڪيون ۽ مون ان کي اهو به چيو، 'جيڪڏهن گرواديو اجازت نه ڏيندو ته به اسان جلسو ڪنداسون.' -" (ص35)

۽ ڪامريڊ سوڀي ۽ ٻين شاگردن گرواديو جي اجازت سان اتي سياسي جلسو ڪرايو، جتي پاڻ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪيائين، جنهن لاءِ ڪيس هر طرف کان داد ملڻ لڳو ۽ ان جي مشهوري ٿيڻ لڳي. سي آءِ ڊي وارن هن جي ڳوٺ ۽ پرپاسي کان معلومات ورتي ته ڪين پيو ته هن کان اڳ سوڀي جي ٻي ڪا به سياسي سرگرمي نه پتو آهي." (ص37)

۽ جلسي کان پوءِ واري ماحول بابت ٻڌائيندي سوڀو لکي ٿو: "سڪ شاگرد ٻڌايو ته نندلال بوس هو جيڪو وڏو پينٽر ۽ ڪلارون جو ڊائريڪٽر آهي ۽ چئي ٿو، 'گرواديو اسان کي رلي ڏئي سمهاري ڇڏيو هو ۽ تو سنڌي پرديسيءَ اسان کي اچي ننڊ مان جاڳايو آهي.' -" (ص38)

ڪامريڊ سوڀو لکي ٿو، "1941ع جي اپريل مهيني ۾ اسان شانتي نڪيتن مان موٽڻ وارا هئاسون ته منهنجي ڀاءُ ڪيولرام جو ڪارڊ مليو. جنهن ۾ لکيل هو ته 24 تاريخ تنهنجي شادي آهي." (ص48)

جون 1939ع ۾ سوڀو شانتي نڪيتن ۾ پهتو آهي. (ص22) 1941ع جي اپريل مهيني ۾ هُن جي واپسي آهي. ان وچ ۾ آگسٽ سيپٽمبر 1939ع جي موڪلن ۾ جنهن کي بنگال ۾ پوڄا هاليڊيز چوندا آهن، ان ۾ هو ۽ سندس ڪلاسي ڪلڪتي ۽ اوڀر بنگال جي دوري تي نڪري ويا. (ص39) 1941ع جي شروعات ۾ اسان کي ٽرمينل ويڪيشن ملي جنهن ڪري اسان سنڌ مان آيل سڀ شاگرد پنهنجي ڳوٺن ڏانهن موٽياسون ۽ ڏيڍ مهينو گذارڻ کان پوءِ شانتي نڪيتن واپس آياسون. (ص45) ٽوٽل ٻاويهه مهينا سوڀو ٽئگور جي شانتي نڪتين ۾ رهيو، جنهن ۾ اٽڪل چار مهينا ويڪيشن جا ڪٽجن ته باقي وڃي ارڙهن مهينا يعني ڏيڍ سال رهيو.

فيبروري 1940ع واري هڪڙي پروگرام ۾ ٽئگُور بنگالي ۾ گيت ڳاتو ته ساز بند ٿي ويا. ان وقت سوڀي کي اُتي اٺ مهينا ٿي ويا هئا. بنگالي نه پيو سمجهي ۽ پاڻ ئي چوي ٿو ته بنگالي استادن کان ان گيت جي معنيٰ پڇيم.

باقي پوءِ وارو عرصو هُن اڪثر سياسي سرگرمين م گذاريو. هاڻي وري اچو ۽ هي پڙهو:

"1969ع ۾ اوچتو ئي اوچتو هڪ ڏينهن پندرنهن سورنهن قومي اسيمبليءَ جا بنگالي ميمبر منهنجي ڳوٺ اچي نڪتا. پڇيومانِ، 'ڪيئن آيا آهيو؟' چيائون، 'مهين جو دڙو ڏسڻ آيا آهيون.' جتي ياد آيو ته ٽئگور اوهان کي 'مهين جو ماڻهو' ڪوٺيو هو ان ڪري اسان ضروري سمجهيو ته تو کي به ڏسندا وڃون.' -" (ص157)

اها پئرا گراف اوهان پڙهي؟ قومي اسيمبليءَ جا اهي پندرنهن سورهن قومي اسيمبليءَ جا ميمبر ان ڳالهه کان واقف آهن ته سوڀو ٽئگور وٽ سندس اداري ۾ رهيو هو ۽ ٽئگور هن کي 'مهين جو ماڻهو' ڪوٺيو هو. پهرين ڳالهه ته اتي اهو سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهي ڪامريڊ جا ڪلاسي هئا؟ سڀ نه ته ڪو هڪ اڌ؟ جي نه ته اها ڳالهه بنگاليءَ جي تاريخ ۾ لکيل آهي يا ڪورس وارن ڪتابن ۾، ته ٽئگور سوڀي کي 'مهين جو ماڻهو' ڪوٺيو هو ۽ هي موهن جو دڙو گهمڻ وڃن ٿا ته ڪين اها ڳالهه ياد ٿي اچي. خير ان ڳالهه کي به ڇڏيو. وري هي پڙهو:

"هن ڪچهريءَ ۾ هو حيران ٿيا ته مونکي ايڏي بنگالي ڪيئن پئي آئي. جنهن تي مون ڪين آگاهه ڪيو ته مان ٽئگور جو شاگرد رهيو آهيان ۽ ٻه سال شانتي نڪيتن ۾ گذاريا اٿم. جنهن ڪري بنگالي چڱي اچيم ٿي." (ص157)

ساڳي صفحي تي هڪ هنڌ هو لکي ٿو، 'بنگالي اسيمبلي ميمبرن مونکي چيو ته اسان کي ياد آهي ته ٽئگور اوهان کي 'موهين جو ماڻهو' ڪوٺيو هو ان ڪري سوچيوسين ته اوهان

سان ملندا وجون، وري جڏهن هو انهن سان بنگاليءَ ۾ ٿو ڳالهائي ته سوپو چوي ٿو ته هو حيران ٿي ويا ته مونکي ايڏي بنگالي ڪيئن ٿي اچي؟ ته سوپو چوي ٿو، 'مون ڪين آگاهه ڪيو هو ته اهو ان ڪري جو مان ٽئگور جو شاگرد رهيو آهيان ۽ ٻه سال شانتي نڪيتن ۾ رهيو آهيان ان ڪري.' معنيٰ ته هو پهرين ان ڳالهه کان واقف ڪونه هئا. ۽ سندس بنگالي ٻولي ايتري اچڻ واري ڳالهه به حيران ڪن آهي. ڇو ته پاڻ اتي شروعاتي اٺ مهينا گذارڻ ڪانپوءِ ٻه 1940ع واري پروگرام ۾ ٽئگور جي بنگالي ٻوليءَ ۾ ڳاتل گيت جي معنيٰ پنهنجي بنگالي استادن کان معلوم ٿو ڪري. هونئن ٿيندو هيئن آهي ته ماڻهو جنهن به ملڪ ۾ پڙهڻ ٿو وڃي ته پهرين ان ملڪ جي زبان سکڻ ۽ سمجهڻ تي زور ڏيندو آهي ته جيئن هو اتي پڙهي ۽ سمجهي سگهي. اٺن مهينن تائين ته سندس ئي بقول، 'اهو حال هو جيڪو پاڻ ئي بيان ڪيو اٿس.' يعني ٻين ڳالهين ۽ اڻندڙ سوالن تي بحث ڪرڻ کان پاسو ڪري رڳو هن ڳالهه تي ٿا ويچاريون:

"ساڳي ڏينهن تي شام جو هو چانهه پي پنهنجي آندل ڪار ۾ روانا ٿي ويا." (ص157)

ڇا ٿا سمجهو! بنگال جي پندرنهن سورنهن قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن، آزادي مفت ۾ ته ڪانه ورتي هئائون. وڏا ماهر هئا تڏهن ته پندرنهن سورنهن هئا هڪ ئي ڪار ۾ پيا گهمندا وتندا هئا. موهن جو دڙو ۽ ٻيا تاريخي ماڳ مڪان ڏسندا ۽ سوپي جهڙين شخصيتن سان ملندا وتندا هئا.

هاڻي هتي هڪڙو ٻيو سوال به اٿي ٿو ته سوپو پلا ٽئگور جو شاگرد ڪيئن هو؟ هو وٽس ڇا پڙهيو؟ سوپو جڏهن اتي پهتو آهي ته ٽئگور اسي سالن جو آهي. جيڪو هير ڪي محسوس ڪري سگهي ٿو. ڪڪرن ۽ بادلن کي ڏسي نٿو سگهي. ۽ سوپو پاڻ لکي ٿو، 'هو ان کي فقط اتي ٿيندڙ موسمي پروگرامن ۾ ڏسندو هو. رڳو هڪ ملاقات جو ذڪر آهي.' ايتريقدر جو سوپو ٽئگور جي لائبريريءَ مان ڪتاب پڙهڻ گهري ٿو تڏهن به ان کي فقط ان شرط تي اجازت ٿي ملي ته جنهن ڪمري ۾ ٽئگور ٿو رهي يا وينو هجي اتي سوپو ڪيس ڊسٽرب نه ڪندو." (ص30)

ٽئگور ڪڏهن ڪو ليڪچر نه ڏنو آهي. ٽئگور ڪو ڪلاس نه ورتو آهي. پوءِ سوپو ان جو شاگرد ڪيئن ٿيو؟ ٽئگور جو ادارو پنهنجي جاءِ تي، پر ان جو مطلب اهو ته نه ٿيو ته اتي سمورا پڙهندڙ ڪو ان جا شاگرد ٿيا؟ هونئن ته مان به چئي سگهان ٿو ته مان پاڻ ٽئگور جو شاگرد آهيان. مثال طور چوان ته 'ادبي دنيا ۾ اچڻ ۾ ٽئگور ئي منهنجو استاد آهي. مون ان کي پڙهيو ۽ متاثر ٿي ادبي دنيا ۾ پير پاتو. هو منهنجو ادبي استاد آهي ۽ ائين رڳو ٽئگور لاءِ ته ڇا پر ڪنهن به ڏنل اڻ ڏنل ماڻهوءَ لاءِ چئي سگهجي ٿو. پر نه پڙهائڻ وارو نه اهڙي رهنمائي ڪرڻ وارو استاد ڪيئن ٿو چئي سگهجي؟' ممڪن آهي ته مان غلط هجان ۽ ڪنهن ٻئي وٽ ان بابت دليل هجن ته سوپو ٽئگور جو شاگرد آهي.

ٻي اهم ڳالهه ته سوپو ترقي پسند ذهن وارو ۽ سياسي جدوجهد ڪرڻ وارو ماڻهو آهي. جيل ۽ نظربنديون ڀوڳڻ وارو شخص آهي. وڏي ۾ وڏو مطالعو ڪرڻ جو دعويدار آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو، '1940ع کان وٺي 1965ع تائين جيڪي به ڪتاب شايع ٿيا، اهي مون پڙهيا.' (ص128)

اهو سوپو گيانچنداڻي لکي ٿو، 'مان هڪ مظلوم ۽ ننڍي قوم جي فرد جي حيثيت ۾ انهن جي محبت ۽ عزت کان گهڻو متاثر ٿيس." (ص55)

پنجابي وڏي قوم آهي. سنڌي ننڍي قوم آهي. بنگالي وڏي قوم هئي. پنجابي ان وقت ننڍي قوم هئي. پوءِ ته اهي لفظ چئي خود ڪميونسٽ هلچل ۽ ڪڏهن ڪڏهن جو ڪميونسٽن اسان جي دل رکڻ لاءِ بيان ڪيندا هئا، 'قومن جي برابريءَ جي بنياد تي' يا سڀ قومون برابر ۽ هڪجهڙيون آهن واري ڳالهه تان به هٽ ڪٽي ويو. چئي، اسان مظلوم ۽ ننڍي قوم آهيون ته پوءِ وڏي قوم جي پيٽ ۾ اسان جا حق به ته ننڍا ۽ ٿورا هئڻ گهرجن. هر ويرو ننڍي قوم جو وڏي قوم سان جهيڙو ڇا جو؟ اها وڏي قوم آهي، اسين ننڍي قوم آهيون. جهڳڙو ختم. پوءِ هلي سرفروشي ڇا جي لاءِ؟ جدوجهد جو آخر مقصد ڪهڙو آهي؟ جڏهن سوپي جهڙي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو اڳيان به قومون ننڍيون وڏيون ٿينديون آهن ته پوءِ اهي ماڻهو ان سوال ڪرڻ وقت حق بجانب هوندا آهن ته وڏي اي.بي.سي، ننڍي اي.بي.سي کان ڪيتري وڏو آهي؟

هي ڳالهه به پڙهو، "سکر جيل ۾ پهچڻ وقت مونکي معلوم ٿيو ته هيمون ڪالاڻيءَ کي ان ئي جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي هئي ۽ پير صبغت الله راشدي کي پڻ مارشلا جي قانون هيٺ موت جي سزا سکر جيل ۾ ٻڌائي حيدر آباد سينٽرل جيل روانو ڪيو ويو هو." (ص59)

چڱو ٿيو جو سوپو سکر جيل ويو جو ڪيس اتي پتو پيو هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاسي انهي جيل ۾ ئي ڏني وئي هئي. ورنه اهو راز هو ۽ جيڪي ماڻهو جيل ۾ نه ويا، انهن کي پتو ئي نه پئجي سگهيو ته هيمون کي ڦاسي ڪٿي آئي. هيڏي ساري سياسي جدوجهد ڪندڙ، جيل ڀوڳيندڙ، شانتي نڪيتن ۾ پڙهندڙ کي هونئن پتو ئي ڪونه هو ته هيمون کي ڦاسي ڪٿي آئي!

۽ ٻي ڳالهه به غلط ته پير صاحب پاڳاري کي ڦاسي جي سزا به سکر جيل ۾ ٻڌائي پوءِ حيدر آباد جيل منتقل ڪيو ويو هو. هاڻي روئجي ماتم ڪجي يا ماٺ ڪري ويهي رهجي؟

پير پاڳاري تي جيڪو سکر جيل ۾ ڪيس هليو اهو هٿيارن جو ڪيس هو ۽ 'پيتي ڪيس' جي نالي سان مشهور ٿيو. اهو ڪيس سيشن جج هلايو. ان ۾ وڪالت ايم. اي. جناح ڪئي ۽ ڪيس اٺ سال سزا آئي. باقي جنهن ڪيس ۾ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا آئي اهو هليو ئي حيدر آباد جي ملٽري ٽربيونل ڪئنٽ ۾ پاڳارو ان ڪيس ۾ شروع کان ئي حيدر آبا جيل ۾ هو ۽ 20 مار 1943ع تي ڪيس ڦاسيءَ جي سزا به اتي ملي. ان ڪيس ۾ سندس وڪيل ڏيئامل هو.

هاڻي ڪٿي سوپو ڪٿي نازسنائي؟ محقق ۽ مؤرخ سوپي جي حوالي کي ڪم آڻيندا يا نازسنائيءَ جي ڳالهه ٻڌندا جن جي عمرين ۾ اڌ صديءَ جو فرق آهي. سوپو عيني شاهد آهي. جيلن ۾ رهيو آهي ۽ ان زماني جو ماڻهو آهي. مشاهدو به پنهنجو اٿس. ناز ته ويچاري رڳو ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتاب پڙهيا آهن.

اڃا به پڙهو، وري ٻي هنڌ هيئن ٿو لکي:

"... سنڌ مان پنجاب آڻڻ هڪ غير قانوني عمل هو. مون کي جيئن ته جنهن قانون تحت پنجاب ۾ قيد ڪيو ويو هو سو Sindh State Prisoners Regulation هو، جنهن تحت ئي پير صاحب پاڳاري کي نظربند ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو. اهو اصل ۾ بمبئي گورنمينٽ جو 1827ع جو ريگيوليشن هو." (ص113)

سوپو لکي ٿو:

"هڪ ڀيري اوچتو صبح جي پهر ۾ شير مري پنهنجي سردار خير بخش مريءَ سان اچي نڪتو. هن ٻڌايو، "هو بلوچستان ۾ ايوب خان جي ظلم خلاف تحريڪ هلائڻ جو سوچي رهيا آهن. جنهن لاءِ مون کان راءِ ورتي وئي ته مون چيو، 'مان بلوچستان جي حالتن کان پورو واقف نه آهيان. ان ڪري مان اوهان جي ڪا خاص رهنمائي نه ڪري سگهندس.'-" (ص117)

هڪڙو پاسو اهو آهي جنهن ۾ سوپو شير محمد مري ۽ خير بخش مري کي ٻڌائي ٿو، 'مان بلوچستان جي حالتن کان پوري طرح واقف ناهيان.' وري هي پڙهو،

"... ننڍي ٻئرڪ ۾ رهندڙ پنهنجا مري بلوچ رهنما به هئا. جيڪي ڪنهن گوريلا تحريڪ ۾ رهندي نواب نوروز خان واري بغاوت ۾ به شامل هئا. ڪين وڏيون سزائون مليل هيون. ظاهر آهي ته بلوچ تحريڪن سان منهنجو ازل جو ناتو هئڻ ڪري هن سان اتي ويتي پڻ نيوي جاسوسن کي ناگوار پئي لڳي..." (ص26)

هڪڙي طرف اهو چوڻ ته هو بلوچستان جي حالتن کان واقف ناهي. ٻي طرف اها دعويداري ته بلوچ تحريڪن سان هن جو ازلي ناتو هو.

ماتم ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن، انهن مان هڪڙي هيءَ به آهي:

"وي سي ٿيڻ اياز لاءِ وڏي اعزاز سان گڏ وڏي آزمائش به هئي. ڇو ته هو سنڌ جو قومي شاعر بڻجي چڪو هو. ۽ قوم پرست نوجوانن هن مان توقع پئي رکي ته هو يونيورسٽيءَ ۾ جي. ايم. سيد جو ترجمان ٿي رهي. اياز ائين نه ڪيو ته شاگردن هن سان بدتميزي به ڪئي ته هٿيار بند ٿي هن جي بنگلي تي فائرنگ به ڪيائون. انهن سائين جي. ايم. سيد جا به ڪَن ڀريا ته اياز غدار ٿي ويو آهي. ۽ پنهنجي ڏاڍاين ۽ بدمعاشين کي لڪائڻ لاءِ انهن هڪ مهاجر وزير کي به اغوا ڪيو. پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪانوڪيشن ۾ گهرايل رانا لياقت علي خان جي بيعزتي به ڪيائون ته حفيظ پيرزادي کي به ٽپا ٽوپي ڪيائون. ان ڪري ٻٽي سختي سان اياز کي زيربار ڪيو ته سنڌين کي موچڙا هڻ. جنهن جي نتيجي ۾ اياز کي سخت رويو اختيار ڪرڻو پيو..." (ص150)

حيران ڪن ڳالهيون ڪيل آهن. اهي سڀ واقعا اياز جي وائيس چانسلري واري دور ۾ نه ٿيا هئا. آئون هڪڙي تاريخي ڳالهه رڪارڊ تي آڻڻ گهران ٿو جيڪا هيستائين رڪارڊ نه ٿي سگهي آهي. ان ڪانپوءِ ئي مٿين ڳالهين جي ترديد ٿي ويندي.

يوسف جکراڻي سنڌ يونيورسٽي شاگر يونين جو صدر چونڊيو. هن ۽ سندس ٻين ساٿين فيصلو ڪيو ته قسم نامي وارين تقريب ۾ سائين جي. ايم. سيد شريڪ ٿئي ۽ پاڻ قسم کڻائي. اهو پنهنجي ٻين عهديدارن سان گڏ سندن سائين جي. ايم. سيد وٽ پهتو ۽ پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو. سائين جي. ايم. سيد ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جا مخالف سدائين اها الزام تراشي ڪندا رهيا آهن ته سائين جي. ايم. سيد ۽ سندس پيروڪارن سنڌ جي تعليمي ادارن جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. پر مان هي ڳالهه جيڪا اوهان اڳيان بيان ڪري رهيو آهيان. ان سان سيني تي سچي ۽ صحيح صورتحال واضح ٿي ويندي.

سائين جي. ايم. سيد، يوسف جکراڻي ۽ باديءَ جي ٻين عهديدارن کي سمجهائيندي چيو ته تعليمي ادارا اسان جا مقدس ادارا آهن. مان چاهيان ٿو ته اتي مون سميت ڪنهن به سياستدان کي نه اچڻ گهرجي. ان سان تعليمي ادارن جو ماحول خراب ٿيندو ۽ سنڌ لاءِ حالتون صحيح ناهن. مان نٿو چاهيان ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ اهڙيون ڪي حالتون پيدا ٿين جنهن سان سنڌين جي تعليم کي نقصان پهچي. جکراڻي ۽ ٻين ساٿين کي منٿ آزاري ڪرڻ ۾ پورا. ڪيتري وقت ڪانپوءِ سائين سندن ڳالهه ان شرط تي مڃي ته وائيس چانسلر غلام مصطفيٰ شاهه اجازت ڏي ته مان پوءِ ايندس. جکراڻيءَ وارا واپس ويا ۽ وڃي وائيس چنسلر سان مليا. سيد غلام مصطفيٰ شاهه چيو ته مون کي ته پاڻ خوشي ٿيندي ته سائين جي. ايم. سيد سنڌ



سائين جي. ايم. سيد، خالد جوڻيجو، مدد علي سنڌي، محبوب شاهه (هيٺ پٽ تي نازسنائي) 3 آگسٽ 1972

يونيورسٽي ايندو. منهنجي پاران اجازت آهي. هنن سائين سان اها ڳالهه اچي ڪئي. سائين چيو ته پلي پر مونکي وائيس چانسلر طرفان اهڙي اجازت تحريري طور تي کپي. ناز کي وٺي ويجو ۽ اهڙو اجازت نامون وائيس چانسلر طرفان تحريري طور مليو ته مون اچي سائين کي اهو ڏنو. سيد غلام مصطفيٰ شاهه اجازت نامو ڏيڻ وقت اهو چيو، 'سائين کي چئجو ته يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ وقت پهرين مون وٽ اچبو. منهن هٿ ڌوئيو. فريش ٿيو. چانهه پيئبي ۽ پوءِ 'سنڌي شام' نالي سان ان پروگرام ۾ وجبو."

سائينءَ 31 مارچ 1973ع جو ڏينهن مقرر ڪيو. ان وچ ۾ هن پنهنجي تقرير تيار ڪئي ۽ ان تقرير ۾ هن پهريون دفعو 'سنڌو ديش' جي آزادي جي ڳالهه ڪئي. اها تقرير ڪٿي مان ڪراچيءَ ڇپائڻ لاءِ ويس. پروگرام مطابق ان تقرير جون هزارين ڪاپيون اتي سائين جي تقرير ڪرڻ وقت هال ۾ ورهائڻيون به هيون. ڇاپيندڙ چيو، 'ان جون ڪاپيون پروگرام وقت پهچي وينديون.'

جڏهن اخبارن ۾ اهو پروگرام پڌرو ٿيو، 'پٽو صاحب، سيد غلام مصطفيٰ شاهه تي سخت ڪاوڙيو ته تون جي. ايم. سيد کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڇو ٿو اچڻ ڏين. اهو نه اچڻ گهرجي. غلام مصطفيٰ شاهه پوءِ سائين کي چوائي موڪليو، 'الله جي نالي اوهان پروگرام ڪينسل ڪريو، پٽو مونکي مارائي ڇڏيندو.' سائين چيو، 'مون تو کان اجازت وٺي پوءِ پروگرام ٺاهيو آهي. هاڻي زمين اٿلي پوي مان پروگرم ڪينسل نه ڪندس. پٽي کي مونکي روڪڻو آهي ته روڪي ڏيکاري.'

پروگرام واري ڏينهن سائين جي. ايم. سيد سان گڏ ڪار ۾ مان سن کان سنڌ يونيورسٽي اچي رهيو هوس. اسين ٻئي پوئين سيٽ تي ويٺا هئاسون. اڳيان رڳو ڊرائيور هو. سائين پنهنجي لکيل تقرير پڙهندو به آيو. مونکي چيائين، 'ناز، اڄ تنهنجي لاءِ هڪڙو وڏو اعزاز به آهي اهو هيءَ ته اڄ مان پنهنجي تقرير ۾ 'آزاد سنڌو ديش' جو خاڪو ٿو پيش ڪريان ۽ ان جو پهريون سپاهي تون آهين.'

ڦاٽڪ وٽ ڪيترائي نوجوان آجيان لاءِ موجود هئا. جڪراٽي گاڏيءَ مان لهي ڊرائيور کي چيو، 'اسان جي گاڏي پويان اچو.' سائين چيو، 'نه. پروگرام اسان جو ساڳيو آهي. پهرين غلام مصطفيٰ شاهه وٽ وجبو. چانهه اُن وٽ پيئبي ۽ پروگرام ۾ پوءِ اچبو.' سائين ۽ آئون وي سي هائس پهتاسون.

سيد غلام مصطفيٰ شاهه سائين جي پيرن ۾ ويهي رهيو ته منهنجي عزت ۽ وائيس چانسلري بچايو. پروگرام ۾ نه وڃو. سائين چيو، 'چانهه پيار، پوءِ ڪيڪ/چانهه اچي ويا. ان کانپوءِ سائين ۽ اسين اچي پروگرام ۾ پهتاسون. وڏو جلسو هو. سائين جا هزارين پيروڪار، سائين کي پنهنجي وچ ۾ ڏسي سرهائي محسوس ڪري رهيا هئا. ان پروگرام جي ڪاميابيءَ جي جڏهن مرحوم پٽي کي خبر پئي ته غلام مصطفيٰ شاهه کي ڪچيون گاريون ڏنائين ۽ چيائين، 'ٽپڙ ويڙهه ۽ وائيس چانسلري به ڇڏي جيل وڃڻ لاءِ تيار ٿي. يا ان جلسي جو اثر زائل ڪرڻ لاءِ 1973ع جي آئين جي خوشيءَ ۾ حفيظ پيرزادي کي گهرائي اعزازي ڊگري ڏني. ته جيئن اهو جلسو پ. پ جو ئي ثابت ٿئي.

سيد غلام مصطفيٰ شاهه پٽي کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪانويڪيشن گهرائڻ لاءِ فيصلو ڪيو. حفيظ پيرزادي کي اعزازي ڊگري ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. شاگردن وٺي گوڙ ڪيو ته اسان اهو ڪانويڪيشن ڪرڻ نه ڏينداسين. وائيس چانسلر چوڪرن کي منٿن ڪرڻ ۾ پورو هو. نيٺ ڳالهيون ٿيون. شاگردن چيو، 'اوهان پلي اهو ڪريو پر اسان جو فقط هڪڙو شرط آهي ته سنڌ جي گورنر بيگم رعنا لياقت علي نه ايندي. ڇو ته سنڌي گورنر مير رسول بخش خان ٽالپر کي لاهي، ان کي گورنر ڪيو ويو آهي.' سيد غلام مصطفيٰ شاهه وعدو ڪيو، 'هو نه ايندي.' پر پروگرام ۾ هو پهتي ته شاگردن وٺي گوڙ ڪيو ته اوهان وعدي خلافي ڪئي آهي. ان جي بي عزتي ڪيائون. اسماعيل وساڻ جڏهن نعرو هنيو، '1973ع جو آئين نه کپي.' ته حفيظ پيرزادي ڪيس گار ڏيندي چيو، 'ماءُ جا.... تنهنجي لاءِ ڪونه ٺاهيو اٿئون.' ته اسماعيل وساڻ به ان کي ٽپڙ وهائڻ ۾ دير نه ڪئي. فائرنگ شروع ٿي وئي. مان سمجهان ٿو ته پير بخش بلوچ نالي ايس. پي هو يا ڪو ٻيو عملدار ان جي دل ٿي پئي ۽ ٻيا به ڪيئي مارجي ويا. ان کانپوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جون حالتون ابتر کان ابتر ٿي ويون. گرفتاريون ۽ موچڙا ماري شروع ٿي ويون. مون تي به وارنٽ هئا. سائين جي. ايم. سيد پنهنجي پٽ امير حيدر شاهه کي چيو، 'ناز کي سَن پرسان هُلين جي ڳوٺ ڇڏي اچ. ننڍڙو آهي جيل ۾ وڃڻ جي عمر ڪانه اٿس.'

خير اوهان تي اهو واضح ٿي ويو هوندو ته اهو واقعو جيڪو سوپيو چوي ٿو ته شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ دوران ٿيو ائين ڪونه آهي. پوءِ غلام مصطفيٰ شاهه جي وائيس چانسلري وئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ آيو. ڪيترائي شاگرد جيلن ۾ هئا. انهن جي آزاديءَ لاءِ مطالبا ٿيندا رهيا. جڏهن ٽين نه ٿيو ته شاگردن وزير بديع الحسن زيديءَ کي اغوا ڪيو. ان جي رهائيءَ عيوض ڪيترا شاگرد آزاد ٿيا. ان ڪري اهو به واضح ٿي ويو ته مهاجر وزير جي اغوا وارو واقعو به اياز جي وائيس چانسلريءَ دوران نه ٿيو هو.

پوءِ جو جيئي سنڌ وارا يونيورسٽيءَ توڙي سنڌ جي ٻين تعليمي ادارن تي حاوي ٿي ويا ته اياز پٽي کي اهو باور ڪرائڻ شروع ڪيو ته مون کي وائيس چانسلر ڪريو آئون اهو سڀ ڪجهه ختم ڪري سگهان ٿو ۽ پٽي دير نه ڪئي. سوپي اهو به غلط لکيو آهي ته اياز ڪيس ٻڌايو، 'پٽي مونکي ڌمڪي ڏئي چيو آهي ته وائيس چانسلر ٿيءُ نه ته توتي نرَ ڇاڙهيا ويندا.' (ص150)

هيءُ ڳالهه به سياسي حوالي سان پڙهڻ جهڙي آهي:

"...اي. ڪي. بروهيءَ کي سڄي پاڪستان جو قانون جو وزير بڻايو ويو. ان لاءِ ته هو اوڀر ۽ اولهه پاڪستان ۾ برابريءَ جي بنياد تي هڪ آئين تيار ڪري جنهن ۾ هڪ سؤ قومي اسيمبليءَ ميمبر اوڀر مان ۽ هڪ سؤ اولهه پاڪستان مان چونڊيا وڃن. سائين جي. ايم. سيد ان سڄي منصوبي جي خلاف هو. هن جو چوڻ هيو ته بگنالي اسان جي پشت پناهي ڪندڙ آهن ۽ پنهنجي سياسي وجود ۽ برتري خاطر انهن لاءِ مجبوري هئي ته هو اولهه پاڪستان جي ننڍين قومن تي پاڙين مان سائين جي. ايم. سيد جي سوچ سان شامل هوس پر گهڙيءَ ڪانپوءِ لنڊن مان ميان افتخار الدين جو ٽيليفون آيو ۽ مونکي ٻڌايائين ته توهان اڃا 1952ع واري سوچ ۾ ورتل آحيو. پنجابي اسٽيبلشمينٽ بنگال مان جند ڇڏائڻ لاءِ فيصلو ڪري چڪي آهي ته آخر ۾ اوڀر ۽ اولهه کي جُدا ڪرڻو پوندو..." (ص97)

۽ اها 55-1954 جي ڳالهه آهي ميان افتخار جهڙا سياستدان ان سڄي مامري کان ان وقت ئي واقف ٿي چڪا آهن. اسان وٽ سوپي جهڙا سياستدان شيخ مجيب الرحمان جي جنهن نقطن واري پروگرام، جدوجهد ۽ هلندڙ تحريڪ کان به اڻ وقت هئا ۽ کيس پتو ئي ڪونه هو ته سياست ڪيڏانهن پئي وڃي؟ تڏهن سوپيو هيءَ ڳالهه ٿو لکي:

"1969ع ۾ اوچتو ئي اوچتو هڪ ڏينهن پندرنهن سورنهن قومي اسيمبليءَ جا بنگالي ميمبر منهنجي ڳوٺ اچي نڪتا ... ٻڌايائون، 'مجيب الرحمان پاڪستان کي ختم ڪري بنگلاديش ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. پڇيو مانس، 'مولانا پاڪستاني کهڙي پاسي آهي؟'-" (ص157)

55-1954ع کان 1969ع تائين بنگالي ڪٿي کان ڪٿي وڃي پهتا. اسان جي سياستدان کي پتو ئي ناهي. کيس اها ڳالهه به پهرين 55-54 ۾ ميان افتخار ٿو ٻڌائي ۽ پوءِ 1969ع ۾ پندرنهن سورنهن قومي اسيمبليءَ جا بنگالي ميمبر... 1969ع ۾ ڪهڙي قومي اسيمبلي هئي؟ ڇهن نقطن وارو مجيب جو پروگرام ته اليڪشني سياست جو منشور هو. ان ڳالهه جي تصديق خود سوپي جي هن ڳالهه مان پوي ٿي ۽ مرحوم ذوالفقار علي پٽي جي حوالي سان به ڪي ڳالهيون ٿيون وڃن.

"جڏهن 1969ع جي اليڪشن لاءِ تياري هلي رهي هئي ته هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو پٽو ٻن ڇئن همراهن سان تاج محمد ابڙي وٽ آيو ۽ مان اتڻ وارو هئس ته سيد خادم حسين شاهه مون کي پاسيرو ڪري چيو، 'پٽو صاحب، توهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي. ڪاڏي پڳو ٿو وڃين؟' مون ڪانئس پڇيو، 'پٽي، مون کي سڃاتو ڇا؟' چيائين، 'پٽو صاحب، جنهن کي به هڪڙو دفعو ڏسندو آهي اهو هن کان وسرندو ناهي.' پوءِ مون کي ياد آهي ته پٽو مون سان هڪ دفعو نئين سنڌ اخبار جي آفيس جيڪا ميڪلوڊ روڊ جي ابراهيم منزل ۾ هئي. اتي مون سان ملڻ آيو هو. ٻه ٽي منٽ مون سان ڳالهايو به هئائين. مان ٻيٺس ڪونه ۽ گهر هليو آيس.' ڇو ته مون پنهنجو سياسي واسطو ۽ لڳ لاڳاپو پٽي سان رکڻ نه پئي چاهيو. بعد ۾ اليڪشن مهم دوران پٽو منهنجي ڳوٺ ٻنديءَ ۾ به آيو. پر اتي هوندي به مون ساڻس ملڻ کان گوشو ڪيو." (ص134)

ٻي طرف پٽي سان پنهنجي وارنٽن جي منسوخيءَ جي سلسلي ۾ بزنجي ۽ ٻين جي سهڪار سان ڪيل ملاقات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"...توهان مون کي ذاتي طرح سُڃاڻو. مان اوهان لاءِ ڪو نئون ڪونه آهيان ۽ منهنجا دوست توهان جا دوست آهن، توهان اهڙو پروگرام ڏنو آهي جنهن لاءِ مون کي خوشي آهي." (ص161)

هڪ طرف پٽي سان فقط هڪ ملاقات نئين سنڌ پريس ۾، جتي سندس بقول ته هُن ان سان ملڻ آيو هو ۽ هُن سان ٻه ٽي منٽ ڳالهايو به هئائين.

ٻي ملاقات اها جنهن جو اوهان مٿي ذڪر پڙهي آيا آهيو ته 1969ع ۾ پٽو اليڪشن ورڪ ۾ ڪجهه ماڻهن سان چيو ته سوپيو اتي وينو هو ۽ پٽي کي ايندي ئي هو اٿڻ لڳو ته خادم حسين شاهه کيس چيو، 'پٽو اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي' پر هو ڪونه وينو جو چوي ٿو، 'هن پٽي سان سياسي لڳ لاڳاپا يا ڪي به تعلقات رکڻ نه ٿي گهريا.' ايتريقدر ته پٽو، سوپي جي ڳوٺ ٻنديءَ ورڪ جي سلسلي ۾ ويو، سوپيو اتي موجود به هو ته هاسيڪار هن سان ڪونه مليو. پوءِ اوهان اهو به پڙهيو ته سوپيو پٽي کي چوي ٿو، 'اوهان ذاتي طور مونکي سڃاڻو ٿا..؟' ان جو ڇا مطلب آهي؟ هنن جا ذاتي تعلق هئا ڇا؟ جو پٽو سوپي کي ذاتي طور سڃاڻي پيو. ۽ جڏهن سوپيو چوي ٿو ته هن سان سياسي لڳ لاڳاپا رکڻ نه پئي گهريا ته ان جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟ پٽو شخصي طور پاڻ ڇڱو ڪونه هو يا هن جو سياسي پروگرام صحيح نه هو. جيڪڏهن ائين هو ته پوءِ سوپيو، پٽي کي روبرو ائين ڇو پيو چوي، 'توهان جيڪو پروگرام ڏنو آهي، ان جي هُن کي خوشي آهي؟'

۽ پوءِ سال ڏيڍ ڪانپوءِ هڪ ٻي ملاقات جو ذڪر به ص146 تي ڪيل آهي. جنهن ۾ پٽو لاڙڪاڻي آيو ته هن عبدالغفار سومري کي چيو ته سوپيو ڪٿي آهي؟ ۽ پوءِ کيس شام جو وٺي اچڻ جو ٿو چوي. اتي به ڪا خاص ڪچهري نه ٿي آهي. پٽي هن کان لاڙڪاڻي جي آبهوا جو معلوم ڪيو. سوپيو سمجهي ويو ته هو ڇا ٿو پڇڻ گهري. سوچيائين اڳي به خراب هئي، هاڻي ڇڱي آهي. بس! پوءِ وري هي پڙهو:

"1976ع ۾ پٽي طرفان هدايت پهتي ته مان کيس ڪُليو ووٽ ڏيان. ان ڪري مان ڳوٺ ۾ ووٽ ڏئي وري ٻيو ووٽ اچي ميونسپل هاءِ اسڪول واري پولنگ بوٿ ۾ ڏنو. جتي منهنجا ئي لا اسٽوڊنٽ پرزائيڊنگ آفيسر هئا. انهن مون کي چيو، 'سِر جو خير گهرو ته بيلٽ پيپر تي ٺپو اسان جي روبرو هڻو ۽ مونَ ائين ئي ڪيو.'-" (ص151)

۽ ان ڳالهه ڪانپوءِ ته اسان جي سوپي جي اها دعويدار ختم ٿي وئي ته هُن پنهنجي زندگيءَ ۾ آمرن جو مقابلو ڪيو. ۽ اتي ڪيڏانهن وئي ڪميونسٽ هلچل، سڄي زندگيءَ جي جدوجهد، جڏهن سوپيو هڪڙو ووٽ پنهنجي ڳوٺ ۾ استعمال ڪري وري ٻيو ڪوڙو ووٽ ڏيڻ لاءِ پٽي جي نياپي ته مونکي ووٽ ڪليل ڪريو. ميونسپل هاءِ اسڪول وڃي پهتو. جتي سندس شاگرد جيڪي اُن وقت پرزائيڊنگ آفيسر آهن کيس چون ٿا ته پنهنجي سر جو خير گهرو ته ڪليل ووٽ ڏيو ۽ اسان جي سوپي ائين ئي ڪيو. پوءِ وڏيرا چونڊن ۾ جيڪڏهن عام ماڻهن کان ڏهه ڏهه

ووٽ تا ڏيارين ڪوڙا انپا تا هٽائين ته اسين واويلا ڇو تا ڪريون؟ جڏهن اسين خود ٻپ ڏاءِ ۾ اچي ٻه ووٽ تا استعمال ڪريون ته پوءِ عام، اڻپڙهيل گونگي ۽ گگدام عوام تي ڪهڙي ميار؟

سوبي تي جڏهن ٻتي جي شروعاتي دور ۾ وارنٽ نڪتا ته هو بلوچستان ويو. عطا الله مينگل ۽ بزنجي وارن سان وڃي مليو ۽ انهن وٽ رهيو ۽ بزنجي کي چئي انهن وارنٽن جي منسوخي ڪرايائين. بزنجي کي احوال ڏيندي چوي ٿو:

”بزنجي کي ٻڌايم ته ٻتي صاحب کي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ تي مبارڪباد ڪونه موڪلي هيم سو شايد ان سبب ڪاوڙيل آهي.“ (ص137)

پر ان کان اڳ ص136 تي پاڻ ئي لکي ٿو:

”منهنجي خلاف ان ڪارروائي جو اصل محرڪ ڊي. ايس. پي بچل هو جيڪو ڏوڪري ٿاڻي تي پوليس ۾ ڀرتي ٿيڻ کان ونئي ان وقت تائين مون بابت غلط رپورٽون ڪندو رهيو هو. هن جي مون سان ذاتي دشمني ڪونه هئي پر عقل گهٽ هئڻ سبب هو مون کي ٻتي جو مخالف سمجهڻ لڳو هو.“ (ص136)

علائقي جي ڪنهن ٻه پوليس واري جي دشمني يا مخالفت ٻي ڳالهه آهي. حڪومت ۽ ان جي پاليسي ٻي شئي آهي.

هاڻي اچو ته سندس هي خيال پڙهون:

1. ”اسان اهو ٻه ڪونه سوچيو هو ته انگريز پاڪستان جي صورت ۾، پنجابين جي لاءِ جاگير ٺاهي ڏيئي وڃي رهيا آهن.“ (ص70)
2. ”جيتوڻيڪ مان پاڪستان سڄي کي هڪ وڏو جيل خانو محسوس پئي ڪيو آهي ۽ ان جي اندر جيل صرف هڪ وارڊ جي شڪل ۾ نظر آيو آهي.“ (ص130)

هڪ طرف اها راءِ ٻي طرف هي ڳالهه:

”منهنجو ڏوهه صرف اهو هو ته مان پاڪستان ۾ رکڻ لاءِ بضد هيس. مون کي مهاجر ۽ پنجابي آفيسر پاڪستان خلاف هڪ دشمن ڪري ليکيندا هئا. اها خبر صرف سنڌي قوم پرستن کي ٻه هئي ته مون سائين جي. ايم. سيد جي تحريڪ کي پاڪستان جي فريم ورڪ ۾ رهندي سنڌ کي سورن کان نجات لاءِ هڪ وات سمجهي بحيثيت ڪميونسٽ سپورٽ ڪيو هو.“ (ص127)

سائين جي. ايم. سيد جا ٻيا خيال هئا. سوبي جا ٻيا ته پوءِ اوهان ٻڌايو ته سوبي جي بحيثيت ڪميونسٽ ۽ ٻين خيالن جي سائين جي. ايم. سيد جي ڪهڙي سپورٽ ٿي؟

سائين جي. ايم. سيد جي حوالي سان وري سندس هي ڳالهه پڙهو:

”...شوڪت علي شاهه سائين جي. ايم. سيد سان منهنجي تعلق جو احوال پڇيو. مون ڪيس ٻڌايو ته جي. ايم. سيد ڪميونسٽ نه آهي پر هو پنهنجي سياست کي وڌائڻ لاءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان سهڪار ڪري ٿو.“ (ص110)

هن خيال کي ٻه ڏسو:

1. ”ديوان ڪندن داس لاهوري، ريجومل لاهوريءَ جو والد هو. جنهن کي 1932ع واري ٻي مهاياري ڪالرا ۾ عوامي خدمت دوران شهادت نصيب ٿي.“ (ص19)
2. ”هتي اهو وسارڻ نه کپي ته مرحوم الهه بخش سومرو ۽ سندس پراڻا ڪانگريسي طرفداري ۽ مولوي عبدالڪريم چشتي جيڪو قوم پرست عالم هو...“ (ص90)

ديوان ڪندن داس لاءِ اسان کي لک عزتون آهن. ڪالرا واري وبا ۾ عوامي خدمتن دوران هو ڪالرا وگهي فوت ٿي ويو. سوبو ان کي شهيد ٿو ڪوٺي پر شهيد الهه بخش سومرو، جيڪو سنڌ ۾ پنهنجي احوالن ڪري مشهور آهي، ان کي مخالفن گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو، سوبو ان کي مرحوم ٿو لکي.

پنهنجي انهن سائين جن هاري ڪميٽي ۾ رهي سنڌ ۾ ڪم ڪيو. انهن لاءِ سندس رايا جابجا موجود آهن. رڳو هي پڙهو:

”رئيس بروهي پاڻ هڪ چڱو خاصو بااثر نندڙو وڏيرو ٿي چڪو هو ۽ وٽس گهٽي ئي ننڍا وڏا هارين جا فيصلا ٿيندا رهندا هئا. مولا بخش ڏهراج، جيڪو ظالم ڏهراجن جي خاندان مان هو. سو پاڻ هڪ ننڍي زميندار مان وڏي وڏو دڪاندار بڻجي چڪو هو...“ (ص90)

”...گوبند مالهي ۽ مان 1945ع جي شروعات ۾ ريگستاني قول ۽ پرهه ڦٽي جا ڪتاب ڪٽي سنڌي روشن خيال ماڻهن کان مدد وٺڻ لاءِ حيدرآباد، نوابشاهه، ٺارو شاهه، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي مان چڪر لڳائي آياسون. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي کان ٻه ان وقت حيدرآباد ۾ رهندڙ اديبن متعلق پڇا ڳاڇا ڪئي سون. هن تيرٿ وسنت (جنهن ٽئگور جو ڪتاب ’چٽنگون‘ ڇپرائي ان زماني ۾ وڏو داد حاصل ڪيو هو) مونڏانهن موڪليو. جنهن ٻڌايو ته هن وٽ ڪتاب پڳت ڪنور رام ڇپائيءَ لاءِ تيار هو پر بنا معاوضي اهو ڪتاب ڇپائي ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. تيرٿ اهو ڪتاب بعد ۾ انڊين اڪيڊمي آف ليٽرس کي ڇپائڻ لاءِ ڏنو. جنهن لاءِ ڪيس خاصو معاوضو مليو هوندو...“ (ص64)

تيرٿ وسنت لاءِ اها ڳالهه سوبي لکي آهي، ان تي مان ڪا راءِ نه ٿو ڏئي سگهان. باقي اها ڳالهه بلڪل غلط آهي ته تيرٿ اهو پڳت ڪنور ڪتاب انڊين اڪيڊمي آف ليٽرس کي معاوضي عيوض ڇپائي لاءِ ڏنو. جڏهن ته اهو ڪتاب مون وٽ موجود آهي. اهو ڪتاب تيرٿ وسنت ئي ڇپرايو هو نه ڪي انڊين اڪيڊمي آف ليٽرس.

ڪتاب ۾ ايتريون ته غلط ڳالهيون آهن جيڪي صفا غلط آهن. يا غلط نموني لکيو ويون آهن پر اسان کي سوبي جي نيتن تي ڪو ٻه شڪ ڪونهي. مور ته اهي ڳالهيون خود سوبي تي گواهه بڻائي سگهجن ٿيون. واقعا غلط، نالا غلط، مثال طور ’طارق اشرف حسين(ص38)‘، ’حسين بخش شاهه‘ ۽ اهي ٻه ٽي نالا سنڌ جي سياست جا الڳ الڳ ڪردار آهن. باقي ڪتاب ۾ پروف جي غلطين لاءِ ڇا چئجي؟ اهي ايتيرون آهن جو پبلشر نوٽ ۾ ’هي ادارو‘ جي جاءِ تي ’سهي اداري‘ سان ان جي جيئڻ شروعات ٿئي ٿي ته ان جو اڻ کٽ سلسلو سڄي ڪتاب ۾ ڇانيل آهي.

**پروفيسر مير محمد مقبول سومرو، هنگورجا.**

گذارش ته ماهوار سوجهرو آگسٽ 2013 وارو پرچو نظر مان نڪتو. اهو پرچو ادل سومرو نمبر سالگره مبارڪ سان تعلق رکي ٿو. ان جو مواد پڙهي بيحد خوشي حاصل ٿي.

جيئن ته ادل سومرو پروفيسر جي حيثيت ۾ علم ۽ آگهي جي روشني ڦهلائيندڙ آهي. ان لحاظ کان اهو بهتر ٿئي ها ته اهو خاص نمبر ان ئي مانواري پروفيسر جي نانءُ نڪري ها. باقي رهيو پرچي وارو ٻيو مواد اهو جيڪڏهن ٻئي پرچي ۾ شايع ٿئي ها ته ڪو فرق ڪونه پوي ها.

(واهه پروفيسر صاحب، پرچو رڳو ’سالگره مبارڪ‘ سان تعلق رکندڙ هو؟ ادل سومرو ڊاڪٽر ۽ پروفيسر هوندي ٻه اسانکي سختيءَ سان روڪيو ته اهي لفظ/لقب سندس نالي سان شامل نه ڪيا وڃن. ٻي پرچي جو مواد پوءِ ڪيڏانهن ڪيون ها؟)

**رضا لانگاهه، مورو.**

درست آهي ته ادبي تحريڪن يا نظرين ۾ نفيءَ جي نفي ٿيندي رهي آهي. جيڪڏهن ادبي تحريڪن يا نظرين ۾ نفيءَ جي نفي نه ٿئي ها ته نه ادبي تحريڪن جي اؤسر ٿي سگهي ها، نه نظريا ڪو ڪردار ادا ڪري سگهون ها؟ پر اهو جدلياتي علم ئي آهي. جيڪو ٻ ڪڻ جي رَندي وارو رول ادا ڪري رهيو آهي.

اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته جهڙيءَ طرح ڪلاسزم جي نفي رومانوي تحريڪ ڪئي. رومانوي تحريڪ جي نفي پروگريسوازم جي ذريعي ٿي ۽ پروگريسوازم جي نفي جديديت پڄاڻان جي تحت ڪئي وئي. اهڙيءَ طرح ادبي تحريڪن يا نظرياتي تحريڪن سان گڏ هڪ اديب پڻ ٻئي اديب جي پورهئي ۽ ڪردار کان نفي پئي ڪئي آهي. شرط اهو آهي ته ان ۾ نفي ڪندڙ اديب جي سوچ ڪنهن ٻئي اديب لاءِ پازيٽو آهي يا نيگيٽو. جيڪڏهن پازيٽو آهي ته اهوئي صحيح ۽ حقيقي اديب هجي ٿو. جيڪر ان جي سوچ ذاتيات سان جُڙيل آهي ته پوءِ ان اديب کي صحيح ۽ حقيقي اديب چوڻ ڪنهن ٻه طرح درست ٿي سگهندو؟

توهان ٽچ مي پليز (touch me please) ۾ انهن اديبن کي ڪاپاري ڏکَ هنيا آهن. جن هميشه ادب جي آڙ ۾ سرڪار جا جوتا چٽي پنهنجي ذاتي ڪمن ۽ مفادن کي ترجيح پئي ڏني آهي. اوهان جي اهڙي بهادراڻي عمل جي جيتري ٻه تعريف ڪجي. اها نه هئڻ جي برابر هوندي.

ڪيڏي نه افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته مفاد پرست اديب پنهنجي مظهر ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جا نعرا هڻندي ۽ لکندي ڍاپن ڪونه ٿا. پر سندن جوهر ۾ ڏسبو يا پرکبو ته هو سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ وچونءَ جهڙا نظر ايندا. اهڙن مفاد پرست اديبن جا بکيا اديڙي اوهان جيڪا نفي ڪئي آهي. اها بلڪل صحيح آهي. اهڙو ڪم توهان پهريون ڀيرو نه پر هميشه ڪندا آيا آهيو. جنهن جي صحيح ۽ حقيقي اديبن ته آجيان پئي ڪئي آهي. پر مفاد پرست اديبن اوهان تي الزام مٿان الزام لڳائڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. جنهن جي توهان ڪڏهن ٻه پرواهه ناهي ڪئي. اهائي هڪ صحيح ۽ حقيقي اديب جي سڃاڻپ آهي.

چوندا آهن ته تاريخ انساني سوچ، سمجهه ۽ سرگرمين جو اُهڃاڻ هوندي آهي. جن اديبن ڌرتيءَ جو سودو ڪري وڏين وڏين ڪرسين کي ماڻيو آهي. انهن جي اهڙي گندي سوچ، سمجهه ۽ سرگرمين کي تاريخ ڪڏهن ٻه بخش نه ڪندي. بقول ڪنهن اديب جي، ’اي دوست تون چوين ٿو ته مان لکڻ ڇڏي ڏيان. سا ڳالهه منهنجي وس ۾ ناهي. جيڪڏهن تون منهنجي قلم کي غور سان ڏسندين ته منهنجي قلم جي ٽوڪ ۾ زبان ڏسڻ ۾ ايندي. نه ته لکان ته قلم شور ٿو ڪري.‘ توهان پنهنجي قلم جي ذريعي اهڙن مفادپرست اديبن جي رستاروڪ ڪري، اصولي تنقيد/نفيءَ جو جيڪو بحث ڇيڙيو آهي. ان ۾ توهان جي مطالعي ۽ مشاهدي جي آجيان ڪجي ٿي ۽ گڏوگڏ سلام پڻ پيش ڪجي ٿو. ■




هن ڪتاب ۾ محترمه ماهتاب محبوب
مرحوم حسن درس جي زندگي بابت درد
جو ڪٿارسس ڪيو آهي.
صفحا: 111، قيمت: -/200

ڪتاب ملڻ جي ايڊريس
ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي.
فون: 0300-2879794